

# جاگرافي

## درجو ڏهون



سرڪاري فيصلو نمبر: ابياس ٢١١٦ (پر.ڪر ١٦/ ٤٣) ايس.ڊي.٤، تاريخ ١٦.٤.٢٥ موجب اسٽاپت ڪيل ڪو آرڊينٽينگ ڪاميٽيءَ جي تاريخ ٢٩.١٢.١٧ جي ميٽنگ ۾ هن درسي ڪتاب کي سن ٢٠١٨-١٩ کان مختصر طور منظوري ڏني ويئي آهي.

# جاگرافي

## درجو ڏهون

U3LAR7

پنهنجي سمارٽ فون ۾ DIKSHA APP ذريعي درسي ڪتاب جي پهرين صفحي واري Q.R. Code ذريعي Digital درسي ڪتاب ۽ هرهڪ سبق ۾ آيل Q.R. Code ذريعي ان سبق بابت پڙهڻ / پڙهائڻ لاءِ ڪارائتيون لنڪس ملنديون.

٢٠١٨

مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي و اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

ڇاپو پهريون : ٢٠١٨

©مهاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي-٤١١٠٠٤
مهاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، وٽ هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آهن. هن ڪتاب جو ڪوبہ ٽڪر ڊائريڪٽر، مهاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پُستڪ منڊل جي لکيل اِجازت کان سواءِ ڪٿي نقل نہ ڪجي.

**جاگرافي وشيہ سمتي:**
ڊا. اين. جي. پوار، اڌيڪش
ڊا. سُريش جوگي، ميمبر
ڊا. رجني ماڻڪراو ديشمکہ، ميمبر
شري سچن پرشورام آهير، ميمبر
شري گؤري شنڪر دتاتريہ کوبري، ميمبر
شري ر.ج. جاڌو، ميمبر - سيڪريٽري

**جاگرافي اڀياس گٽ:**
ڊا. هيمنت منگيش راو پيدڻيڪر
ڊا. ڪلپنا پرياڪر راو ديشمکہ
ڊا. سُريش گهيٽواراو سازوي
شري ساون ماڻڪراو ديشمکہ
شريمتي سمرڊي ملند پتورڌن
ڊا. سنتوش وشواس نيوسي
ڊا. هٽمنت لڇمڻ نارايڪر
شري پنڊلڪ دتاتريہ نلاوڙي
شري پووار بابوراو شريپتي
شري اتل ديناناٿ ڪلڪرڻي
شري شانتارام نٿوُ پاٽيل
شري ساگر راجو سساڻي
شري راميشور سداشوراو چرپي
شري گلزار فقير محمد منيار
شريمتي منگلا گُڙي وشويڪر
شري سنجيہ ڪمار گڻپٽ جوشي
شري. سنجيہ شريرام پئنڻي
شري شريرام رگهوناٿ ويڄاپورڪر
شري اوم پرڪاش رتن ٿيٽي
شري پدماڪر پرهلاد راو ڪلڪرڻي
شريمتي شوڀا سُپاش ناگري
شريمتي ڪلپنا وشواس ماني

**چترڪار :** شري پتو رامداس باگلي
**مکيہ پيج ۽ سڄاوٽ :** شري پتو رامداس باگلي
**نقشاڪار :** شري روي ڪرڻ ڄاڌو
**سنيوجڪ :** شريمتي ڪيتڪي جاني
(اِنچارج وشيش اَڌڪاري سنڌي)

**سنيوجڪ سهايڪ :** شريمتي گيتا گڻيش ٺاڪر
(ڪاپي رائيٽر، سنڌي)
**ترجمو ڪندڙ :** شري وڄيہ راڄڪمار منگلاڻي
**چڪاس ڪندڙ :** شري شام رهندومل ٺلواڻي
**ڪاغذ :** ٧٠ جي. ايس. ايم. ڪريم وو
**آرڊر :** N/PB/2018-19/(1000)
**ڇاپيندڙ :** M/s. Uchitha Graphics Printers Pvt. Ltd., Navi Mumbai

**نرمتي:**
شري سچيتانند آڦڙي (مکيہ نرمتي آفيسر)
شري ونود گاوڙي (نرمتي اَڌڪاري)
شريمتي متالي شتپ، (نرمتي سهايڪ)

**ٽائيپ سيٽنگ :** ڪرشنا اِنٽرپرائيز
ڪئمپ، پوني.
اَنيتا ماکيجا، جانڪي موٽواڻي

**پرڪاشڪ :**
شري وويڪ اُتم گوساوي،
پاٺيہ پُستڪ نرمتي منڊل،
پرڀاديوي، ممبئي - ٢٥.

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪُ مڪمل طور خودمُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيہ بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موُقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ ڇويهين نومبر، ١٩٤٩ جيِ ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڙڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## راشٽر گيت

جَن گَڻ مَن اَڌينايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَت ڀاڳيہ وڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجرات، مَراٺا،
دراوڙ، اُتڪلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُڇلِ جلِ ڌِ تَرَنگَ،
تَو شُڀَ نامي جاڳي،
تَو شُڀَ آشيس ماڳي،
گاهي تَو جَيَہ - گاٿا،
جَن گَڻ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳيَہ وڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي،

## پرتگيا

’ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گَوُرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن متن مائٽن، اُستادن ۽ سڀني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس .

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ ئي منهنجو سک سمايل آهي.‘

# پرستاونا

پيارا شاگرد دوستو

ڏهين درجي ۾ توهانجو سواگت آهي. جاگرافي وشيہ توهان درجي ٽئين کان پنجين ۾ پسگردائي اڀياس ۽ درجي ڇهين کان نائين ۾ جاگرافيءَ جي درسي ڪتاب وسيلي سکيا آهيو. درجي ڏهين جو هي جاگرافيءَ جو درسي ڪتاب توهانجي هٿن ۾ ڏيندي اسان کي خوشي ٿي رهي آهي.

توهانجي آس پاس انيڪ واقعا ٿيندا آهن. توهانکي سمائيندڙ قدرت، اُس، مينهن، ٿڌ جي روپ ۾ توهان سان هميشهہ گڏ هوندو آهي. ٿڌي هوا توهان کي آنند ڏيندي آهي. اهڙا ڪيترائي قدرتي واقعا، قدرت بابت ڳالهين جي سمجهاڻي جاگرافي وشيہ ۾ ملندي آهي. جاگرافي توهان کي سانده قدرت ڏانهن وٺي هلڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. جاگرافي وشيہ ۾ ساهوارن جو قدرت سان ۽ آپسي ڪريائن جو اڀياس ڪيو ويندو آهي.

جاگرافيءَ ۾ توهان ڌرتيءَ نسبت انيڪ بنيادي ڳالهيون اڳ ۾ سکي چڪا آهيو. توهان جي روزاني زندگيءَ سان جڙيل انيڪ جزا توهان ان وشيہ ذريعي سکيا آهيو. ان جو فائدو توهانکي اڳتي ضرور ٿيندو. ان وشيہ ذريعي اسان مالي، سماجڪ، سپيتڪ ڪريائن جو بہ اڀياس ڪيو آهي.

هيءَ وشيہ سکڻ لاءِ جاچ، سمجهڻ، ڇنڊڇاڻ ڪرڻ، دليلي ويچار هنر اهم آهن. اهي واپرايو ۽ سانديو. نقشا، گراف، چتر، چاڻ تڪنيڪ، خاڪا اهو وشيہ سکڻ جا ساڌن آهن. انهن جو اڀياس ڪريو. درسي ڪتاب ۾ ان جو موقعو ڏنل آهي.

هن درسي ڪتاب ۾ درجي نائين تائين سکيل ويچارن جو دؤر ڏنل آهي. انجو دؤر ڪرڻ لاءِ توهان کي اڳ ۾ سکيل درسي ڪتابن جي ڳالهيون ضرور ڪم ۾ ايندیون. اهي ڀلائجو نہ! هن درسي ڪتاب ۾ ڀارت ۽ برازيل ديشن جي ڀيٽ ڪندڙ خاص پيش ڪش ڪيل آهي، اها توهان کي پڪ وڻندي.

توهانجا رد عمل اسين شفي نموني قبول ڪندا آهيون، اهي ضرور ڀڌايو. توهان سيني کي دلي واڌايوُن!

توهان سيني کي من سان واڌايون!

پڻي:

تاريخ ١٨ مارچ ٢٠١٨، گُڙي پاڙوا

ڀارتيہ سوريہ تاريخ

٢٧ ڦاڳڻ ١٩٣٩

(ڊاڪٽر سُنيل مگر)

سنچالڪ

مهاراشٽر راجيہ پائيہ پُستڪ نرمتي وَ

اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

## لياقتي بيان

| نمبر | ڪيتر | باب | لياقت |
|---|---|---|---|
| ١. | عام جاگرافي | ١.١ بيهڪ ۽ پکيڙ | • خاص ايراضيءَ جي جاچ گڏ ڪرڻ ۽ پيٽ ڪرڻ.<br>• جاگرافيڪل جاچ جي آڌار تي يا ان بابت سوال پڇڻ.<br>• ڪنهن ايراضيءَ جي بيهڪ، پکيڙ بابت نقشو ۽ شڪلين تي گولائين جاري رکي جواب ٺاهڻ سکڻ. |
| ٢. | قدرتي جاگرافي | ٢.١ قدرتي بناوت | • ايراضيءَ نسبت جاگرافيڪل جاچ وسيلي اندازو لڳائڻ.<br>• ڪا ايراضي ۽ انجي آس پاس جي ايراضيءَ جي قدرتي جزن ۾ هڪجهڙائي ۽ فرق ٺهائڻ.<br>• جاگرافيڪل ڳالهين جي پيٽ ڪري سوالن جا جواب ڏيئي سکڻ.<br>• ڪا ايراضي ڪهڙن سببن ڪري علحدگي لڳي تي اهو ڳولهي سکڻ. |
| | | ٢.٢ آبهوا | • ايراضين نسبت جاگرافيڪل انداز لڳائڻ لاءِ جاچ گڏ ڪري سکڻ.<br>• ٻين ايراضين نسبت ڪنهن خاص ايراضيءَ بابت سوال ٺاهڻ ۽ انهنجا حوالا ڳولهي سکڻ. |
| | | | • قدرتي سرشتن جي لاڳاپن بابت رايا ٺاهڻ سکڻ. |
| | | ٢.٣ ابي روپ | • الڳ الڳ ايراضين جي اڏاوت جو ورگيڪرڻ ۽ جاچ ڪرڻ سکڻ. |
| | | ٢.٤ قدرتي نباتات ۽ ساهوارا | • پسگردائيءَ جا مسئلا سمجهي اُن تي اُپاءَ ڪرڻ.<br>• پسگردائيءَ جي قدرتي نباتات ۽ ساهوارن جي رهائش جا سبب ٺهائي سکڻ. |
| ٣. | اِنساني جاگرافي | ٣.١ آدمشماري | • آدمشماريءَ جي ڳڻپ ڪري سکڻ ۽ انجو لاڙو جاچي سکڻ.<br>• انساني آدمشماريءَ ۾ آپسي لاڳاپا، سهڪار ۽ مخالف ڳالهين تي مالي، سياسي، سيپٽڪ ۽ سماجڪ ترتيبن جي اثر جي جاچ لهي سکڻ. |
| | | ٣.٢ بستي | • پسگردائيءَ ۾ تبديل ڪرڻ سان ڪن هنڌن تي واڌارو تہ ڪن هنڌن تي مسئلا پيدا ٿين ٿا.<br>• بستين جي اڏاوت ۽ جاگرافيڪل پسگردائي جي جاچ ڪري آپسي لاڳاپو ٺهائي سکڻ.<br>• سيپٽڪ اڏاوت، قدرتي سرشتا ۽ مالي آپسي مدار بابت اندازو لڳائي سکڻ.<br>• مڪاني ۽ ياڱا ئي ماڻهن جي واڌاري تي اثر ڪندڙ جزا ٺهائي سکڻ.<br>• ڏ پلاڻ سان لاڳو رکندڙ ڦيرائتا ٺهائي سکڻ.<br>• ڪا ايراضي ڪهڙن سببن ڪري الڳ آهي اهو ٺهائي سکڻ. |
| | | ٣.٣ زمين جو اپيوگ | • قدرتي دؤلت جي استعمال جي نيتين ۽ يوجنائن تي راءِ ڏيئي سکڻ.<br>• زمين جي اپيوگ جي مستقبل نسبت انداز ۽ انجا نتيجا ٺهائي سکڻ.<br>• ڪنهن ايراضي ۽ ان جي آس پاس ايراضي ۾ قدرتي هڪجهڙايون ۽ فرق سمجهائي سکڻ ۽ انجي اهميت ٺهائي سکڻ. |
| | | ٣.۴ ڌنڌا | • مالي آپسي مدار جي اڏاوت ۽ آپسي لاڳاپو سُڃاڻي سکڻ.<br>• انساني ڪريائن تي ڪهڙا قدرتي جُزا اثر ڪن ٿا اُهو ڳولهڻ.<br>• ڪنهن ايراضيءَ جي قدرتي پسگردائيءَ جو اتان جي مالي حالت، سپيتا ۽ واپار تي ٿيندڙ اثر بيا ڪري سکڻ.<br>• ڪا ايراضي ڪهڙن سببن ڪري علحدي آهي اهو ڳولهي سکڻ. |
| | | ٣.۵ آمدرفت ۽ رابطو | • سامان، شيوائون ۽ تڪنيڪ سبب ڪنهن ايراضيءَ جا هنڌ هڪ ٻئي سان ڳنڍجن ٿا، اهو ٺهائي سکڻ.<br>• ڏيڻ -وٺڻ، آپسي لاڳاپو، انساني چرپر سان جڙيل هوندو آهي اهو جاڻڻ.<br>• نقشي وسيلي انداز لڳائڻ ۽ نتيجا ڪيڙڻ. |
| ۴. | عملي جاگرافي | ايراضيءَ جي جاچ پڙتال | • ٻين ايراضين جي پيٽ ۾ ڪنهن ايراضيءَ بابت مُدا خيال ۾ رکي کوجنا ڪري سکڻ.<br>• سوالن جا جواب حاصل ڪرڻ لاءِ جاگرافيڪل وسيلن جو استعمال ڪري سکڻ.<br>• مليل جاچ جي پيش ڪش ڪري سکڻ. |

# ماسترن لاءِ

✓ درسي ڪتاب پهرين پاڻ سمجهو.

✓ هرهڪ باب جو ڪارين لاءِ الڳ رٿا خبرداريءَ سان ٺاهيو. رٿا ڪانسواءِ باب سيکارڻ غير واجب ٿيندو.

✓ سکڻ - سيکارڻ ۾ ماستر - شاگرد وچ ڳالهه ٻولهه، ترتيب، سيني جو سهڀاڳ ۽ توهانجو مارڳ درشن ضروري آهي.

✓ اسڪول ۾ هوندڙ جاگرافيءَ سيکارڻ جا ساهتيه واپرائڻ وشيه سمجهڻ لاءِ ضروري آهي. اِن لاءِ گلوب، دنيا، ڀارت، راڄيه جا نقشا، نقشن جو ميڙ، ٽيپ ماپ اؤزار جو استعمال آهي..

✓ بابن جو عدد وڌيڪ نہ آهي پر هرهڪ باب سيکارڻ ۾ ڪيترا پيرڊ لڳندا اهو ويچار ڪيل آهي. خيالي مُدا ڏکيا هوندا آهن انڪري فهرست ۾ ڏنل پيرڊن جو پورو استعمال ڪريو. باب ٿوري ۾ سمجهائي ختم نہ ڪريو. ان سان باب سمجهڻ ۾ ٻار کي مدد ٿيندي.

✓ جاگرافيڪل مُدا ٻين سماجڪ شاسترن وانگر سولا نہ سمجهندا آهن. اهي وگيانڪ بنياد ۽ خيالي ڳالهين تي مدار رکندا آهن، گروهه ۾ ڪم ڪرڻ، هڪ ٻئي جي مدد سان سکڻ، کي همٿايو. ان لاءِ ڪلاس ۾ بندوبست بدلايو جيئن ٻار وڌ ۾ وڌ سکي سگهن.

✓ بابن جون الڳ الڳ چوڪٽون ۽ ان بابت هدايتون ڏيندڙ ''گلوب'' چتر شاگردن ۾ وٺندڙ ٿيڻ گهرجن.

✗ هيءُ درسي ڪتاب نئين نموني ۽ مشغولي آڌارت پڙهائڻ لاءِ ٺاهيو ويو آهي، اهو رڳو پڙهي ٻڌائڻو نہ آهي.

✓ مُدن (Topics) جو سلسلو ڏيان ۾ آڻي اُن موجب پڙهائڻ وشيه جو گيان نرمتيءَ لاءِ صحيح ٿيندو. ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟ اهو ڀاڱو ملهه ماپڻ لاءِ نہ آهي.

✓ درسي ڪتاب جي آخر ۾ ضميمو ڏنل آهي، باب جي مکيه ڳالهين جو بيان ان ضميمي ۾ ڪيل آهي. اهي لفظ آئيوتيا نموني ڏنل آهن. بابن ۾ اهي لفظ نيرن چوڪٽن ۾ ڏنل آهن. مثال مقصدي نقشا (باب - ١، صفحو ١)

✓ بابن جي آخر ۾ حوالن لاءِ ويب سائيٽس ڏنل آهن. ان ڪانسواءِ استعمال ٿيل سامان جي ڄاڻ ڏنل آهي، توهان پاڻ ۽ شاگرد اهو سامان واپرايو. ان حوالن لاءِ ڄاڻ وسيلي توهان وشيه پوري نموني سمجهي سگهو ٿا.

✓ ملهه ماپڻ لاءِ مشغولي آڌارت، گهڻ جوابي، وسيع جوابي، خيالن کي همٿائيندڙ سوال استعمال ڪريو. باب جي آخر ۾ ايپاس جا ڪُجهه مثال ڏنل آهن.

✓ ڪتاب ۾ ڏنل 'ڪيو آر ڪوڊ' استعمال ڪريو.

---

درجي ڏهين جو هيءُ درسي ڪتاب ٺاهڻ وقت ڀيٽ واري ايپاس جي ضرورت خيال ۾ رکي ويئي. هن ڪتاب ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ايراضيون هجن ۽ ديشن ۾ ڀاڱا ئي ڀيٽ نہ ٿئي اهو ٻہ طي ٿيو. ديشن ۾ هڪ ڀارت ٿيندو اها پڪ هئي پر ٻئي ديش بابت گهڻو ويچار ٿيو. ان لاءِ هينيان مُدا ڏيان ۾ رکيا ويا.

- ديش وڏارو ڪندڙ هجي.
- ٻئي اڌ گول جو هجي.
- ساڳئي کنڊ جو نہ هجي.
- ڀارت سان هڪجهڙايون هوندڙ پر الڳ بناوت وارو.
- ڀارت وانگر سپيتڪ ۽ قدرتي علحدگي هجي.
- گهٽ ۾ گهٽ هڪ عالمي گروهه جو ڀارت سان گڏ ميمبر هجي.
- ڀارت وانگر ساموندي ڪنارو هجي.
- ڀارت وانگر پرجاوادي سرڪار هجي.
- اتهاسڪ پس منظر نسبت ڪجهه هنڌ ساڳيا هجن.
- درجي نائين تائين سکيل ڳالهين جو اپيوگ ٻنهي ديشن لاءِ ساڳي سطح تان ڪري سگهجي.
- مٿين مُدن جي آڌار تي برازيل ديش چونڊيو ويو.

جاگرافيڪل مُدن جو اپيوگ ڀاڱيوار هڪ طريقي ڪرڻ سان مزو نٿو اچي. ڀاڱائي علحدگي، هڪجهڙايون، علحدگيون، اهي ڳالهيون جاچي ايپاس ڪرڻ ضروري هوندو آهي. ان ۾ جاگرافيءَ جو تت آهي. ان سبب ڀارت سان برازيل ديش جي چونڊ هن سال جي ايپاس لاءِ مُناسب رهندي ائين محسوس ڪجي ٿو.

# فهرست


| نمبر | سبق جو نالو | ڪيٽر | صفحو | گهربل |
|---|---|---|---|---|
| .١ | ايراضي جي جاچ پڙتال | عملي جاگرافي | 1 | ١٠ |
| .٢ | بيهڪ ۽ پکيڙ | عام جاگرافي | 9 | ٠٦ |
| .٣ | قدرتي بناوت ۽ آبي سرشتو | قدرتي جاگرافي | 14 | ١٠ |
| .٤ | آبهوا | قدرتي جاگرافي | 25 | ٠٩ |
| .٥ | قدرتي نباتات ۽ جانور | قدرتي جاگرافي | 32 | ٠٩ |
| .٦ | آدمشماري | انساني جاگرافي | 38 | ٠٨ |
| .٧ | انساني بستي | انساني جاگرافي | 46 | ٠٨ |
| .٨ | مالي سرشتو ۽ واپار | انساني جاگرافي | 52 | ٠٨ |
| .٩ | سئر سفر آمدرفت ۽ رابطو | انساني جاگرافي | 61 | ٠٨ |



S.O.I. Note : The following foot notes are applicable : (1) © Government of India, Copyright : 2018. (2) The responsibility for the correctness of internal details rests with the publisher. (3) The territorial waters of India extend into the sea to a distance of twelve nautical miles measured from the appropriate base line. (4) The administrative headquarters of Chandigarh, Haryana and Punjab are at Chandigarh. (5) The interstate boundaries amongst Arunachal Pradesh, Assam and Meghalaya shown on this map are as interpreted from the "North-Eastern Areas (Reorganisation) Act. 1971," but have yet to be verified. (6) The external boundaries and coastlines of India agree with the Record/Master Copy certified by Survey of India. (7) The state boundaries between Uttarakhand & Uttar Pradesh, Bihar & Jharkhand and Chattisgarh & Madhya Pradesh have not been verified by the Governments concerned. (8) The spellings of names in this map, have been taken from various sources.

DISCLAIMER Note : All attempts have been made to contact copy righters (©) but we have not heard from them. We will be pleased to acknowledge the copy right holder (s) in our next edition if we learn from them.


صفحي ٩ لاءِ نوٽ : چتر ۾ ترنگي جي رنگن جو پئمانو تڪنيڪي گهٽتائي سبب ممڪن نہ ٿي سگهيو آهي.

ڪور پيج : شڪارا - شري نگر، هماليہ قطارون ۽ نديون، سندر بن جا چيتا، اجنتا غفائون، ائٽلانٽڪ مهاساگر - برازيل، گرين ائناڪونڊا، ڪارنول برازيل، رئيودي جنيريو شهر جو نظارو

پٺيون پيج : نل درگ قلعو - عثمانا باد، عربي سمنڊ، ممبئي سنهه ٽڙهه ۽ آس پاس ايراضي، پارت ۾ نهيل راڪيٽ، اميزان ندي، خط استوائي ٻيلا.

# ١. ايراضيءَ جي جاچ پڙتال

راهُل جي ڪلاس جا شاگرد ۽ اسڪُول جا ماستر، اُسماناباد ضلعي جي نل دُرگ کان رائگڙهه ضلعي جي علي باغ تائين جاچ پڙتال لاءِ نڪتا آهن. ان سفر لاءِ اسڪُول اِيس.ٽي. جي سيوا لاءِ قرار ڪيو آهي. ان جاچ پڙتال جي رٿا راهُل ۽ سندس دوستن ماسترن جي هدايتن موجب ناهي آهي. وديارٿي اِن سفر ۾ زميني بناوت، نباتات ۽ بستين ۾ ڏسجندڙ تبديل جو آزمودو ڪيئن ٿا وٺن، ان جي ڄاڻ حاصل ڪريون.

ڪلاس جي شاگردن ۽ ماسترن ۾ گفتگو هيٺ ڏنل آهي، اها پڙهو.




شڪل ١٠١: جاچ پڙتال جو رستو

ايراضيءَ جي جاچ پڙتال لاءِ شاگردن هيٺين ساهتيہ ڪنيو آهي.




شڪل ١٠٢: جاچ پڙتال لاءِ گهربل سامان

**ڳالهه ٻولهه ڪريو.**

- توهان ان دؤري جي تياري ڪيئن ڪندا؟
- سمجهو توهانجي ماسترن توهان کي رٿا ناهڻ لاءِ چيو تہ توهين ان جي تفصيلوار رٿا ڪيئن ناهيندا؟



شڪل ١٠٣: نل درگ جو نر-مادي آبشار

پهريون ڏينهن : وقت صبح جا ٦.٠٠

ماسترياڻي : هاڻي اسان نل درگ کان سولاپور ڏانهن وڃي رهيا آهيون. نيرن اسان سولاپور ويجهو ڪنداسين. منجهند جو ڪاڏو پٽي ۾ سنهه ڳڙهه ويجهو ڪنداسين. ان سفر ۾ توهان کي رستي جي ٻنهي طرف ڏانهن جاچ ڪري هينين مُدن جي آڌار تي ڪاپيءَ ۾ داخلا ڪرڻا آهن.

- زميني بناوت • پاڻي جو پندار • نباتات • مٽي
- کيتي • انساني بستيون • بستين جي اڏاوت

راهُل : جي مئدم. ڪٿي ڪٿي لاهي چاڙهيءَ واري زمين آهي تہ ڪٿي سڌي زمين آهي. ڪٿي ڪٿي کيت بہ آهن.

ساڪشي : رستن جي پاسي ننڍيون بستيون آهن. چانهه جا دوڪان، ڍابا پيٽرول پمپ، ۽ ٻيا دوڪان به ڏسجن ٿا.

ماسترياڻي : مينا تون ٻڌاءِ.

مينا : مئڊم هاڻي اسين لاهه طرف وڃي رهيا آهيون ڇا؟

ماسترياڻي : برابر، هاڻي اسان بالا گهاٽ جابلوُ قطار جي ڏکڻ طرف آهيون. بالا گهاٽ قطار سهياڊري جبلن جي اوپر ڏانهن پکڙيل هڪ شاخ آهي. توهان کي ڏنل نقشو ۽ زميني بناوت ڏسندا رهو. توهانکي زميني بناوت ۾ تبديليون پاڻيهي ڏيان ۾ اينديون. هاڻي بستين جي اڏاوت ۽ گهرن بابت ٻڌايو ته!

سوُرج : مئڊم، ڳوٺاڻي ايراضين ۾، رستي ويجهو بستيون هڪ قطار ۾ آهن. گهرن جون ڇتيون پٿرن ۽ مٽيءَ جون آهن. گهرن جي ڇت لاءِ ڪاٺ ۽ مٽي استعمال ڪيل آهي.

رينوُ : هن ايراضيءَ ۾ گاهه سُڪل ڏسجي ٿو. ڪن هنڌن تي ٻن ڇٽيل وڻ آهن.

ماسترياڻي : سوُرج، رينوُ صحيح آهي. اهڙا گهر هوندڙ بستين کي ليکي بستيون چئجي ٿو، اهو اسين ستين درجي ۾ سکيو آهي. انهن گهرن کي ڪچا گهر چئجي ٿو. اهي خاص طريقي ڻاهيل جهوني نموني جا گهر آهن. اتان جي نباتات خشڪ ايراضيءَ جي ٻن ڇاڻيندڙ آهي، ان جا ٻن خاص عرصي ۾ ڇٽندا آهن. (ٿوري وقت کان پوءِ سولاپور شهر اچي ٿو)

ماستر : هاڻي اسين سولاپور شهر ۾ پهتا آهيون. شهري ايراضين ۾ آدمشماريءَ جي گهاٽائي وڌيڪ هوندي آهي، ان ڪري اتي گهڻ ماڙي عمارتون ڏسبيون آهن. اهي عمارتون، سيمينٽ، ريتي، پٿر ۽ پاڻي ۽ سيمينٽ جي ملاوت مان سرن وسيلي ٺهنديون آهن. شهرن ۾ رستن ويجهو مال، وڏيون هوٽل ۽ جديد سهوليتن وارا دوڪان هوندا آهن.

(شاگرد شهرن جي علحدگيءَ جي جاچ ڪن ٿا. سولاپور شهر پار ڪري ماسترن راهُل کي نيرن جا پئڪيٽ شاگردن کي ورهائڻ لاءِ چيا. شاگردن نيرن ڪئي. ڪجهه وقت کان پوءِ ماسترن وري کي هدايتون ڏنيوُن)

ماسترياڻي : هاڻي اسين سولاپور شهر کان ٻاهر وڃي رهيا آهيون. شاگردو آس پاس کيتي ڏسو. جاچ ڪري داخلا ڪيو ۽ اهي ٻڌايو.

(شاگرد رستي جي ٻنهي طرفن کان جاچ ڪري داخلا ڪاپيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيا، اهو ڪم چڱو وقت هليو.)

ساوتري : مئڊم مونکي هتي ساوا کيت ڏسجن ٿا. اسان جي نل درگ کان نڪرڻ کان پوءِ ٻوٽن وارا فصل ڏسجن پيا ۽ هڪ ٻن هنڌن تي ڪمند لڳل هو. پر هتي ته هر طرف ڪمند ڏسجي ٿو!



شڪل ١.٤: ڪچو گهر




شڪل ١.٥: رستا ۽ دوڪان

- ايراضيءَ ۾ جاچ پڙتال درميان ڪهڙين ڳالهيون جي خبرداري ونندا؟



شڪل ١.٦: خشڪ ايراضيءَ جي نباتات

- ڪچن گهرن بابت وڌيڪ جاچ هٿ ڪريو.



شڪل ١.٧: دالين جي کيتي

- دالين جي اناجن ۽ گهٽ برسات جو لاڳاپو ڳولهيو.

ماسترياڻي : برابر! نل درگهه کان پوءِ اسان مٽِيءَ، مانهن ۽ ٻين دالين جا فصل ڏٺا. هتي هرهنڌ ڪمند جو فصل ڏسجي ٿو، ڇو تہ هتي ريج جي سهوليت آهي.

ساوتري : ها مئڊم، ٿوري دير اڳ مان هڪ واهہ ڏٺو ۽ هاڻي سامهون هڪ وڏو جل پنڊار ڏسجي ٿو. اهو ڇا آهي؟

(ماسترن ڊرائيور کي اِنڊاپور ويجهو بس رستي جي ڪناري لڳائڻ لاءِ چيو. سڀ شاگرد بس مان لٿا ۽ ماسترن ويجهو بيٺا.)

ماسترياڻي : توهان جو نقشو ڏسو. ان موجب اسان جي ساڄي طرف ڀيما نديءَ تي اُجني بند جو جل پنڊار ڏسجي ٿو. ان بند جي پاڻيءَ جو استعمال پيئڻ لاءِ، بجلي، هنري ڌنڌا، مڇي مارڻ، ريج وغيره لاءِ ٿيندو آهي. ان بند سان انيڪ فائدا ٿيا آهن.

(ڪي شاگرد ان جڳهہ جا فوٽو ڪڍن ٿا، پوءِ بس ۾ وهن ٿا. سفر اڳتي وڌيو.)

پوُجا : هي ڀاڱو ميداني لڳي ٿو.

ماسترياڻي : ها، هاڻي اسين ميداني ڀاڱي مان گذري رهيا آهيون. اهو ڏکڻ جي متاهين پٽ جو ڀاڱو آهي. اسان جيئن اولهہ طرف وڌنداسين تيئن اسان کي نباتات ۽ زميني بناوت ۾ وڏيڪ تبديل ڏسجندي.

(ڪجهہ ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ گاڏي هڙپسر جو مکيہ رستو لنگهي سنهہ ڳڙهہ طرف اڳتي وڌي. سنهہ ڳڙهہ جي ترائيءَ ۾ ڇگيون ننڍيون هوٽل آهن. اُتي پهچي خالي جڳهہ تي اُنهن ماني کائي آرام ڪيو)

نظما : نل درگهہ جي آس پاس ٻيرن، ٻبرن جا گهٽا وڻ هئا. هتي تہ ٻيا وڻ ڏسجن ٿا.

ماسترياڻي : صحيح! نل درگ لنگهڻ وقت نيم بياباني ڀاڱن جي ڪنڊيري نباتات ڏسجي پيئي. نباتات جي قسم ۾ اها تبديل برسات جي پئماني ۾ فرق ڏيکاري ٿو. هتي ٻڙ، پپل وغيره وڻ گهٽا آهن. هاڻي اسان سنهہ ڳڙهہ جي ترائيءَ ۾ آهيون. سنهہ ڳڙهہ جي مٿي تي وڃڻ کانپوءِ اسانکي سهيادري جبلن کان نڪرندڙ ٽاڪرو قطارون ڏسبيون. هاڻي توهان پاڻ سان ڪاپي، پين، دوُربين، ڪئميرا، ٽوپي، نقشو ۽ پاڻيءَ جي بوتل اهو سامان کڻو. ڪپڙن جي بئگ ۽ ٻيو سامان گاڏيءَ ۾ ئي رکو.



شڪل ۱.۸ : ڪمند جي کيتي



شڪل ۱.۹: اُجني بند جو جل پنڊار

- گهڻ مقصدي بند بابت ڄاڻ هٿ ڪريو.





شڪل ۱.۱۰ وڻن جا قسم

- ’برسات ۾ تفاوت نباتات مان سمجهندو آهي.‘ اهو بيان صحيح آهي ڇا؟ برسات ۾ تفاوت جي ڄاڻ ٻيو ڪيئن پوي ٿي؟

(سِنهه ڳڙهه جي چڙهائيءَ جي شروعات ۾ اُس هئي. پوءِ آسمان ۾ ڪڪر اچي ويا. پوءِ ٿورو مينهن به پيو. رستي ۾ شاگردن اوپاريل بوهميگهه، ڏڏ، ڍهي وغيره جو آنند ورتو. قدرتي نظارا، نباتات، پکي، پريان ڏسجندڙ پٽي شهر به ڏٺا. قلعي جي الڳ الڳ حصن جا فوٽو ڪڍيا. پوءِ ماسترن ڪين هڪ هنڌ ڳڏ ٿيڻ لاءِ چيو.)

ماسترياڻي : هاڻي اسين سنهه ڳڙهه قلعي ۾ آهيون. ان قلعي جي ڄاڻ اسين ڪيئن حاصل ڪري سگهنداسين؟

نيها : مئڊم اسين سنهه ڳڙهه جي داخلا دروازي تي هڪ بورڊ ڏٺو، ان تي سنهه ڳڙهه جي ڄاڻ ڏنل آهي، اسان انجو فوٽو ڪڍيو آهي.

ماسترياڻي : واه نيها! هاڻي زميني بناوت جون خاصيتون ڪير ٻڌائيندو؟

قاسم : اڳ۾ اسين گهٽ وڌ لاهه هوندڙ ۽ ميداني ڀاڱو ڏٺو، هتي جابلو ايراضي آهي. اوچائي وڌيڪ هئڻ سبب بادل به آهن.

ماسترياڻي : شاباس قاسم! اسانکي ماٿري، ٽڪر، ٽيڪڙيون، چوٽيون ۽ جوالامُکي ڦاٽڻ سان ٺهيل ٽڪرن جا ٿهه وغيره قدرتي خاصيتون ڏسجن ٿيون هي ڪهڙو ٽڪر آهي سُڃاڻو ٿا؟ قلعي تي اچڻ وقت رستي ۾ زمين کسڪڻ جا نشان به توهان ڏٺا هوندا. هاڻي آس پاس جي ايراضيءَ جي کيتيءَ جي اڏاوت ٻڌايو.

راهُل : هي بيسالٽ قسم جا ٽڪر آهن. انجو اپياس اسان ڇهين درجي ۾ ڪيو آهي.

ميري : اسان جنهن ڀاڱي کان سفر شروع ڪيو اُتي مکيه طوَر دالين جا اناج هئا. سوالاپور کان پٽي تائين ڪمند جو فصل گهٽي پئماني تي هو هتي ڄانور جي کيتي ڏسجي ٿي.

ماسترياڻي : برابر، انجو مکيه سبب آهي برسات جو وڌيڪ انداز، پيو قلعو توهان ڪٿي ڏٺو آهي؟ اُن ۾ ۽ هن قلعي جي بناوت ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

وَهِدا : مئڊم اسان نل درگ قلعو ڏٺو آهي. پر نل درگ قلعو، سنهه ڳڙهه وانگر جبل تي نه آهي. اُهو چڙهائيءَ تي نه آهي.

ماسترياڻي : سُڻو! هاڻي اسان قلعي جي مٿي تي آهيون. هي قلعو جبل جي مٿي تي ٻڌل آهي. انکي جابلوُ قلعو چئبو آهي.



شڪل ۱.۱۱ : سنهه ڳڙهه جو دروازو



شڪل ۱.۱۲ : ڪريل پٿر

- پکين کي اوچائيءَ تان زمين ڪيئن ڏسجندي هوندي؟



شڪل ۱.۱۳ : سنهه ڳڙهه تان ڏسجندڙ کڙڪواسلا بند جو جل ڀنڊار

- مهاراشٽر جو مٿاهون ڪيئن ٺهيو آهي؟ هتي ڏسجندڙ ٽڪر جو مکيه قسم ڪهڙو آهي؟



شڪل ۱.۱۴ : ٽڪرن جا ٿهه



شڪل ١.١٥: چانورن جي کيتي

- الڳ الڳ قلعن جي ڇاڻ ڳڏ ڪريو. انهن جي اڏاوت، حفاظتي سرشتو، بيهڪ ۽ اڏاوت جو وقت انهن بابت ويچار ڪريو.



شڪل ١.١٦: ديوٽانڪي



شڪل ١.١٧ : سنهه ڳڙهه تي ڪاڏو

ان سان حفاظت لاءِ آس پاس جي ايراضيءَ تي نظر رکي سگهجي ٿي، نل درگ ميداني قلعو آهي. اهڙا قلعا اسانجي راجيه جو ورثو آهن.

هيڏانهن اچو ۽ هيٺ ڏسو. سامهون ڏسجندڙ پاڻي کڙکواسلا بند جو جل ڀنڊار آهي. هن بند جو پاڻي پٽي شهر کي پهچايو ويندو آهي. هاڻي اسان قلعي جي ڪلياڻ دروازي ڏانهن وينداسين.

هيڏانهن اچو ۽ هيءَ بناوت ڏسو. هن کي 'ديوٽانڪي' چوندا آهن. قدرتي آبشار مان ايندڙ پاڻي هتي گڏ ڪيو ويندو آهي. ان مان قلعي ۾ رهندڙن کي سڄو سال پاڻي ملندو آهي.

سڀ شاگرد: (عجب وچان) ''هيترا سال ايترو اوچائيءَ تي پاڻي ڪيئن ملندو رهيو!''

(پوءِ ماسترن شاگردن کي ڊوڊو - ڀاڄي ملندڙ هڪ جهوپڙيءَ ڏانهن وٺي ويا. شاگردن ٻيون به جهوپڙيون ڏٺيون. اُتي مسافرن لاءِ کائڻ پيئڻ جي سهوليت هئي. سنهه ڳڙهه تي ڪجهه وقت گذارڻ بعد شاگرد ترائيءَ وٽ اچي بس ۾ ويٺا، رات رهڻ لاءِ بس پٽي ڏانهن نڪتي. شهر ۾ پهچي چانهه - ناستو ڪائي بزار ۾ گهمڻ لاءِ تيار ٿيا.)

ماسترياڻي : اسان پٽي ۾ شنيوار واڙا، مشهور بزار تلسي باغ، رويوار پيٺ، مهاتما ڦلي منڊئي ۾ ڦرنداسين. هتي ٿوڪ ۽ ريزڪا دوڪان آهن. توهان هتي خريدي ڪري سگهو ٿا. پر ان سان گڏ داخلا به ڪندا وڃو.

(بزار گهمي ڦري سڀ روٽي کائي ڪمرن ۾ اچي سُمهيا)

## ٻيون ڏينهن : صبح جا ست

(نيرن ڪائي سڀ بس ۾ علي باغ ڏانهن نڪتا)

ماسترياڻي : هاڻي اسان ممبئي - پٽي فاسٽ رستي تان هلي رهيا آهيون. زميني بناوت ۾ ڪا تبديل ڏسجي ٿي ڇا؟ اسان لوناولا وٽ راجماچي، اتي بيهنداسين.

تُشار : ها مئڊم، اسان ڀلي سڌي رستي تان هلي رهيو آهيون پر آس پاس ٽاڪرو پاڻا ڏسجن ٿا. گهرن جو انداز به گهٽجي رهيو آهي.

(لوناوالا کان اڳتي گاڏي راجماچي وٽ بيهاري، ماسترن زميني بناوت بابت هينئن ڄاڻ ڏني.)

ماسترياڻي : هي الهندي گهاٽ جو لاهه آهي. هن جابلو پاڱي کي اسان سهيادري به چوندا آهيون. هتان زميني لاهه ۾ فرق صاف نظر اچي ٿو. اوپر طرف لاهه ڍرو آهي ۽ اولهه طرف لاهه تيز آهي. اولهه طرف جابلُو چوٽيون ۽ آبشار ڏسجن ٿا. ان بابت اسان نائين درجي ۾ پڙهيو آهي. ان پاڱي ۾ اولهه طرف وهندڙ اُلهاس نديءَ جو مُنڊ به آهي.

(شاگردن اُتي فوٽو ڪڍيا، وري برسات شروع ٿي، سڀ بس ۾ ويهي اڳتي وڌيا)

ناموديو : (نقشو ڏسي) مئڊم هاڻي اسان گهاٽ لهي کوپوليءَ ڏانهن هلي رهيا آهيون نه!

ماسترياڻي : برابر! هي اولهندي گهاٽن جو پورگهاٽ آهي. انکي 'کنڊالا گهاٽ' به چوندا آهن. هاڻي اسين اُلهندي ڪنار پٽيءَ جي پاڱي ۾ لهڻ وارا آهيون. هتان جي وڻن، گهرن، مٽيءَ جي جاچ ڪريو.

شِو : مئڊم گهاٽن ۾ علحدي نباتات، گهاٽا وڻ ڏسجن ٿا. انهن ۾ وڏن پنن وارا وڻ وڌيڪ آهن. اهڙا وڻ اسان سنهه ڳڙهه وٽ به ڏٺا هئا.

ماسترياڻي : اهي ساڳوان جا وڻ آهن. اهو پاڱو پن ڇاڻيندڙ وڻن جو آهي. انهن پاڱن ۾ انيڪ ونرائيءَ ديورائي آهن.

(گهاٽ پار ڪرڻ ڪانپوءِ گهاٽا ٻيلا ڇدا ٿين ٿا. چانورن جي کيتي ۽ ڪارخانا ڏسجن ٿا)

نظما : مئڊم آبهوا ۾ تبديل محسوس ٿئي ٿي. هاڻي گرمي لڳي ٿي ۽ پگهر به اچي ٿو.

ماسترياڻي : هوا ۾ گهم وڌڻ سبب پگهر ايندو آهي ۽ چمڙي چپ چپ ڪندي آهي. هوا ۾ تبديل توهان محسوس ڪئي. اسان جيئن سمنڊ ويجهو ويندا سين تيئن گهم وڌندي ويندي.

ناموديو : مئڊم هتي برسات شروع ٿي ويئي ۽ انجو انداز به وڌيڪ آهي، ان سبب ائين ٿيندو هوندو.

ماسترياڻي : ناموديو جي جاچ صحيح آهي، هن پاڱي ۾ برسات وڌيڪ هئڻ سبب ۽ سمنڊ ويجهو هئڻ سبب ائين ٿئي ٿو. برسات جو اندازو وڌيڪ هئڻ سبب چانور هتان جو مکيه فصل آهي، ڪجهه وقت ۾ اسان سمنڊ جي بلڪل ويجهو پهچنداسين. هن سمنڊ جو نالو ٻڌائي سگهندا؟

سڀ شاگرد : عربي سمنڊ!

ماسترياڻي : واهه! علي باغ ۾ پهچي رهائش جي جڳهه تي وڃڻ کان اڳ اسان تلاٽي آفيس ۾ ويندا سين. اُتي توهان اسڪوُل ۾



شڪل ١.١٨: راجماچي



شڪل ١.١٩: سهيادريءَ جو آبشار

- ايراضيءَ ۽ ضرورت موجب گذاري جي وسيلن ۾ فرق ايندو آهي، ائين توهان کي لڳي ٿو ڇا؟
- ڏنل جاچ پڙتال ڪهڙي عرصي ۾ ٿي رهي هوندي؟



شڪل ١.٢٠: ديورائي (بي خوف بن)



شڪل ١.٢١: وَنرائي

ٺاهيل سوال نالي ذريعي ڄاڻ گڏ ڪريو.

اُما : اسان پسگردائيءَ جي فصلن، مٽي، ميوا ۽ ٻين نقدي فصلن بابت سوال پڇنداسين. ان ڪانسواءِ گڏ ٿيندڙ محصول، ريج هيٺ زمين، پاڻيءَ هيٺ زمين جو وڪاس ڪاريہ ڪرم، ۽ ڳوٺاڻين ايراضين جي ڏنڌن بابت پڻ سوال پڇنداسين. (منجهند جو علي باغ پهچڻ ڪانپوءِ سڀ تلاٺي آفيس ويا. اُتي هنن مٽين مُدن نسبت ڄاڻ گڏ ڪئي)



شڪل ١.٢٢ : ساڳوان جا وڻ

ماسترياڻي : ماني کائڻ ڪانپوءِ اسين سامونڊي ڪناري تي وينداسين. توهان مان ڪيترا شاگرد اڄ پهريون دفعو سمنڊ ڏسڻ وارا آهيو؟

(چڱن شاگردن هٿ مٿي ڪيا)

اَبيرا : مان تہ هاڻي ئي سمنڊ جي نظاري بابت سوچي رهي آهيان. اُهو ڪيئن هوندو؟ اُتي ڇا هوندو؟ اُتي فقط پاڻي هوندو ڇا؟

ماسترياڻي : ها ابيرا هاڻي اسان ڪناري تي وينداسين. اُتي وڃڻ ڪانپوءِ ڪهڙي خبرداري وٺڻي آهي اها هدايت اڳ۾ ئي سيني کي ڏنل آهي. هتي بہ اسان هڪ قلعو ڏسنداسين. اهو آهي ڪُلابا قلعو يا ’علي باغ قلعو‘. اسانکي وير چڙهڻ ۽ وير لهڻ جي وقت جو خيال رکڻو آهي، ڇو تہ اهو قلعو ڪناري کان پري سمنڊ اندر آهي. درجي نائين ۾ اسان سامونڊي لهرن جا ڪم بابت اڀياس ڪيو آهي. سامونڊي لهرن سبب تيار ٿيل ڪي زميني نمونې اسان کي هتي ڏسجندا. توهان انهن ڪن زميني نمونن جا نالا ٻڌائي سگهندا؟

- ديورا ئي ڇا آهي؟



شڪل ١.٢٣ : ڪُلابا قلعو

سڀ شاگرد : وارياسو ڪنارو، سامونڊي غفائون، سامونڊي دڪا...!

ماسترياڻي : واه! توهانکي چڱو ڪجهہ ياد آهي.

(سيني سامونڊي ڪنارو ۽ قلعو ڏٺو. ڪن شاگردن ٽانگي ۽ گهوڙي تي وهڻ جو مزو ماڻيو)

نيها : مئڊم اڳ۾ ڏٺل ٻين قلعن کان هي قلعو الڳ آهي.

ماسترياڻي : صحيح آهي! نيها تون انهن ۾ تفاوت ٻڌائي سگهين ٿي ڇا؟

نيها : جي مئڊم، هيءُ قلعو پاڻيءَ ۾ اڏيل آهي، اڳيان بہ قلعا زمين تي اڏيل هئا.

ماسترياڻي : هيءُ قلعو سامونڊي دڪي تي ٺهيل آهي. پاڻيءَ سان گهريل هئڻ سبب انهن قلعن کي ’آبي قلعا‘ چئبو آهي.

- سامونڊي ڪناري وٽ ڪهڙي خبرداري وٺجي؟
- وير چڙهڻ ۽ وير لهڻ جو وقت سمجهڻ جو سؤلو طريقو ٻڌايو؟

سامونڊي ڪنارن جو بچاءُ ڪرڻ لاءِ اهڙا قلعا اڏيا ويا هئا. الهندي ڪناري تي اهڙا ڪيترائي قلعا آهن.

نيها : ها مئڊم، مان جنجيرا، سنڌو درگ اهي نالا ٻُڌا آهن

ماسترياڻي : توهان جي گڏ ڪيل ڄاڻ وسيلي ٻڌايو تہ هتي ڪهڙا ڏنڌا ٿيندا آهن؟

راهُل : مئڊم هتي مڇي مارڻ ۽ کيتي اهي ڌنڌا ٿيندا آهن.

ماسترياڻي : صحيح آهي راهُل، اهي ڌنڌا ڪهڙي قسم جا آهن؟

مينا : اهي بنيادي ڌنڌا آهن.

ماسترياڻي : برابر! اڳ۾ هتي مڇي مارڻ جو ڌنڌو هلندو هو پوءِ هتي بہ کيتي ٿيڻ لڳي، پرڻ ڪناري ڪان پري، هتي ناريل، سوپاري، ڪٿھڙو، ڪيلنِ ۽ ڪن مصالحن جي کيتي ٿيندي آهي. اها باغائتي کيتي آهي، هاڻي هتي سئر سفر جو ڌنڌو بہ وڌيو آهي.

(ان ڪانپوءِ سيني ڪناري تي موّج ڪئي ۽ سج لهڻ جي خوبصورت نظارن جا فوٽو ڪڍيا. پوءِ سڀ رهائش جي جڳھہ تي آيا. ڄاچ پڙتال جي احوال لکڻ لاءِ مناسب مُدن تي ڳالھہ ٻول ڪئي ۽ نوٽس ناهيا. رات جو ڪاڏو کائي آرام ڪيو. ٻئي ڏينھن صبح جو سڀ واپسيءَ جي سفر تي نڪتا.)



شڪل ١.٢٣ : علي باغ سامونڊي ڪنارو

- ڄاچ پڙتال دؤران توهان ڪهڙا فوٽو ڪيندا؟
- ڄاچ پڙتال درميان توهان جدا جدا ڄاڻ ڪيئن گڏ ڪندا؟
- ان بابت احوال توهان ڪهڙن مُدن تي لکندا؟

- اهڙي ڄاچ پڙتال توهان بہ پنھنجي پسگردائيءَ ۾ ڪريو

متيون باب ايراضيءَ جي ڄاچ پڙتال جو هڪ نمونو آهي. ان باب تي سوال نہ ڏيڻا آهن. پر ايياس ۾ ڏنل طريقي ڄاچ پڙتال نسبت سوال پڇي سگھو ٿا.

## اڀياس

تَوري ۾ جواب ڏيو.

الف: توهان جي ڪيل ڄاچ پڙتال جو احوال لکو.

ب: ڪارخاني ۾ ڄاچ پڙتال ڪرڻ لاءِ سوال نامو ٺاهيو.

ٻ: ڄاچ پڙتال درميان ڪچري جو بندوبست ڪيئن ڪندا؟

پ: ڄاچ پڙتال لاءِ توهان ڪهڙو سامان ڪڻندا؟

ڀ: ايراضيءَ جي ڄاچ پڙتال جي ضرورت سمجهايو.

●●●

U3V6SU

## پرسناونا:

دوستو، درجي ڇهين کان ئي سماجڪ شاستر وشيہ ۾ اسان جاگرافيءَ جو الڳ اڀياس ڪري رهيا آهيون. ڌرتيءَ جي ڇٽن تهن بابت ويچار، ترتيبون، ۽ جُزا انهن جي اسانکي واقفيت آهي. انساني بستين جو واڌارو ڪيئن ٿيندو آهي، انسان پنهنجي جياپي لاءِ قدرتي دؤلت جو استعمال ڪيئن ڪندو آهي، ڪچي مال کي وڏيڪ ڪارائتي پڪي مال ۾ ڪيئن بدلايو ويندو آهي، اهي شيون مڪاني ۽ پرڏيهي بزارن ۾ وڪري لاءِ ڪيئن موڪليون وينديون آهن وغيره جو بہ اسان اڀياس ڪيو آهي.

پسگردائيءَ جي دؤلت جي غير استعمال جا بُرا نتيجا بہ اسان سمجهيا آهن.

جاگرافي وشيہ سُٺي نموني سمجهڻ لاءِ اسان کي هينيون لياقتون حاصل ڪرڻيون پونديون آهن.

- جاچ • ورگيڪرڻ • فرق • ڀيٽ • نقشو پڙهڻ
- ملهہ ماپڻ • ڇنڊ ڇاڻ • نتيجو • راءِ ٻڌائڻ
- دليلي ويچار

اهي لياقتون حاصل ڪرڻ لاءِ هاڻي تائين سکيل جاگرافيڪل ويچارن ۽ ترتيبن جو استعمال ڪري پرديش جو اڀياس ڪرڻ ضروري آهي. ان مان اسان جاگرافيڪل ڄاڻ جو اُپيوگہ ڪرڻ سکنداسين. هن درجي ۾ اسان اهڙو اڀياس ٻن ديشن نسبت ڪنداسين.

هن سال اسان سکيل ڳالهين جو دؤر ڪنداسين. اهو اڀياس توهانکي جاگرافيءَ جي اونهي اڀياس ۽ ان جي اپيوگہ ۾ مدد ڪندو. ان سان گڏ جدا جدا قدرتي ۽ انساني گهٽنائون سمجهڻ ۾ ڪارائتو ثابت ٿيندو، گهٽنائن جي سلسلي توهان ايندڙ وقت جي ڳالهين جو اندازو لڳائي سگهندا. قدرتي آپدائن کي سُٺي نموني منهن ڏيئي سگهندا.

جاگرافيڪل ويچارن جو اُپيوگہ ڪري ايراضيءَ جي اڀياس سان اتان جي قدرتي حالتن جي سُٺي سمجهہ ملي ٿي. مڪاني ماڻهن جي پسگردائيءَ سان نهڪڻ جي ڄاڻ پوي ٿي. دؤلت جي گهٽي استعمال سبب پئدا ٿيل مسئلا سمجهہ ۾ اچن ٿا. پسگرادئيءَ جي نقصان ۽ ان تي اپاوُن بابت سوچ ويچار ڪري سگهجي ٿو تبديلين بابت سمجهہ پڪي ٿئي ٿي، پاڳائي نابرابري ۽ انجا سبب سمجهہ ۾ اچن ٿا ۽ اُن تي اپاوَ ڪرڻ ممڪن ٿئي ٿو.

## ٢. بيهڪ ۽ پکيڙ

هيٺ ٻن ديشن جا جهنڊا ۽ کي بيان ڏنل آهن. اهي ڏسو. ان موجب اهي ديش سڃاڻو. انهن مان هڪ ديش توهان سؤلو ۑڌائي سگهندا. ٻيو ديش بہ توهان سُڃاڻي سگهو ٿا.



**واسطيدار بيان**

- دنيا ۾ آدمشماريءَ نسبت ٻيون ديش.
- مصالحن لاءِ مشهور آهي.
- ان ديش ۾ ڪرڪيٽ وٽنڊڙ راند آهي.




- هيءُ ديش سانبا ناچ لاءِ مشهور آهي.
- هن ديش کي ’دنيا جو ڪافي پاٽ‘ ڪري ڇئبو آهي.
- هن ديش ۾ فوٽ بال راند وٽنڊڙ آهي.

## ديش جو نالو : ڀارت پرجاوادي

## راڄڌاني : نئين دهلي

## بيهڪ، پکيڙ ۽ حدون :

ڌرتيءَ تي ڀارت جي بيهڪ اُتر اوڀر اڌ گول ۾ آهي، اسانجو ديش ايشيا کنڊ جي ڏاکڻي طرف آهي.

**نقشي سان دوستي**

شڪل ۲.۱ جي مدد سان ڀارت جي مکيہ زمين جي پکيڙ ڳولهيو. خالن ۾ ڊگرين ۾ ملهہ لکو °۴′ ..... کان °٦′ ..... ويڪرائي ڦاڪ ۽ °۷′ ..... او. کان °۲۵′ ..... اوڀر ڊگهائي ڦاڪ آهي.

ڀارت جو سڀ کان ڏاکڻو ڇيڙو اندرا پائنٽ آهي.
اهو °٦ ۴۵′ اُ ويڪرائي ڦاڪ تي آهي.

شڪل ۲.۱ جاچيو، ڀارت جي پاڙيسري ملڪن ۽




شڪل ۲.۱: ڀارت

ڪنارن تي جل پندارن جي نالن جو هينيون خاڪو پورو ڪري ڪاپيءَ ۾ لکو:

| طرف | پاڙيسري ديش / سمنڊ / مهاساگر |
| --- | --- |
| اوپر | |
| اُتر | |
| اولهه | |
| ڏکڻ | |

**ديش جو نالو - برازيل پرجاوادي سنگهه راڄيه**

**راڄڌاني - برازيليا.**

**بيهڪ، پکيڙ ۽ حدوُن :**

برازيل ديش جو ڪجهه حصو اُتر اَڌ گول ۽ گهڻو پاڱو ڏکڻ اَڌ گول ۾ آهي. هن ديش جي بيهڪ اولهه اَڌ گول ۾ ڏکڻ آمريڪا کنڊ جي اُتر طرف آهي.

شڪل ۲.۲ جي مدد سان هن ديش جيمکيه زمين جي پکيڙ جاچيو ۽ خالن ۾ لکو.

۱۵′° ..... اُ. کان ۴۵′° ..... ڏ. ويڪرائي ڦاڪ ۾ ۴۵′° .....

اولهه کان ۴۸′° --اولهه ڊگهائي ڦاڪ.

شڪل ۲.۲ ۾ نقشي کي جاچيو. برازيل جا پاڙيسري ديش ۽ مهاساگر ڳولهيو. انهن ديشن - مهاساگرن جا نالا خاڪي ۾ لکو.

| طرف | پاڙيسري ديش / مهاساگر |
| --- | --- |
| اُتر | |
| اولهه | |
| ڏکڻ | |
| اوپر | |




**شڪل ۲.۲ : برازيل**

### ڀارت جو اتهاسڪ پس منظر:

اٽڪل ڏيڍ صدي ڀارت برٽش جي راڄ هيٺ هو. ١٩٤٧ ۾ ڀارت کي آزادي حاصل ٿي، آزاديءَ کانپوءِ پهرين ويهن سالن ۾ ٽن لڙاين کي منهن ڏيڻ، انيڪ ڀاڱن ۾ ڏڪار جي حالتن کي منهن ڏيڻ اهڙن ڪيترن مسئلن کانپوءِ بہ ڀارت دنيا جو هڪ مکيہ واڌارو ڪندڙ ديش آهي. ڀارت دنيا جي هڪ مکيہ بازار طور جاتو وڃي ٿو. الڳ الڳ وقتن تي تيل مالي سُڌارن سبب ڀارت جي واڌاري ۾ تيزي آئي آهي.

ڀارت جي آدمشماريءَ ۾ جوانن جو عدد وڌيڪ آهي. ان عمر جو گروهہ ڪم ڪندڙ اهي ان ڪري ڀارت کي جوان ديش چيو ويندو آهي.

### برازيل جو اتهاسڪ پس منظر:

برازيل ٽن صدين کان وڌيڪ عرصو پورچوگيزن جي راڄ هيٺ هو. برازيل کي ١٨٢٢ ۾ آزادي ملي. ١٩٣٠ کان ١٩٨٥ تائين اڌ صديءَ کان وڌيڪ عرصو هي ديش ماڻهن کي وٺندڙ فوجي ستا هيٺ هو.

ويهين صديءَ جي آخري عرضي ۾ جڳہ جي مالي مسئلن مان هن ديش ڇٽڪارو پاتو. برازيل کي جڳہ جي مالي سرشتي کي آڌار ڏيندڙ ءَ اڀَتي جي هڪ مکيہ بزار طور ڏٺو وڃي ٿو.

شڪل ٢.٣ ۾ هينيان جُڙا ڏيکاريو.

جوڙي جا رنگ

- سيني ڪندن ۽ مهاساگرن جا نالا لکو.
- برازيل ۽ ڀارت ديش الڳ رنگن سان رنگيو ۽ کين نالا ڏيو.
- نقشي تي خط استوا ڏيکاريو ۽ انجو ڊگري ملھ لکو.
- طرف نشان ڏيکاريو.

**جوڙي جا رنگ**

توهانجي اڀياس ڪيل ديشن نسبت هينين سوالن جا جواب ڳولهيو ۽ لکو.

- دنيا جي نقشي ۾ توهانجي رنگيل ديشن مان کهڙو ديش وڏو آهي؟
- کهڙي ديش جو وستار ويڪرائي ڦاڪن موجب وڌيڪ آهي؟
- ڀارت ۽ برازيل ديشن جي ڪندن نسبت بيهڪ جُدا ڪيئن آهي، سمجهايو.
- ٻنهي ديشن مان هرهڪ ۾ ڪيترا راجيہ آهن؟
- ڪاپيءَ ۾ انهن ديشن جا جهنڊا ٺاهيو.
- ٻنهي ديشن جي نشانن جي ڄاڻ حاصل ڪريو.

**نقشي سان دوستي**




شڪل ٢.٣ : دنيا خاڪو نقشو

## هي توهان ڪري سگهندا؟

- پارٽ ۽ برازيل جي آزاديءَ کان پوءِ واري عرصي ۾ تفاوت ڳولهيو.
- جنهن پرڏيهي طاقت برازيل تي راڄ ڪيو، اُها پارٽ ۾ ڪٿي هئي؟ اُهو راڄيہ ان طاقت کان ڪڏهن آزاد ٿيو؟

## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

- اسانجو آزاديءَ جو ڏينهن ۱۵ آگسٽ آهي ۽ برازيل جو ۷ سيپٽمبر.
- پارٽ ۾ سنسد وارو پرجاوادي سرشتو آهي ۽ برازيل ۾ راشٽرپتي جي ضابطي وارو پرجاوادي سرشتو آهي.
- برازيل ديش جو نالو ’پاؤ براسيل‘ اُتان جي وڻ جي نالي تان پيو.

## ايپاس

**سوال ۱: هيٺيان بيان صحيح آهن يا غلط؟ غلط بيان درست ڪري لکو.**

(الف) برازيل ديش فقط ڏکڻ اڌ گول ۾ آهي.
(ب) پارٽ جي وچ مان جدي گهيرو ويل آهي.
(ٻ) برازيل جو ڏکڻائي ڦاڪن موجب پکيڙ پارٽ کان گهٽ آهي.
(پ) برازيل ديش جي اُتر مان خط استوا لنگهي ٿو.
(ڀ) برازيل ديش کي پئسفڪ مهاساگر جو ڪنارو آهي.
(ت) پارٽ جي ڏکڻ اوير ۾ پاڪستان ديش آهي.
(ٿ) پارٽ جي ڏکڻ پاڙي کي اپ بيٽ چئبو آهي.

**سوال ۲: ٿوري ۾ جواب لکو.**

(الف) آزاديءَ کانپوءِ پارٽ ۽ برازيل کي ڪهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو؟
(ب) پارٽ ۽ برازيل جي بيهڪ ۾ ڪهڙيون ڳالهيون علحديون آهن؟
(ٻ) پارٽ ۽ برازيل ڏکڻائي ۽ ويڪرائي ڦاڪن موجب پکيڙ ٻڌايو.

**سوال ۳: مناسب جواب چونڊي بيان لکو.**

(الف) پارٽ جو ڏاکڻو چيڙو ------- نالو سڃاتو ويندو آهي.
(i) لڪشدويپ (ii) ڪنيا ڪماري
(iii) اندرا پائنٽ (iv) پورٽ بليئر
(ب) ڏکڻ آمريڪا کنڊ جا هي ٻہ ديش برازيل جي سرحد سان لڳل نہ آهن.
(i) چلي - اڪويڊور (ii) ارجينٽنا - بوليويا
(iii) ڪولمبيا - فرينچ ڳيانا
(iv) سُرينام - اروُگوي
(ٻ) ٻنهي ديشن ۾ سرڪار ------ قسم جون آهن.
(i) لشڪري (ii) ساميوادي
(iii) پرجاوادي (iv) راشٽرپتي

(پ) هيٺين مان ڪهڙو آڪار برازيل جو ڪنارو پاڱو صحيح نموني ڏيکاري ٿو؟




(ڀ) هيٺين مان ڪهڙو پاڱو پارٽ جو ڪنارو پاڱو صحيح نموني ڏيکاري ٿو؟




(ت) هيٺين مان ڪهڙي اڌ گول ۾ پارٽ آهي.




(ٿ) هيٺين مان مکيہ طوَر ڪهڙي اڌ گول ۾ برازيل آهي؟




U452UH

# ٣. قدرتي بناوت ۽ آبي سرشتو




شڪل ٣.١

## شڪل ٣.١ ڏسي سوالن جا جواب لکو:

- ڀارت ۾ ٦٠٠٠ ميٽرن کان وڌيڪ اوچائيءَ وارو پاڱو ڪهڙي طرف ۾ آهي؟
- اُپ ٻيٽ جي ڏکڻ طرف وهندڙ ندي ڳولهيو. اُها ڪهڙي ماٿريءَ ۾ آهي؟
- گهاٽي سائي رنگ ذريعي ڏيکاريل اُتر واري زمين جو لاهه ڪهڙي طرف ۾ آهي؟
- اَراولي جبل کان ڇوٽا ناگپور مٿاهين پٽ درميان هوندڙ مٿاهين پٽن جا نالا لکو.
- ايرندي گهاٽن جي چوٽين جا نالا لکو.
- برهمپترا جي ترائيءَ وارن ميداني ايراضيءَ جي حد ڪهڙن جابلوُ پاڱن سان جڙيل آهي؟

- نيلگري جبل جي بيهڪ ٻڌايو.
- سهيادري جبل جي اوچائي ڪهڙي طرف وڌي رهي آهي؟
- ونڌيہ جبلن ڪهڙي ماٿريءَ ۾ پاٽيءَ کي ڌار ڪري ٿو؟

شڪل ٣.٢ ڏسي سوالن جا جواب لکو.

- اميزان نديءَ جي ماٿري ڏسو. ان جي اوچائي ٻڌايو.
- اميزان ماٿري ڪهڙين ٻن اوچين زمينن درميان آهي؟
- ٥٠٠ کان ١٠٠٠م اوچائيءَ وارن ڀاڱن جي جاچ ڪريو. ٥٠٠ کان ١٠٠٠ ۾ اوچائيءَ واري پيلي رنگ سان ڏيکاريل هن زمين جي پکيڙ جو ورٽن طرفن نسبت ٻڌايو.
- پيلي رنگ جا ڌار ڌار ڀاڱا ڇا ٿا ڏيکارن؟
- اميزان ماٿريءَ کانسواءِ برازيل ۾ ٻيو ڪٿي ٢٠٠م کان گهٽ اوچائيءَ وارا ڀاڱا آهن؟
- ٢٠٠ کان ٥٠٠م اوچائيءَ واريءَ جنهن مان اميزان جون انيڪ اپ نديون وهن ٿيون اهڙي متاهين پٽ واري ڀاڱي جو پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.




شڪل ٣.٢ : برازيل قدرتي

## جاگرافيڪل سمجهاڻي

### ڀارت:

شڪل ٣.١ ڏسو. اُن ۾ ڀارت جي قدرتي بناوت ڏنل آهي. ڀارت جي قدرتي بناوت ۾ علحدگي آهي. ڀارت جا پنج مکيه قدرتي ڀاڱا ڪيا ويندا آهن.

- هماليه • اُتر ڀارت جا ميدان • اُپ ٻيٽ • ساموندي ڪنارا • ٻيٽ.

**هماليه:** هماليه ڪي هاٺوڪو گهنجن وارو جبل آهي. هماليه تازڪستان جي پامير مٿاهين پٽ کان اوڀر ڏانهن پکڙيل آهي. ايشيا کنڊ ۾ اها مکيه جابلو قطار آهي. ڀارت ۾ جمُوڪشمير کان آسام تائين هماليه ڦهليل آهي.

هماليه ۾ فقط هڪ جابلو قطار نه آهي، انهن گهٽيون ئي پورو چوٽ جابلوُ قطاروُن آهن. شوالڪ بلڪل ڏاکڻي قطار آهي ۽ اها سڀ کان هاٺوڪي پڻ آهي. شوالڪ قطار کان اُتر ڏانهن ويندي ننڍو هماليه، وڏو هماليه ۽ هماِدري قطارون اچن ٿيون.

انهن جابلوُ قطارن جا اولهه هماليه (ڪشمير هماليه)، وچ هماليه (ڪُمائون هماليه) ۽ اوڀر هماليه (آسام هماليه) اهڙا ڀاڱا به ڪيا ويندا آهن.

**اُتر ڀارت جا ميدان:** اهو قدرتي ڀاڱو هماليه جبلن جي ترائيءَ کان شروع ٿي اپ ٻيٽ جي اُتر تائين پکڙيل آهي. اهو اولهه ۾ راجستان - پنجاب کان اوڀر ۾ آسام تائين پکڙيل آهي. اهو ڀاڱو گهڻو ڪري هيٺائينءَ وارو ۽ سڌو سنواٽو آهي. ان ڀاڱي جو لاهه اوڀر طرف آهي. اهو گنگا ۽ سندس اپ ندين سان والاريل آهي. انجو اوڀر وارو ڀاڱو برهمپترا نديءَ جي ماٿريءَ تائين آهي.

ڀارت جي اولهه بنگال راڄيه جو گهڻو ڀاڱو ۽ بنگلاديش ان ايراضيءَ ۾ ايندا آهن. ان ايراضيءَ کي گنگا - برهمپترا جي دوآبي واري ايراضي چوندا آهن. انکي سُندر بن چوندا آهن. شڪل ٣.٣ ڏسو. اها دنيا جي سڀ کان وڏي دوآبي واري ايراضي آهي.

اُتر ڀارت جي ميدانن جي اولهه ۾ بيابان آهي. انکي ٿر جو رڻ پٽ چوندا آهن. راجستان جي گهڻي ايراضي ان رڻ پٽ سان والاريل آهي. هن جو اُتر ڀاڱو پنجاب جي ميداني ڀاڱي سان سڄاتو وڃي ٿو.



شڪل ٣.٣ : سُندر بن دو آبي ايراضي جو عڪس

هي ڀاڱو اراولي جبلن ۽ دهليءَ جي ٽاڪرو قطارن جي اولهه واري هيٺائين ايراضيءَ کي پنجاب جو ميداني ڀاڱو چوندا آهن. اهو ميدان ستلج ۽ سندس اپ ندين جي پرتي ڪريائن سبب ٺهيو آهي. پنجاب ڀاڱي جو لاهه رواجي طرف اولهه طرف آهي. ان ميداني ڀاڱي جي مٿي آباد هئڻ سبب هتي کيتيءَ جو ڪم وڏي پئماني تي ٿئي ٿو.

**ڀارتي اُپ ٻيٽ:** اُتر ڀارت جي ميدانن جي ڏکڻ طرف ڦهليل ۽ هندي مهاساگر ڏانهن سوڙهي ٿيندڙ ڀاڱي کي ڀارتي اپ ٻيٽ چئجي ٿو. ان ۾ ڪيترائي ننڍا-وڏا جبل ۽ مٿاهان پٽ آهن. ان ۾ اُتر طرف وارو اراولي سڀ کان پراڻين گهنجن وارو جبل آهي. ان ڀاڱي ۾ سڌاسنواٽا ميدان ڪي محدود ڪندڙ مٿاهين پٽن جي قطار، وچ ۾ ونڌيه - ساتپڙا جبل ۽ الهندا گهاٽ، اُڀرندا گهاٽ اهي جابلوُ ڀاڱا آهن.

**ٻڌايو ڏسان!**

شڪل ٣.١ وسيلي هيٺين سوالن جا جواب لکو.

- اراولي جبل ڪهڙي طرف آهي؟
- اراولي جبل ڪهڙين ندين کي ورهائي ٿو؟
- اراولي جبلن جي اوڀر واري مٿاهين پٽن جا نالا ٻڌايو.
- ڏکڻ جو مٿاهون پٽ ڪهڙين راڄين ۾ پکڙيل آهي؟
- ڏکڻ جي مٿاهين پٽ جي اولهه ۾ ڪهڙي جابلوُ قطار آهي؟

- الهندي گهاٽن جون خاصيتون ٻڌايو.
- الهندي ۽ ايرندي گهاٽن جي ڀيٽ ڪريو.
- الهندي گهاٽ کي پاڻي ورهائيندڙ ڇو چئبو آهي؟

**ڪنارن وارا پاٽ:** ڀارت ۾ اٽڪل ٧٥٠٠ ڪ.م ڊيگهه وارا ڪناري وارا پاٽ آهن. اپ ٻيٽ جي اوڀر ۽ اولهه پاسي ۾ اهي ڪناري وارا پاٽ آهن. انهن ڪناري وارن پاٽن ۾ گهڻو تفاوت آهي.

الهندو ڪنارو عربي سمنڊ سان لڳل آهي. اهو ڪنارو تاڪرو آهي. الهندي گهاٽن مان انيڪ پهاڙن جون شاخون انهن ڪنارن تائين پهتل آهن. ان ڪناري واري پاڻي جي ويڪر بہ گهٽ آهي. الهندي گهاٽن کان تيزيءَ سان وهندڙ انيڪ ننڍيون نديون انهن ڪنارن تان هيٺ لهن ٿيون ان ڪري انهن ندين جي ڇوڙ وٽ ڪاريون نهي پيون آهن ۽ اتي دو آبن واريون ايراضيون نہ ٿيون ڏسجن.

اُيرندو ڪنارو بنگال جي اُپ سمنڊ سان لڳل آهي. اهو ڪنارو ندين جي پرتي ڪريا سبب ٺهيو آهي. ان ڪناري سان انيڪ اوڀر طرف وهندڙ نديون اُلهندي ۽ اُيرندي گهاٽن مان اچي ملن ٿيون. پريان ايندڙ انيڪ نديون اوڀر ڪناري وٽ اچي زمين جي جهڪي لاهه سبب گهٽ رفتار سان وهن ٿيون، ان ڪري انهن جي آنڌل رُولت جي پرتي ان ڪناري واري پاڻي ۾ ٿئي ٿي. انهن ندين جي ڇوڙ وٽ دوآبي وارا پاٽ آهن.

**ٻيٽ:** ڀارت جي مکيہ زمين جي ڪناري پرسان انيڪ ننڍا وڏا ٻيٽ آهن. اهي ڪناري وارن ٻيٽن ۾ شامل ڪيا ويندا آهن. انهن کان سواءِ عربي سمنڊ ۽ بنگال جي اُپ سمنڊ ۾ هڪ هڪ وڏو ٻيٽن جو ميڙ آهي. عربي سمنڊ جي ميڙ کي لڪشدويپ ۽ بنگال جي اُپ سمنڊ جي ٻيٽن کي انڊمان - نڪوبار ٻيٽ چئجي ٿو.

لڪشدويپ گهڻو ڪري مرجان وارا ٻيٽ آهن. انهن جي پکيڙ ۽ اوچائي وڏيڪ نہ هوندي آهي.

انڊمان ميڙ وارا ٻيٽ مکيہ طور جوالامُکي ٻيٽ آهن. اهي پکيڙ ۾ وڏا آهن ۽ انهن ۾ اوچا پهاڙ بہ آهن. ان ميڙ ۾ ٻيرن ٻيٽ تي ڀارت جو اڪيلو ٻرندڙ جوالامُکي آهي. نڪوبار ميڙ جا ڪي ٻيٽ مرجان وارا ٻيٽ آهن.

**برازيل:**

برازيل جي نقشي تي نظر ڦيرائڻ سان ڄاڻ پوي ٿي تہ برازيل جو گهڻو ڀاڱو اوچي زمين، مٿاهين پٽن، انيڪ ننڍن جبلن سان والاريل آهي. برازيل ۾ ڪُشادا ۽ اوچا جبل نہ آهن. اُتر ۾ اميزان ماٿري ۽ ڏکڻ اولهه ۾ پٿرا گوي نديءَ جو مُنڍ وارو ڀاڱو ڇڏي برازيل ۾ ڪُشادا ميدان تمام گهٽ آهن. ڪناري وارن پاٽن ۾ بہ ميدان ڪُشادا نہ آهن. برازيل ۾ قدرتي پاٽ هيٺئين نموني آهن.

- اُتاهين زمين • وشال اُپي ٽڪري
- ڪناري وارو ڀاڱو • ميداني پاٽ • ٻيٽ

**اُتاهين زمين:** ڏکڻ برازيل ڪُشادي مٿاهين پٽ سان والاريل آهي. انڪي برازيل جو مٿاهون پٽ اُتاهين زمين يا ڍال ڪيتر چئجي ٿو. برازيل ۽ گيانا ڍال ڪيتر گڏيل روُپ ۾ ڏکڻ آمريڪا کنڊ جا مکيہ ڪيتر آهن.

گيانا اُتاهين زمين جو گهڻو حصو وينيزوُئيلا ديش ۾ آهي ۽ اها اُتاهين زمين اوڀر ۾ فرينچ گيانا تائين پکڙيل آهي. گيانا اُتاهين زمين برازيل جي اُتر طرف رورائما، پارا ۽ آماپا راڄين تائين پکڙيل آهي. برازيل ۾ اُتاهين زمين جو گهٽ اوچائيءَ وارو ڀاڱو اچي ٿو. پر برازيل ۾ وڏ ۾ وڏ اوچي چوٽي پکو دي نيبلينا برازيل ۽ وينيزوُئيلا جي سرحد وٽ آهي، جنهنجي اوچائي ٣٠١٤ م آهي.

برازيل اتاهين (اوچي) زمين جي ڏکڻ ۽ اوڀر واري پاڻي جي زمين ١٠٠٠م کان وڌيڪ اوچي آهي. ٻين پاڻن ۾ اوچائي ٥٠٠ کان ١٠٠٠م آهي. اُتاهين زمين جي اوچائي اُتر ڏانهن گهٽجندي وڃي ٿي اِن پاسي لاهه اُڀا نہ آهن. انهن لاهن تان وهندڙ اميزان ندي جي اُپ ندين ۾ تيز وهڪرا ۽ آبشار ڏسجن ٿا.

اُتر طرف لاهه گهٽ اُڀا آهن. انيڪ نديون اُتاهين زمين جي اُتر پاڻي ۾ شروع ٿي ائٽلانٽڪ مها ساگر ۾ ڇوڙڪن ٿيون.

اُتاهين زمين جي ڏکڻ لاهه کان پئرا گوي، پرانا، اروُگوي وغيره نديون شروع ٿين ٿيون ۽ ارجينٽينا ديش ڏانهن وهن ٿيون. اُتاهين زمين جي اوڀر طرف لاهه تمام اُڀو آهي.

**وشال اُپي ٽڪري:** هي قدرتي پاڻ پکيڙ نسبت تمام ننڍو هوندي به اُتان جي لاهه ۽ انجي آبهوا تي اثر سبب اهو الڳ پاڻ مڃيو ويندو آهي. اُتاهين زمين جو اوير پاسو ان ٽڪري تي ختم ٿئي ٿو. اتان جي اُتاهين زمين جي اوچائي ٧٩٠ م آهي. ڪن هنڌن تي اها اوچائي ڏيري ڏيري گهٽ ٿئي ٿي. سائو پاولو کان پورٽو ائليگري تائين اوچائي هڪ لاهه ۾ ختم ٿئي ٿي. وشال اُپي ٽڪريءَ سبب ڏکڻ اوير جون تجارتي هوائون رُڪجن ٿيون ان ڪري اُپي ٽڪريءَ کان پار برساتي پاڇي واري ايراضي ٺهي آهي. هن پاڱي جي اُتر وارو پاڻ 'اڻ برسات جو چوڪنڊو' نالي سڏيو وڃي ٿو.

**ڪناري وارا پاڱا:** برازيل کي اٽڪل ٧٤٠٠ ڪ.م. ڪناري وارو پٽو آهي. ان ڪناري جا اُتر ۽ اوير اهي به پاڱا آهن. اُتر ۾ آماپا کان اوير ۾ ريئو گرانڊي دو نار تي جي ڪناري کي اُتر ائٽلانٽڪ ڪنارو چئجي ٿو اُتان ڏکڻ طرف ڦهليل ڪناري کي اوير وارو ڪنارو چئجي ٿو.

اُتر ڪناري تي اميزان سان گڏ پيون به انيڪ نديون اچي ملن ٿيون ان ڪري اهو ڪنارو هيناهون ٿي پيو آهي، ان ڪناري تي ماراجا بيٽ، ماراجا اپ سمنڊ، سائو مارڪوس اُپ سمنڊ آهن. ماراجا وڏو ڪناري وارو بيٽ آهي. اهو اميزان ۽ ٽوڪئنٽنس ندين جي چوڙ درميان آهي.

اوير ڪناري تي انيڪ ننڍيون نديون اچي چوڙ ڪن ٿيون. هن پاڱي ۾ سائو فرانسسڪو اها وڏي ندي ائٽلانٽڪ مها ساگر ۾ چوڙ ڪري ٿي. ان ڪناري تي پري تائين ڦهليل ورياسا ڪنارا ۽ ڪناري واري واريءَ جادڙا هرهنڌ ڏسجن ٿا ڪن هنڌن تي ان ڪناري جو بچاءُ مرجان دڪن يا مرجان بيٽن ذريعي ٿئي ٿو.



**چا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

پراڻيا ڊوُ ڪئِسنو يا ڪئسنو بيچ برازيل جي وڏ ۾ وڏ ڏکڻ طرف وارو ورياسو ڪنارو آهي، اهو دنيا جو سڀ کان ڊگهو ورياسو ڪنارو آهي. ان جي ڊيگهه ٢٠٠ ڪ م کان وڌيڪ آهي.

**ميداني پاڱا:** برازيل جا ميداني پاڱن جا ٻه حصا آهن. اُتر طرف اميزان ماٿريءَ جو پاڻ ڏکڻ اولهه طرف پئرا گوي - پرانا ندين جو پاڻ. اميزان برازيل جو سڀ کان ڪُشادو ميداني پاڻ آهي. اميزان ميدان جو لاهه رواجي طؤر اوير طرف آهي. اميزان ماٿري برازيل جي اولهه پاڱي ۾ بيحد ويڪري (١٣٠٠ ڪ.م.) آهي، جتي ٻه اُتاهين زمينوُن بيحد اچن ٿيون اُتي اها ويڪر ٢٤٠م تائين گهٽجي وڃي ٿي. اميزان ندي جيئن ائٽلانٽڪ مهاساگر طرف وڌي ٿي، تيئن اُنجي ميدان ويڪر وڌي ٿي، اهو ميداني پاڻ پوريءَ طرح جهنگلن سان والاريل آهي. ور ور ايندڙ ٻوڏن ۽ جهنگلن جي تري ۾ وڌندڙ نباتات سبب اهو ميداني پاڻ اٽانگو ٻڻجي پيو آهي. اميزان ماٿريءَ جا بيلا ڪوسي ڪمر بند جا بيلا آهن.

برازيل جو ٻيو ميداني پاڻ آهي برازيل اُتاهين زمين جي ڏکڻ اولهه طرف پئرا گوي - پرانا ندين جي مُنڍ وارو پاڻ. پئرا گوي مُنڍ واري پاڱي جو لاهه ڏکڻ طرف آهي، پرانا نديءَ جو لاهه ڏکڻ اولهه طرف آهي.

دنيا ۾ ڪوسي ڪمر بند جي ڏٻڻ وارو زمين مان هڪ پاڻ پئنٽانل آهي. اهو برازيل اُتاهين زمين جي ڏکڻ اولهه پاڱي ۾ ڦهليل آهي. اهو ڏٻڻ وارو پاڻ برازيل جي ماٽو گراسو دوسُل راڄيه ۾ آهي. پئنٽانل برازيل کانسواءِ ارجيٽينا ديش ۾ به پکڙيل آهي.

**ٻيٽ:** مکيه زمين کانسواءِ برازيل ۾ ڪجهه ٻيٽ به شامل آهن. انهن کي ڪناري وارا ٻيٽ ۽ سامونڊي ٻيٽ ائين ورهائي سگهجي ٿو. گهڻا ڪناري وارا ٻيٽ پرتي ڪريا سبب ٺهيا آهن. سامونڊي ٻيٽ مکيه زمين مان ٺهيا آهن. سامونڊي ٻيٽ مکيه زمين کان ٣٠٠ڪ.م. پري ائٽلانٽڪ مهاساگر ۾ آهن. اهي ٻيٽ ٽاڪرو آهن، آبي جبلن جا متاهان حصا آهن. ڏکڻ ائٽلانٽڪ مهاساگر جي ڪناري وارا ٻيٽ مرجان وارا ٻيٽ آهن.

## جوڙي جا رنگ

شڪل ٣.١ ۽ ٣.٢ ۾ ڏنل نقشن ۾ برازيل ۽ ڀارت ديش جي قدرتي (طبعي) بناوت ڏيکاريل آهي. انهن نقشن ۽ فهرستن کي جاچي هيٺيئن سوالن جا جواب ڳولهينداسين.

- نقشن ۾ ڏنل فهرستن جي ڀيٽ ڪريو.
- ڪهڙي ديشن ۾ اوچائيءَ جو دائرو وڌيڪ آهي؟
- ٻنهي ديشن ۾ اوچاين وارن هنڌن جي ڀيٽ ڪريو. توهانکي انهن ۾ ڪهڙو تفاوت ڏسجي ٿو؟
- وڌ ۾ وڌ اوچائيءَ وارا هنڌ انهن ديشن ۾ ڪهڙن پاڱن ۾ آهن؟
- گهٽ اوچائيءَ وارا هنڌ انهن ديشن ۾ ڪهڙن پاڱن ۾ آهن.
- برازيل جي اميزان ماٿريءَ جي زمين جو لاهه رواجي طرح ڪهڙي طرف ۾ آهي؟
- ٻنهي ديشن ۾ برساتي پاڇي وارا هنڌ ڪٿي آهن؟
- زمين جي اوچائيءَ جي ورهاست ۽ لاهه جو طرف اهي خيال ۾ رکي ڀارت ۽ برازيل ديشن جي قدرتي بناوت جو ورڻن ١٠-١٠ جملن ۾ ڪريو.

## آبي سرشتو:

### ڪري ڏسو

شڪل ٣.٤ ۽ ٣.٥ ۾ نمبروار برازيل ۽ ڀارت ديشن جون نديون ڏيکاريل آهن. ٻه ٽريسنگ ڪاغذ ڪٽي اُنهن تي ٻنهي ديشن جي مکيه ندين (سمنڊ ۾ چوڙ ڪندڙ) جون ماٿريون ڏيکاريندڙ نقشا ٺاهيو. ندين جي ماٿرين کي نالا ڏيو.

گنگا ۽ اميزان ندين جي ماٿرين بابت ڀيٽ ڪندڙ نوٽ لکو. ان لاءِ هيٺيان مُدا ڪٽو.

- پاڻي پرتي ڦيندڙ ڪيتر جي ماپ (نقشي موجب)
- ماٿرين جي انهن ديشن موجب بيهڪ
- ندين جو منڊ / شروعاتي آستان
- ندين جو طرف
- مکيه اُپ نديون (ڀرتي ڪندڙ) ۽ طرف.
- ٻيا مُدا (توهان کي ڌيان ۾ آيل)

**ڪجهه وڌيڪ ڄاڻ:**

| | گنگا نندي | اميزان ندي |
|---|---|---|
| ڪل پرتي ڪيتر (چ ڪ.م.) | ١٠،١٦،١٢٤ | ٧٠،٥٠،٠٠٠ |
| نديءَ جي ڊيگهه (ڪ.م.) | ٢،٥٢٥ | ٦،٤٠٠ |
| نديءَ مان وهندڙ پاڻي (ڪعب ۾ / سيڪنڊ) | ١٦،٦٤٨ | ٢،٠٩،٠٠٠ |

## جاگرافيڪل سمجهاڻي

### برازيل:

**برازيل آبي سرشتو:** برازيل آبي سرشتي ۾ ندين جون ٽي مکيه ماٿريون آهن.

- اميزان ماٿري
- ڏکڻ اولهه واري پيڙا گوي - پرانا آبي سرشتو.
- برازيل اُتاهين زمين جي اوڀر طرف سائو فرانسسڪو ۽ ٻيون نديون.

**اميزان آبي سرشتو:** ائنڊيز جابلو قطارن جي اوڀر لاهه طرف وهندڙ وهڪرا گڏ ٿي اميزان ندي ٺاهين ٿا. اهو پاڻو برازيل جي حد کان ٻاهر پيرو ديش ۾ آهي. اميزان ۾ پاڻيءَ جي وهڪري جو انداز تمام گهڻو آهي. ٢ لک ڪعب ۾ في سيڪنڊ ايتري وڏي انداز ۾ وهڪرو نديءَ جي چوڙ ڏانهن وهي ٿو. ان ڪري نديءَ جي مُنڍ کان جمع ٿيل رولٽ تيزيءَ سان وهي ٿي. ان ڪري نديءَ جي چوڙ وٽ اها رولٽ جمع نٿي ٿئي. رواجي طور نديءَ جي چوڙ وٽ انيڪ شاخون هونديون آهن، پر اهڙيون شاخون اميزان جي چوڙ وٽ نه ٿيون ڏسجن. ان جي جڳهه تي اميزان جي چوڙ وٽ ائٽلانٽڪ مهاساگر جي ڪناري تي انيڪ ٻيٽ ٺهيل آهن. اميزان نديءَ جي چوڙ وٽ ويڪر اٽڪل ١٥٠ ڪ.م آهي. (پنهنجي شهر کان ١٥٠ ڪ.م مفاصلي واري شهر بابت ويچار ڪريو، ايتري نديءَ جي ويڪر آهي)




## شڪل ٣.٤. برازيل آبي سرشتو

اميزان نديءَ گهٽو ڪري آبي آمدرفت لائق آهي.

**پئرا گوي - پرانا آبي سرشتو:** اهي به نديون برازيل جي ڏکڻ اولهه ۾ آهن ۽ اهي برازيل جي ڏکڻ طرف ارجينٽنيا ديش جي پلاٽا نديءَ سان ملن ٿيون. انهن ٻنهي ندين ۽ ڏکڻ چيڙي وٽ هوندڙ اروُگوي نديءَ کي برازيل جي مٿاهين پٽ جي ڏکڻ لاهه کان پاڻيءَ جي رسد ٿيندي آهي.

**سائو فرانسسڪو:** اها برازيل جي ٽين مکيه ندي آهي. ان نديءَ جو سڄي پيرٽي ڪيتر برازيل جي حدن اندر آهي. اهو ڪيتر برازيل اُتاهين زمين جي اوپر طرف آهي. ان پاڻي ۾ ندي اٽڪل ١٠٠٠ ڪ.م ۾ اُتر طرف وهي ٿي ۽ پوءِ اوپر طرف مُڙي ائٽلانٽڪ مهاساگر ۾ چوڙ ڪري ٿي. سائو فرانسسڪو نديءَ جي چوڙ وٽ اٽڪل ٢٥٠ ڪ.م. ڊيگهه وارو حصو آبي آمدرفت لائق آهي.

**ڪناري پاڻي واريون نديون:** برازيل جي ڪناري وارن پاڻي ۾ گهڻ ڊيگهه واريون انيڪ نديون آهن. ڪناري وارن پاڻي ۾ گهاٽي آدمشماري هئڻ سبب انهن ندين جي وڏي اهميت آهي. انهن مان پَرانِبا، اِٽاپيڪُروُ نديون اُتر طرف وهندڙ آهن ۽ اُتر ائٽلانٽڪ مهاساگر ۾ ملن ٿيون.

ڏکڻ ائٽلانٽڪ مهاساگر کي ڳنڍندڙ ندين ۾ پاڻيءَ جي رسد برازيل اُتاهين زمين مان ٿئي ٿو. پُراگُئاڪوُ

ندي سالواڊور وٽ ائٽلانٽڪ مهاساگر ۾ ڳڏجي ٿي.

## پارت :

**پارت آبي سرشتو:** شروعات جي لحاظ کان پارت جي ندين کي هماليه واريون نديون ۾ اپ بيٺ واريون نديون ائين ورهايو ويو آهي.

**هماليه واريون نديون:** هماليه واريون انيڪ نديون برفاني ندين مان شروع ٿين ٿيون انڪري اونهاري ۾ انهن مان پاڻي وڌيڪ نيڪال ٿئي ٿو.

### نقشي سان دوستي




شڪل ٣.٥ پارت آبي سرشتو



**ڏسو ڪوچ ڪريون!**

هماليه جون نديون هماليه کان به اڳ جون آهن ائين انيڪ ڌرتي وَگيانڪ مڃن ٿا. ان جو ڪهڙو سبب هوندو؟ اهو ڳولهڻ جي ڪوشش ڪريو.

ان گروهه ۾ سنڌو ۽ سندس اُپ نديون ۽ گنگا ۽ سندس پرتي ڪنڌڙ نديون اهي به ميز آهن. سنڌوُ ۽ سندس پرتي ڪنڌڙ نديوُن (جهيلم، چناب، راوي، ۽ بياس) اولهه هماليه يعني جموُ ڪشمير راڄيه مان وهن ٿيون. اهي لڳ ڀڳ هڪ ٻئي سان پوروچوت آهن.

سنڌوُ جي هڪ مکيه پرتي ڪنڌڙ ندي ستلج مانسرور مان نڪري ٿي ۽ اولهه طرف وهي ٿي، ستلج ۽ سندس پرتي ڪنڌڙ ندين جي رَولت مان ڀارت جي پنجاب جا ميدان ٺهيا آهن. سنڌوُندي اڳتي پاڪستان مان وهي عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي.

گنگا ندي هماليه جي گنگوتريءَ برفاني نديءَ مان نڪري ٿي، هماليه لنگهي ميداني ڀاڱن ۾ اچڻ ڪانپوءِ اوڀر طرف وهي ٿي، يمنوتريءَ مان نڪرندڙ يمنا ندي گنگا جي مکيه اُپ ندي آهي. هماليه مان نڪرندڙ گنگا جون انيڪ اپ نديون به ساڳي نموني وهن ٿيون. گنگا جي هڪ مکيه اُپ ندي وڏي هماليه جي اُتر ڀاڱي مان وهي ٿي ۽ هماليه لنگهي ڀارتي حد ۾ داخل ٿئي ٿي. هماليه مان وهڻ وقت هنکي تسانگ مانپو سڏجي ٿو. هماليه لنگهڻ وقت سندس وهڪري کي ڏِهانگ چئجي ٿو ۽ پوءِ اوڀر طرف وهندڙ ان نديءَ کي برهمپترا سڏجي ٿو. گنگا نديءَ ۾ ٿوري ٿوري مفاصلي تي انيڪ نديوُن ملڻ سبب انجو وهڪرو وڌندو وڃي ٿو. برهمپترا ندي بنگلا ديش ۾ گنگا سان گڏجي ٿي. ان سبب وڏي پئماني تي پاڻيءَ جي وهڪري سبب وشال دوآبي وارو ڀاڱو ٺهيو آهي. اپ بيٽ وارين ندين مان به ڪي گنگا ماتريءَ ۾ اچي ملن ٿيون. انهن مان اهم آهن چنبل، ڪين ۽ شوڻ.

**اُپ بيٽ واريون نديوُن:** اُپ بيٽ وارين ندين جو ورگيڪرڻ اولهه طرف وهندڙ (عربي سمنڊ ۾ گڏجندڙ) ۽ اوڀر طرف وهندڙ (بنگال جي اپ سمنڊ ۾ گڏجندڙ) ۾ ڪيو ويو آهي، اُپ بيٽ جي اولهه ڀاڱي ۾ الهندا گهاٽ ڏاکرو پاڻي ورهائيندڙ جو ڪم ڪن ٿا. اُپ بيٽ وارين ندين ۾ پاڻي جو انداز مينهن تي مدار رکي ٿو. ان ڪري انهن ندين جي ماتريءَ ۾ ٻوڏ جو خطرو گهٽو ڪري نه هوندو آهي. اهي نديون مُنداڻيون آهن.



**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

ڪيرل ۾ ندين جي چوڙ وٽ ڏگهي مفاصلي تائين موٽ ڪاڌل پاڻي جمع ٿيل آهي. انکي اتي ’ڪيال‘ سڏيندا آهن.

الهندي گهاٽن ۽ عربي سمنڊ جي ڪناري درميان وهندڙ ندين جي ڊيگهه گهٽ آهي پر سندن رفتار وڌيڪ آهي.

ڪيرل، ڪرناٽڪ، مهاراشٽر ۽ ڏکڻ گجرات جي ڪناري وارن ڀاڱن جي ندين جون خاصيتون لڳ ڀڳ ساڳيون آهن.

اُتر گُجرات ۾ ڪنيات جي نار ۾ ڪناري تي گڏجندڙ ندين جو هڪ الڳ گروهه آهي. انهن ۾ تاپي، نرمدا، مهي ۽ سابرمتي اهي نديون شامل آهن.

تاپي ۽ نرمدا اندر بيٺل ماتريءَ مان وهنديون آهن. مهي ندي اُتر - اوڀر کان ڏکڻ اولهه طرف وهي ٿي، اراوليءَ جي ڏکڻ لاهه تي شروع ٿيندڙ سابرمتي اُتر کان ڏکڻ طرف وهندي آهي. ان کانسواءِ عربي سمنڊ ۾ ملندڙ يعني اراوليءَ جي اولهه لاهه تي شروع ٿيندڙ ندي آهي. اها ندي عربي سمنڊ ۾ ڪڇ جي نار ۾ چوڙ ڪري ٿي.

## بنگال جي اُپ سمنڊ ۾ ملندڙ نديوُن:

اُپ بيٽ جو گهڻو ڀاڱو بنگال جي اُپ سمنڊ جي پاڻيءَ جو پرتي ڪيتر آهي، ان ۾ گنگا کان سواءِ، مهاندي، گوداوري، ڪرشڻا، ۽ ڪاويري نديون شامل آهن. گوداوري، ڪرشڻا ۽ ڪاويري ٽنهي ندين جي شروعات الهندي گهاٽن جي اوڀر لاهه مان ٿئي ٿي. گوداوري ندي پرتي ڪيتري جي لحاظ کان ڀارت جي ٻيون نمبر وڏي ندي آهي.

ڪرشڻا نديءَ جي ماتري گوداوريءَ جي ڏکڻ ۾ آهي. ڀيما ۽ تُنگڀدرا اهي ڪرشڻا نديءَ جون اپ نديون آهن. ڪاويري ندي ڪرناٽڪ ۽ تامل ناڊوُ راڄين مان وهي ٿي. ان نديءَ جو آڳاٽي وقت کان ريج لاءِ استعمال ٿيندو آهي.

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

چول راجائن عيسوي سن جي ٻين صديءَ ۾ ڪاويري نديءَ تي ترچناپلي (ترچراپلي) شهر وٽ بند ٺاهي ان دوآبي واري پاڻيءَ ۾ ريج جو بندوبست ڪيو. اڄ به اهو بند ۽ انجا واهه استعمال ٿين ٿا.

### ذرا ويچار ڪريو

درجي نائين جي درسي ڪتاب ۾ صفحي ١٨ تي ڏنل نقشو ڏسو. انجي پيٽ برازيل جي قدرتي نقشي سان ڪريو. برازيل ۾ زلزلا اچڻ جو امڪان ڪيترو آهي؟ انجو ويچار ڪريو.

## ايپياس

**سوال ١: مناسب جواب چونڊي بيان پورا ڪريو:**

(الف) برازيل جو وڏو ڀاڱو ۾ وڏو ڀاڱو....

(i) اُتاهين / متاهين زمين آهي.

(ii) ميداني آهي.

(iii) جابلوُ آهي.

(iv) ڪاڪل ٽڪرين وارو آهي.

(ب) برازيل وانگر ڀارت ۾ پڻ...

(i) اُوچا جبل آهن.

(ii) پراچين متاهون پٽ آهن.

(iii) اولهه طرف وهندڙ نديون آهن.

(iv) برف سان ڍڪيل ٽڪر آهن.

(پ) اميزان نديءَ جي ماٿري...

(i) اڻ برسات واري آهي.

(ii) ڏٻڻ واري آهي.

(iii) گهاٽن جهنگلن سان والاريل آهي

(iv) پلي / آباد آهي.

(ڀ) اميزان دنيا جي هڪ وڏي ندي آهي. ان جي چوڙ وٽ.

(i) دو آبي وارا ڀاڱا آهن.

(ii) دو آبي وارا ڀاڱا نه آهن.

(iii) وشال ڪاريون آهي.

(iv) مڇي مارڻ جو واپار ٿيندو آهي.

(ٻ) عربي سمنڊ جا لڪشدويپ ٻيٽ----

(i) مکيه زمين کان الڳ زمين جا ٽڪرا آهن.

(ii) مرجان ٻيٽ آهن.

(iii) جوالامکي ٻيٽ آهن.

(iv) ڪنڊت ٻيٽ آهن.

(ت) اراولي جبل جي اُتر ۾.....

(i) مارواڙ متاهون پٽ آهي.

(ii) ميواڙ متاهون پٽ آهي.

(iii) مالوا متاهون پٽ آهي.

(iv) ڏکڻ جو متاهون پٽ آهي.

**سوال ٢: هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

(الف) ڀارت ۽ برازيل جي قدرتي بناوت ۾ فرق ٻڌايو:

(ب) هماليه جابلوُ قطارون جا وڌندڙ اوچائيءَ موجب نالا ٻڌايو.

(پ) ڀارت جي مئداني ڀاڱن جا نالا ٻڌايو

(ڀ) برازيل جي اُتاهين زمين تان وهندڙ ندين جا نالا لکو.

(ٻ) ڀارت جي مکيه ٻاٽي ورهائيندڙن جا نالا ٻڌايو.

**سوال ٣: نوٽ لکو.**

(الف) اميزان نديءَ جي ماٿري

(ب) هماليه

(پ) برازيل جو ڪناري پٽو

(ڀ) ڀارت جو اپ ٻيٽ

(ٻ) وشال اُپي ٽڪري

**سوال-٤: جاگرافيڪل سبب لکو.**

(الف) برازيل ۾ اولهه طرف وهندڙ نديون نه آهن.

(ب) ڀارت جي اولهه ۽ اوڀر ڪناري وارن ڀاڱن (پٽن) ۾ تفاوت آهي.

(پ) اميزان نديءَ جي پيٽ ۾ گنگا نديءَ جي غلاظت جو اثر ماڻهن جي رهڻي ڪرڻيءَ تي وڌيڪ ٿئي ٿو.

(ڀ) ڀارت جي اوڀر ڪناري تي قدرتي بندر گهٽ آهن.

**سوال-٥: مناسب گروهه چونڊيو.**

(الف) برازيل جي اُتر کان ڏکڻ طرف ويندي ڏسجندڙ قدرتي بناوت جو سلسلو.

(i) پرانا ندي ماٽري - گيانا اُتاھين زمين - برازيل اُتاھين زمين.
(ii) گيانا اُتاھين زمين - اميزان ماٽري - برازيل اُتاھين زمين
(iii) ڪناري وارا پاڙا - اميزان ماٽري - برازيل اُتاھين زمين.

(ب) برازيل جون ھينيون نديون اُتر طرف وهنديون آهن.
(i) جُروُڪا - جهنگوُ - اراگئا
(ii) نِگرو - بل نڪا - پاروُ
(iii) جاپُرا - جا روُئا - پُروُس

(ب) ڀارت جي ڏکڻ کان اُتر طرف ويندي ڏسجندڙ مٿاهين پٽن جو سلسلو.
(i) ڪرناٽڪ - مهاراشٽر - بُند ٻلکند.
(ii) چوٽا ناگپور مٿاهون پٽ - مالوا مٿاهون پٽ - مارواڙ
(iii) تيلنگانا - مهاراشٽر - مارواڙ.

سوال-٦: ڀارت جي مکيہ زمين جي مٿاهين ڏيکاريندڙ خاڪو ڏسو ۽ مکيہ زميني روُپن جا نالا لکو.

مشغولي :
شڪل ٣.١ ۽ ٣.٢ جاچيو ۽ هيٺئين خاڪي ۾ ڀارت ۽ برازيل ديشن جي راجين ۾ ڪهڙا قدرتي زميني نموُنا شامل آهن اُهي لکو.

| ڀارت جا راجيہ | قدرتي بناوت | برازيل جا راجيہ | قدرتي بناوت |
|---|---|---|---|
| | | | |



نوٽ : هي شڪل ڪمپيوٽر تي ٺهيل آهي. اها پئماني واري نہ آهي. اها فقط مکيہ زمين جي آهي.

**ڍال کيتر (Shield Area) :** ڍال کيتر جو مکيہ کيتر مڃيو ويندو آهي. سيني ڪنڌن ۾ هڪ يا وڌيڪ ڍال کيتر هوندا آهن. ڍال کيتر قلمن وارن، اگني يا اوُچ قسم جي بدليل ٽڪرن سان ٺاهيل هوندا آهن. ڍال کيتر قلمن وارن، اگني يا اوُچ قسم جي بدليل ٽڪرن سان ٺاهيل هوندا آهن. ڍال کيتر جا ٽڪر بيحد پراچين هوندا آهن. انهن جي نهڻ جو عرصو ٥٨ ڪروڙ سالن ٢ ارب سالن تائين ليکيو ويو. برازيل ۽ گيانا ڍال کيتر گڏي ڏکڻ آمريڪا کنڊ جا مکيہ کيتر مڃيا ويندا آهن.

U4DXH5

شڪل ۴.۱ ۽ ۴.۲ جاچي هينين سوالن جا جواب ڏيو.

- نقشي جي ساڳي گرمي پد واري ليڪ کي ڌيان ۾ رکندي برازيل جي گرمي پد جو دائرو ڪيترو آهي؟

نقشي سان دوستي

- ڪٿي وڌيڪ برسات پوي ٿي؟
- برازيل ۾ ڪهڙن - ڪهڙن طرفن کان هوائون لڳن ٿيون؟
- اِن پنيان ڪهڙو ڪارڻ آهي؟
- اِنهن هوائن کي ڪهڙي رُڪاوٽ ٿيندي هوندي؟
- هوائن سبب ڪهڙي قسم جي برسات پوندي هوندي؟
- هوائن ۽ برسات جو لاڳاپو جوڙيو.
- ڪهڙي پاڱي ۾ گرمي پد گهٽ آهي؟
- برازيل ۾ برساتي پاڇي وارو پاڱو هوندو تہ ڪٿي هوندو؟
- ڪهڙي پاڱي ۾ گرمي پد وڌيڪ آهي؟
- گرمي پد نسبت ڪهڙي پاڱي ۾ پوري پني ڪمر بند جي آبهوا هوندي آهي؟
- ۰° کان ۵° اُتر ڏکڻ واري پٽي ۾ هوائون ڪيئن هونديون؟
- هن نقشي ۾ ورهاست ڏيکارڻ جو طريقو ڪهڙو آهي؟




شڪل ۴۰۱




شڪل ۴۰۲: برازيل جي قدرتي رچنا جي چيد ليڪ

**ڀارت:**

شڪل ۴.۳ ڪي جاچيو ۽ جواب ڏيو:

- ۴۰۰۰ م م کان وڌيڪ برسات وارو ڀاڱو ڪھڙو آھي؟
- گھٽ ۾ گھٽ ۽ وڌ ۾ وڌ گرمي پد وارو ڀاڱو ڪھڙو آھي؟
- گرمي پد ڪھڙي پاسي وڌي ٿو؟
- هوائن جو طرف ڏيکاريو. انهن جو ڪھڙو نالو آھي؟
- ڀارت ۾ برسات ڪھڙين هوائن سبب لڳي ٿي؟
- راجستان جي ڪجھہ حصي ۾ بيابان آھي. اِنجو ڪارڻ ڪھڙو آھي؟
- ڀارت جي اُتر پاسي آبهوا ڪھڙي قسم جي آھي؟
- ڀارت مان ويندڙ ۽ آبهوا تي اَثر ڪندڙ مکيہ ويڪرائي ڦاڪ ڪيو. (شڪل ۲.۱ جي مدد وٺو)
- ڀارتيہ مٿاهين پٽ جي ڪھڙي ڀاڱي ۾ نيم خشڪ ايراضي آھي. اُن جو ڪارڻ ڪھڙو آھي؟

**نقشي سان دوستي**




شڪل ۴.۳




**شڪل ۴.۴ : ساليانی سراسري گرمي پد ۽ برسات جو گراف**

## ٻڌايو ڏسان!

شڪل ۴.۴ جي گرافن جو اڀياس ڪيو ۽ هيٺين سوالن جا جواب ڏيو.

- چنئي شهر ۾ ڪهڙي مهني ۾ سڀ کان وڌيڪ گرمي پد آهي؟
- ڏنل شهرن ۾ وڌيڪ برسات ڪهڙي مهني ۾ پوي ٿي؟
- برازيل ۾ برساتي مند جو عرصو ڪهڙو آهي؟
- ڪهڙي شهر جي گرمي پد جو دائرو سڀ کان وڌيڪ آهي ۽ اُهو ڪيترو آهي؟
- 'ريئو-ڊي - جانيرو' ۾ ڪهڙي قسم جي آبهوا آهي؟

## جاگرافيڪل سمجهاڻي

**برازيل:**

برازيل جي ويڪرائي ڦاڪن جو وستار وڌيڪ هئڻ سبب آبهوا ۾ نرالائپ ڏسجي ٿي. جيئن تہ، خط استوا وٽ گرم ۽ سرطان گهيري جي ڏکڻ ۾ پوري پني آبهوا رهي ٿي.

اُتر ۽ اُتر اوير طرف کان ايندڙ تجارتي هوائن سان ديش ۾ برسات پوي ٿي.

برازيل جي اوچي زمين جو ڪجهہ حصو ڪناري تائين آهي. سمنڊ کان ايندڙ هوائن ڪري ڪناري واري ڀاڱي ۾ رنڊڪ واري برسات پوي ٿي، پر اوچي زمين جي ٻئي پاسي هوائن جو اثر گهٽ ٿئي ٿو. تنهنڪري هتي تمام گهٽ برسات پوي ٿي. برازيل ۾ اها برساتي پاڇي واري ايراضي آهي. اُهو ڀاڱو اُتر اوير ۾ ڏسجي ٿو. ان کي غير برساتي چوڪنڊو بہ چئجي ٿو.

## هي توهان ڪري سگهندا؟

برازيل جي آبهوا جي جدا جدا جزن جو اڀياس ڪري تختو پورو ڪريو.

| ڀاڱو | آبهوا جي خاصيت |
|---|---|
| اميزان ماٿري | |
| اُتاهين زمين | |
| پئنٽال | |
| اُتر ڪناري وارا ڀاڱا | |
| ڏکڻ ڪناري وارا ڀاڱا | |
| بيهد ڏکڻ ڏانهن وارا ڀاڱا | |

گرمي پد جي لحاظ کان برازيل جي اُتر وارو پاڱا گرم آهن، تہ ڏکڻ وارا پاڱا پيٽ ۾ گهٽ گرم آهن. ان ۾ مند انوسار فرق ڏسجي ٿو.

برازيل جي ڪناري واري پاڱي ۾ خط استوا جي ويجهو گرمي پد ۾ ڪو خاص فرق ڪونہ پوي ٿو. هن پاڱي ۾ هوائن متئين پاسي وهن ٿيون.

تنهنڪري ڏکڻ اڌ گول ۾ برازيل جي ڪناري واري پاڱي ۾ گردباد گهٽ ٿين ٿا.

هن ملڪ جو گهڻو حصو ڪوسي ڪمربند آهي. ملڪ جي اُترئين حصي مان خط استوا لنگهي ٿي. انهيءَ حصي ۾ آبهوا گرم آهي. اميزان ماٿريءَ ۾ گرمي پد سراسري ۲۵° س ۲۸° س هوندو آهي. متاهين پٽ واري پاڱي ۾ آبهوا ٿڌي هوندي آهي. سمنڊ سبب ڪناري جي پٽي ۾ اونهاري ۾ موافق ۽ گهميل آبهوا هوندي آهي. اميزان ماٿريءَ ۾ ۲۰۰۰ م م تائين برسات پوندي آهي، پر ڏکڻ - اوڀر طرف ڪناري واري پٽي ۾ ۱۰۰۰ کان ۱۲۰۰ م م تائين برسات پوندي آهي.



## ڏاڍيو ڏسان!

شڪل ۴.۵ جو گراف ڏسو ۽ پڇيل سوالن جا جواب ڏيو:

- چينئيءَ ۽ باقي بچيل ڀارت ۾ برساتي مند ۾ ڪهڙو فرق توهان کي ڏسجي ٿو؟ ڇو؟
- دهليءَ ۽ ڪولڪتا جي گرمي پد ۾ ڪهڙي هڪجهڙائي آهي؟
- چينئي شهرن جو گهٽ ۾ گهٽ ۽ وڌ ۾ وڌ گرمي پد جو دائرو ڪيڏو.
- ڪهڙي شهر جو گرمي پد جو دائرو گهٽ آهي؟ ان تان توهان ڪهڙو انداز ڪيندا؟
- ڪهڙي شهر جو گرمي پد جو دائرو وڌيڪ آهي؟ ان تان آبهوا جو اَندازو لڳايو.
- ممبئيءَ جي گرمي پد ۽ برسات جي آڌار تي آبهوا جو انداز لهو.
- ڀارت ۾ ڪهڙي مهني ۾ وڌيڪ برسات پوي ٿي؟
- انهن شهرن جي موافق ۽ غير موافق آبهوا ۾ ورگيڪرڻ ڪريو.

## جاگرافيڪل سمجهاڻي

**ڀارت:**

ڀارت جي آبهوا چؤماسي واري آهي. ديش مان ويندڙ سرطان گهيري تائين سج جا ڪرڻا اُڀا پون ٿا. انڪري اتي سراسري ساليانو گرمي پد وڌيڪ رهي ٿو ۽




شڪل ۴.۵ : ساليانو سراسري گرمي پد ۽ برسات جو گراف

ڏکڻ پاسي گرمي پد جو دائرو وڌندو وڃي ٿو. سياري ۾ جمو ڪشمير ۾ هماليہ واري جابلو پاڱي ۾ گرمي پد ۴۰° - کان بہ گهٽ رهي ٿو.

پارت جي آبهوا ۾ علحدگي مکيہ طور ويڪرائي ڦاڪن موجب بيهڪ ۽ سامونڊي سطح کان اوچائي ۽ سبب آهي. هندي مهاساگر ۽ هماليہ جبل جو پارت جي آبهوا ۽ چؤماسي جي نهڻ تي وڏو اثر آهي.

هماليہ جي اُتر کان ايندڙ تمام ٿڌيون هوائون هماليہ روڪي ٿو. ٿر بيابان جي گرم آبهوا ڪري ان پاڱي ۾ گهٽ داٻ جو پٽو نهي ٿو، ٿنهنڪري هندي مهاساگر جي وڌيڪ داٻ جي پٽي کان، پارت جي مکيہ زمين ڏانهن هوائون لڳڻ ٿيون. انهن گهميل هوائن سبب پارت ۾ برسات پوي ٿي. اولهندن ۽ اُيرندن گهاٽن جي رُڪاوٽ ڪري سامونڊي ڪناري واري پاڱي ۾ برسات وڌيڪ پوي ٿي. پر گهاٽن جي برساتي پاڇي واري پاڱي ۾ برسات گهٽ پوي ٿي. اهي هوائون اَراولي جابلو قطارن جي پوروچوت لڳڻ ٿيون. ان ڪري گجرات - راجستان ۾ بہ گهٽ برسات پوي ٿي. اهي هوائون اڳتي هماليہ ڏانهن لڳڻ ٿيون. انهن جي گهم سانڍڻ جي شڪتي وڌي ٿي. هماليہ جي رُڪاوٽ جي سبب وري برسات پوي ٿي. هماليہ جي قطارن کان هوائون واپس موٽ ڪائين ٿيون. ۽ اُنهن جي موٽ جو عرصو شروع ٿئي ٿو. اُتر اوير کان اهي هوائون هندي مهاساگر ڏانهن موٽندي اولهہ جي ڪن پاڱن ۾ وري برسات آڻن ٿيون. اهو چوماسي واري برسات جو موٽ ڪائيندڙ عرصو هوندو آهي. پارت جي سراسري آبهوا سڄو سال گرم رهي ٿي. سرطان - گهيرو پارت جي لڳ ڀڳ وچ مان وڃي ٿو ان لاءِ پارت کي گرم ڪمربند واري ايراضيءَ ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. گهٽي برسات، ڏُڪار، واچوڙا، ٻوڏ وغيره قدرتي مسئلن کي ڪيترائي پيرا مُنهن ڏيڻو پوي ٿو.

پارت جي آبهوا ڪاتي انوسار پارت ۾ چار مُندون آهن.

- اونهارو
- برسات
- موٽ ڪائيندڙ چوماسو
- ٿڌ

**ذرا دماغ هلايو:**

- مٿين مندن جي آڌار تي سڄي سال جي مهنن جي ورهاست ڪريو.
- مٿئين نموني مندن جي ورهاست جو ٻيو ڪو طريقو ۽ مندن جي ڄاڻ ڏيو. مثال گرمي معني ڇا؟

**جوڙي جا رنگ**

ٻنهي ملڪن جو هنڌ، وستار ۽ آبهوا جي حالت ڌيان ۾ رکي هيٺيون تختو ڀريو.

| مُند | پارت | برازيل |
|---|---|---|
| اونهارو | | |
| سيارو | | |

شڪل ۴.٦ کان ۴.۱۳ جون شڪليون جاچيو ۽ اُنهن جو توري ۾ بيان ڪريو.



شڪل ۴.٦ (الف) برسات سبب آمدرفت ۾ رُڪاوٽ (برازيل)



شڪل ۴.٦ (ب) برسات سبب آمدرفت ۾ رڪاوٽ (پارت)



شڪل ۴.۷: سوڪ زمين (ڀارت)



شڪل ۴.۸ : برفاني برسات (ڀارت)



شڪل ۴.۹ : برسات (برازيل)



شڪل ۴.۱۰ : ٻيلا ڪپجڻ (برازيل)



شڪل ۴.۱۱ : کوهہ پاڻيءَ جي رسد جو هڪ ساڌن (ڀارت)



شڪل ۴.۱۲ : غير برساتي چوڪنڊي جو ڀاڱو (برازيل)



شڪل ۴.۱۳ چانورن جي پوکہ (ڀارت)

## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

- راجستان جي گنگانگر ۾ جون مهني ۾ گرمي پد ۵۰° س تائين وڃي ٿو.
- ڪارگل شهر ۾ سياري جو گرمي پد -۴۸° س تائين رهي ٿو.
- ميگهاليه جي ’ڪاسي‘ ضلعي جو مؤسنرام (۱۱،۸۷۲ م م) ۽ چيراپُنجي (۱۱،۷۷۷ م م) اهي ٻه هنڌ نه صرف ڀارت ۾ پر دنيا ۾ سڀ ڪان وڌيڪ برسات وارا هنڌ آهن.
- اولهہ راجستان جو جيسلمير ڀارت جو سڀ وڌيڪ سوڪ وارو ڀاڱو آهي. اُتي ساليانی سراسري برسات ۱۲۰ م م ڪان به گهٽ آهي.
- چوماسي جي موٽ واري عرصي ۾ تامل ناڊوءَ ۾ سڀ ڪان وڌيڪ برسات پوي ٿي.

### ڏسو ڪوچ ڪريون!

چيراپنجي ۽ ماسينرام وٽ: ١١،٠٠٠ م م کان وڌيڪ برسات پوي ٿي پر بلڪل ويجهو واري شلانگ وٽ ١٠٠٠ م م برسات پوي ٿي. ائين ڇو ٿو ٿئي.

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

- برازيل ڪوسي ڪمربند وارو ديش آهي. اُن ڀاڱي ۾ برفيلي برسات ڪونہ ٿي ٿئي، پر اَچانڪ ڏکڻ قطبي هوائون برازيل جي ڏاکڻي ڀاڱي تائين پهچن ٿيون. اُن وقت اُن ڀاڱي ۾ برفيلي برسات ٿئي ٿي. ١٨٧٩، ١٩٥٧ ۽ ١٩٨٥ ۾ برفيلي برسات پوڻ جي درج آهي.

### هي توهان ڪري سگهندا؟

ڀارت ۽ برازيل جي بيهڪ، وستار جو ويچار ڪندي آبهوا جو گرمي پد، برسات وغيره جزن ۾ ٿيندڙ فرق ڳولهيو ۽ ڀيٽ ڪندڙ ٽپڻي (نوٽ) تيار ڪريو.

### هي توهان ڪري سگهندا؟

ڀارت جي ڪهڙي ڀاڱي ۾ سال ۾ ٽي دفعا فصل پئدا ڪيا ويندا آهن. اُنجو ۽ برسات جو ڪهڙو لاڳاپو آهي.

## اڀياس

**سوال ١: هيٺيان پرديش تختي ۾ صحيح جڳهہ تي لکو.**

بهار، ٽئوڪنٽنس، پرنابيوڪا اَلا گواس، اوير - مهاراشٽر، راجستان جو اولهہ وارو ڀاڱو، گجرات، اولهہ گهاٽ، ريئوگراندي دو نوٽي، پرائيبا، اولهہ آنڌر پرديش، روروئما، اميجهو ناس اولهہ بنگال،ريئوگراندي دووسول، سانتا، گوئا.

| پرديش | ڀارت | برازيل |
|---|---|---|
| وڌيڪ برسات | | |
| وچولي برسات | | |
| گهٽ برسات | | |

**(نوٽ: هنن سوالن کي حل ڪرڻ جو سولو طريقو ڳولهيو.)**

**سوال ٢: هيٺيان بيان غلط آهن يا صحيح. غلط بيان دُرست ڪري لکو.**

(الف) برازيل ديش خط استوا تي آهي. اُنجو گهڻو اَثر برازيل جي آبهوا تي ٿئي ٿو.

(ب) برازيل ۽ ڀارت ۾ ٻنهي ديشن ۾ هڪ ئي وقت ساڳي مند هوندي آهي.

(ٻ) ڀارت ۾ بار بار ڪوسي ڪمربند جا طوفان لڳندا آهن.

(ڀ) برازيل ديش ۾ ڏکڻ اولهہ منداٿتي هوائن سبب وڏي پئماني تي برسات پوي ٿي.

**سوال ٣: هيٺين جا ڄاگرافي ۽ موجب سبب ڏيو:**

(الف) برازيل ملڪ جي متاهين پٽ جي اُتر اوير طرف برسات تمام ٿوري پوي ٿي.

(ب) برازيل ۾ هميشهہ برفيلي برسات ڪونہ پوي ٿي.

(ٻ) ڀارت ۾ چاڙهہ برسات گهٽ پوي ٿي.

(ڀ) برازيل ۾ ڪوسي ڪمربند جا واچوڙا گهٽ لڳن ٿا.

(ٽ) ميناس شهر جو گرمي پد جو دائري ۾ وڏو فرق ڪونہ ٿئي ٿو.

(ٺ) اُتر اوير جي هوائن سان ڀارت ۾ برسات پوي ٿي.

**سوال ۴: هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

(الف) ڏکڻ کان اُتر طرف ڀارتيہ آبهوا ۾ ٿيندڙ تبديل ٿوري ۾ ٻڌايو.

(ب) ڀارت جي آبهوا ۾ هندي مهاساگر ۽ هماليہ جي اهميت ٿوري ۾ لکو.

(ٻ) برازيل جي آبهوا تي اَثر ڪندڙ جُزا لکو.

(ڀ) ڀارت ۽ برازيل جي آبهوا جي ڀيٽ ڪريو.

**سوال ۵: انٽرنيٽ جي مدد سان برازيليا ۽ ڀوپال انهن ڪنڊ جي اندرين هنڌن جي سراسري ساليانی گرمي پد جي ڄاڻ لهو ۽ اها گراف ذريعي سمجهايو.**

U4HTXS

# ۵. قدرتي نباتات ۽ جانور



شڪل ۵.۱ : جهنگلي جانور ۽ نباتات

شڪل ۵.۱ جي چترن کي ڌيان سان جاچيو ۽ هيٺين مُدن جي آڌار تي چرچا ڪيو.

- چترن ۾ ڏيکاريل نباتات جو نالو ڪهڙو آهي.
- پسگردائيءَ ۾ اِها نباتات اَوهان ڪٿي ڏٺي آهي؟
- چترن ۾ ڏيکاريل جانورن جا نالا ٻڌايو.
- اِهي پراڻي توهان ڪٿي ڏٺا آهن؟

مٿين چترن بابت توهان چرچا ڪئي هوندي ۽ اُنهن کي سُڃاتو هوندو. ڇو جو انيڪ پارتيه پر جاتين سان هڪجهڙائي ڏسجي ٿي. انهن جا نالا توهان ڳولهي سگهندا ڇا؟ هاڻي اسان برازيل ۾ ڏسجندڙ نباتات جي نرالائپ بابت ڄاڻ وٺنداسين.

برازيل ۾ برسات گرمي پد، نباتات، پراڻين جا قسم - پورچنا جي آڌي ڇيد تي (شڪل ۵.۲) ۾ ڏيکاريل آهي. اُتر کان اولهه طرف ويندي مٿين ڳولهين ۾ ٿيندڙ فرق ان مان چٽو ٿئي ٿو. ان بابت ڪلاس ۾ چرچا ڪيو ۽ نوٽ تيار ڪريو.

**جاگرافيڪل سمجهاڻي**

## برازيل - نباتات:

زميني روپ ڪري برازيل جي برسات ۾ فرق پوي ٿو. خط اِستوا واري پاڱي ۾ گهڻي حصي ۾ سڄو سال برسات پوي ٿي. خط استوا کان جيئن - جيئن اُتر طرف يا ڏکڻ طرف ويندا‌س تيئن - تيئن برساتي ڏينهن جو عرصو گهٽجندو وڃي ٿو. انڪري اَهڙي پاڱي ۾ نباتات جي زندگي جو عرصو پڻ گهٽجي ٿو.




شڪل ۵.۲ : زميني روُپ، مکيه نباتات ۽ پراڻي (جانور)

جن ڀاڱن ۾ برسات سڄو سال رهي ٿي اُنهن هنڌن تي سدا ساوا وڻ ڏسجن ٿا، پرجن ڀاڱن ۾ برسات خاص وقت تي پوي ٿي. اهڙن هنڌن تي وڻن جي گهاٽائي گهٽجندي وڃي ٿي. وڻن جي بدران گاهه وارا ڀاڱا، ڪنڊن واري نباتات ۽ ننڍن ٻوٽن وارا وڻ وغيره ڏسجن ٿا.

برازيل ۾ دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ نباتاتي جاتيون ڏسجن ٿيون. ان ۾ سدا ساوا، نيم سدا - ساوا، خشڪ وغيره نباتات شامل آهي.

هتي پائوبراسيل، ربڙ، مهوگني، روز ووڊ وغيره وڻ ۽ آرڪڊ جا اَنيڪ قسم آهن.

برازيل ۾ سدا ساون برساتي وڻن ڪري واتاورڻ ۾ وڏي پئماني تي صاف هوا موجود رهي ٿي، ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو اَنداز گهٽ ٿيڻ ۾ مدد ملي ٿي؛ تنهنڪري برازيل ۾ انهن برساتي وڻن کي ’دنيا جا ڦڦڙ‘ ڪري چوندا آهن.

## ڀارت - نباتات:

شڪل ٥.٣ جي مدد سان هيٺين سوالن جا جواب ڏيو.

- اولهه ڪناري واري ڀاڱي ۾ ڪهڙا وڻ ڏسجن ٿا؟
- ڪهڙي ڪناري واري ڀاڱي ۾ توهان کي سمنڊ جي ڪناري وارا وڻ مکيه طور نباتات ڏسجي ٿي، ٻئي پاسي اُن جي ڪمي جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟
- ڪهڙي قسم جي وڻن سان ڀارت جو وڏو حصو والاريل آهي؟
- ڪنڊي وارا ۽ ننڍا وڻ ڪٿي ڏسجن ٿا؟ ڇو؟

### جاگرافيڪل سمجهاڻي

ڀارت ۾ ٻيلن جا هيٺيان قسم ڏسجن ٿا.

ڀارت ۾ سراسري ٢٠٠٠م م کان وڌيڪ برسات، ڀرپور سج جي روشني واري ڀاڱي ۾ سدا ساوا وڻ ڏسجن ٿا. انهن وڻن ۾ جا پن وڏا ۽ سدا ساوا ٿين ٿا. انهن وڻن جو ڪاٺ سخت، ڳرو (وزندار) ۽ ڄڻادار ٿئي ٿو. مثال مهوگني، شيشم، ربڙ وغيره. انهن ٻيلن ۾ انيڪ ماتريون ۽ سڀ کان وڌيڪ جيو نرالائپ هوندي آهي.

ڀارت ۾ ١٠٠٠ کان ٢٠٠٠م م برسات واري ڀاڱي ۾ پن ڇاڻيندڙ وڻ ٿين ٿا. سوڪ واري مند ۾ باڦ سبب پاڻي کوٽ گهٽجي تنهنڪري پن ڇڻن ٿا. مثال، ساڳ، بانبو (لڪڙا) پيپل، ٻڙ وغيره نباتات انهن ٻيلن ۾ ڏسجي ٿي.

ڀارت ۾ جنهن ڀاڱي ۾ وڏو عرصو سوڪ ۽ ٥٠٠م م کان گهٽ برسات پوي ٿي، اهڙي ڀاڱي ۾ اونها ڪنڊن وارا ۽ ننڍا وڻ ڏسجن ٿا. نباتات جا پن ننڍا ٿين ٿا. مثال ڪيڪٽس، ٻٻُر، کيجڙي، ايلوويرا (ڪنوار ٻوٽي) گهاٽيات وغيره ناگ ڦڻي جا قسم ڏسجن ٿا.

ڪناري سان لڳل دل - دل واري ڀاڱي ۾، ڪاري ڪاڄٽي

نقشي سان دوستي




شڪل ٥.٣ :

واري پاڻي ۾ جتي لوڻياڻي سائل ۽ گهميل آبهوا رهي ٿي، اهڙن هنڌن تي سامونڊي ڪناري وارا وڻ ڏسجن ٿا. انهن کي سندري جا وڻ يا ڪار ڦٽيءَ جا وڻ چوندا آهن. انهيءَ نباتات جو ڪاٺ تيل پريو ۽ هلڪو ۽ ٽڪائو ٿئي ٿو.

پارٽيه هماليه ۾ اوچائي انوسار وڻن جا ٽي قسم آهن. تمام گهٽي اوُچائي واري پاڻي ۾ منداڻتا ڳلن وارا وڻ، وچولي اُچائيءَ واري پاڻي ۾ پائن، ديودار، ڦر جهڙا پن ڇاڻيندڙ وڻ ڏسجن ٿا. انهن بيلن ۾ سال جا وڻ وڏيڪ ٿين ٿا.

## برازيل جانورن جو جيون:

شڪل ۵.۴ جو اڀياس ڪري هيٺين سوالن جا جواب ڏيو.

- نقشي ۾ ڏيکاريل جاتين جا نالا ٻڌايو. ڪونڊور، ايناڪونڊا، شينهن وانگر ڏسجندڙ سونهري تامر، ماڪوڙي خور وغيره.

### نقشي سان دوستي




شڪل ۵.۴

- اهي جانور ڪهڙي پاڻي ۾ ڏسجن ٿا ۽ پرديس ۾ ڏسجن جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟
- وستار (رهڻ) جي خيال کان جهنگلي پاڻي جو ورگيڪرڻ ڪريو.

### جوڙي جا رنگ

- ڪهڙي ديش ۾ خط استوائي بيلا وڏيڪ ڏسجن ٿا؟ انجو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟
- پارت جا ڪهڙا وڻ (بيلا) برازيل ۾ ڪونهـ ڏسجن ٿا؟
- برازيل جا ڪهڙا وڻ پارت ۾ ڏسجن ٿا؟
- ڪهڙي ديش ۾ توهان کي نباتات ۾ نرالائپ وڏيڪ ڏسجي ٿي؟ اُن پنيان ڪهڙو ڪارڻ آهي؟
- آبهوا ۽ وڻن جي قسمن کي ڌيان ۾ رکندي، ڪهڙي ديش ۾ وڻن تي مدار رکندڙ، ڏنڊا اوَڄ تي رسي سگهن ٿا؟

### جاگرافيڪل سمجهاڻي

دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ جهنگلي حياتيءَ جي نرالائپ برازيل ۾ آهي. پٽئنيل ان دَل - دَل واري پاڻي ۾ وڏا، ناڪونڊا ڏسجن ٿا. برازيل ۾ وڏا ڳني پگهه، مانگرمڇ، باندر پيوما، چيتا وغيره جانور ڏسجن ٿا. مڇين جي ذاتين ۾ سمنڊ جي سوارڊ ڪين ساڳي طرح نديءَ جي پرهانا ۽ گلابي ڊالفن. جيڪا اُتان جي خاصيت آهي. ڪونڊور اُچائي تي اُڏامندڙ وڏي آڪار وارو پکي آهي. الٻه - الٻه قسمن جا پوپٽ، مڪاو، فليمنگو انهن ذاتين جا پکي ڏسجن ٿا. لکين قسمن جا ڪيڙا اِها اتان جي خاصيت آهي. اهڙي نرالائپ سبب برازيل جي جهنگلي حياتي تمام گهٽي آهي.

جهنگلي جانورن جي بي قاعدي تمڪري (چوري) بدلاءُ لڏ

پلاڻ ڪيتي. پردوشڻ وغيره سان ٿيندڙ پسگردائي کي نقصان وغيره جهڙا مسئلا برازيل ۾ آهن، انڪري انيڪ مڪاني جهنگلي پر ذاتيون غائب ٿيڻ تي آهن.

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

عيسوي سنه ٢٠١٦ جي ڄاڇ پڙتال انوسار برازيل جي لڳ - ڀڳ ٥٨٣١ چ ڪ. زمين تي هڪ ئي سال جهنگل ڪپيا ويا آهن.

### ڪري ڏسو

**ڀارت - جهنگلي حياتي:**

هيٺ ڏنل پراڻي شڪل ٥.٥ جي نقشي ۾ سندن رهواس انوسار نشانين سان ڏيکاريو.

- بنگالي چيتو
- شينهن
- تلوار پکي
- گنگا جي ڊالفن



شڪل ٥.٥

- ڪمي
- واگهو ۽ مانگرمڇ
- هڪ سڱ وارو گينڊو
- دَل - دَل واري پاڻي جو هرڻ
- باراسينگها
- نيلگري تاهر رڍ

- جاگرافيڪل حالتن انوسار اُتان جي جانورن ۽ نباتات جو لاڳاپو ٻڌايو.
- ان ڪان سواءِ توهان کي کهڙن جانورن جي ڄاڻ آهي.
- بنگال جي چيتي وانگر ٻيا ڪهڙا چيتا توهان نقشي ۾ ڏيکاري سگهندا؟
- ڪهڙن ڪارڻن سبب سندن رهواس اِن پاڻي ۾ هوندو؟

### جاگرافيڪل سمجهاڻي

جهنگلي جانورن جي ڀارت ۾ تمام گهڻي نرالائپ ڏسجي ٿي. ڀارت ۾ جهنگلي جانورن جو انيڪ پر - ذاتيون آهن.

ڀارت جي گرم ۽ گهميل ٻيلن ۾ هاٿي ڏسجن ٿا. آسام جي دَل - دَل واري پاڻي ۾ هڪ سڱ وارو گينڊو ڏسجي ٿو. بيابان واري پاڻي ۾ جهنگلي گڏهه ۽ اُٺ آهن. لداخ واري پاڻي ۾ ياڪ، هماليه واري برفاني پاڻي ۾ برفاني چيتو ڏسجي ٿو.

اُپيبت واري پاڻي ۾ ڀارتيه جهنگلي مينهن انيڪ قسمن جا هرڻ، ڦاڙهو ۽ باندر وغيره پراڻي ڏسجن ٿا. چيتا ۽ شينهن اِهي ٻئي پراڻي هوندڙ دنيا جو ڀارت هڪ ديش آهي.

نديون، ڪاڙي ۽ ڪناري واري پاڻي ۾ ڪمي، مانگرمڇ، واگهو وغيره جانور ڏسجن ٿا. ٻيلن ۾ مور، پکي ڪنگري، تتر ۽ ڪبوتر، الڳ - الڳ رنگن جا پوپٽ، پاڻي ۽

واري جاءِ تي بدڪ، بگهڙ ۽ گاهه واري پاڳي ۾ تلوار پکي جهڙا پکي ڏسجن ٿا، پارت هڪ خاص جانورن جي هوندڙ ديش طور سُڃاتو وڃي ٿو.

وڻن جي تسڪري (چوري) ۽ تيزي سان گهٽجندڙ (گهٽجندڙ) ٻيلن سبب جهنگلي پراڻين جون انيڪ پرڏاتيون پارت مان ختم ٿيون آهن. مثال، چيتو. جهنگلي پراڻين جو بچاءُ ۽ وڻن جي واڌ ٿئي ان لحاظ کان پارت سرڪار انيڪ هنڌن تي قومي باغ ۽ پناهه گهر ۾ محفوظ ٻيلا رکي ٿي.

**هي توهان ڪري سگهندا؟**

شينهن پارت جو راشٽريہ پراڻي آهي. شينهن جو عدد ڏينهون - ڏينهن گهٽجي رهيو آهي. ساڳي حالت هاٿين جي آهي. توهان اهڙي نباتات ۽ پراڻين جي ڄاڻ حاصل ڪريو. سندن رهواس ڪهڙو ڳولهيو. انهن پراڻين جي بچاءُ لاءِ ڇا ڪرڻ جي ضرورت آهي، ڪهڙي هنڌ اهو ممڪن آهي، اِها پيش ڪش تيار ڪريو.

**ذرا دماغ هلايو:**

’روڪا‘ جهڙي ڪيتي پارت ۾ ڪهڙن هنڌن تي ڏسجي ٿي؟ اُنهن جو نالو ڪهڙو آهي؟

## اڀياس

**سوال ١ : پاٺ، شڪلين ۽ نقشي جي آڌار تي هيٺين تختي جي ڄاڻ پريو.**

| وڻن جا قسم | خاصيت | پارت جا پاڳا | برازيل جا پاڳا |
|---|---|---|---|
| ڪوسي ڪمر بند جا وڻ | وڏي پنن وارا سدا ساوا وڻ | | |
| اڌ خشڪ ڪنڊي وارا وڻ - ڪٽينگا | | | |
| سيوانا | گهٽ ننڍن ٻوٽن وانگر وڻ - گهٽ وڻ ۽ سوڪ وادي حالت | | |
| گرم ڪوسي ڪمر بند وارا اَڌورا پن ڇاڻيندڙ | گڏيل قسم جي نباتات | | |
| گاهه وارا پاڳا | آرجنٽينا وارا پنپاس وانگر گاهه وارا پاڳا | | |

**سوال ٢: الڳہ پد سڃاڻيو:**

**(الف) برازيل جي وڻن جا قسم**

(الف) ڪنڊن وارا وڻ (ب) سدا ساوا وڻ

(ٻ) هماليہ جا وڻ (پ) پن ڇاڻندڙ وڻ

**(ب) پارت جي وڻن جا قسم:**

(الف) ڪارڦتي (ب) خط استوائي وڻ

(ٻ) ڪنڊن واري نباتات (پ) سمنڊ جي وچ وارا

**(ٻ) برازيل جا پراڻي**

(الف) ائناڪونڊا (ب) تامر

(ٻ) ڳاڙهو پانڊا (پ) شينهن

**(پ) پارتيہ نباتات**

(الف) ديودار (ب) انجن

(ٻ) آرڪڊ (پ) ٻڙُ

**سوال ٣: جوڙا ملايو:**

(الف) سدا ساوا ٻيلا — (١) سندري

(ب) پن ڇاڻيندڙ ٻيلا — (٢) پائن

(ٿ) سامونڊي ڪناري جا ٻيلا — (٣) پاءُ برازيل

(د) هماليہ جا ٻيلا — (۴) ڪيجري

(ڪ) ڪنڊن وارا وڻ - ٽڻ ٻيلا — (۵) ساڳ

(٦) آمڙ

(٧) سال

**سوال ۴: ٿوري ۾ جواب ڏيو:**

(١) برازيل ۽ پارت جي قدرتي وڻن جي قسمن ۾ فرق ٻڌايو.

(٢) ٻيلائي پراڻي جيون ۽ قدرتي نباتات جو لاڳاپو سمجهايو.

(۳) برازيل ۽ ڀارت کي ڪهڙن پسگردائي جي مسئلن کي مُنهن ڏيڻو پوي ٿو.

(۴) برازيل ۽ ڀارت ۾ وڻن جي گهٽجڻ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟

(۵) ڀارت جو سڀ کان وڌيڪ ڀاڱو ڀن ڇاڻندڙ وڻن سان ڇانيل آهي؟

**سوال ۵: هيٺين جا جاگرافي موجب سبب ڏيو:**

(الف) برازيل جو اُتر وارو ڀاڱو گهاٽن ٻيلن سان ڇانيل آهي.

(ب) هماليه جي اُچائي وارن ڀاڱن ۾ نباتات ڇڊي ڏسجي ٿي.



ديودار



پائين

(ث) برازيل ۾ جيتن ۾ ڪيئن جو انداز وڌيڪ آهي.

(د) ڀارت وانگر برازيل ۾ پڻ ٻيلن جي بچاءَ جي ضرورت آهي.

(ڪ) ڀارت جي ٻيلن ۾ پراڻين جو عدد ڏينهون ڏينهون گهٽجي رهيو آهي.

روڪا (Roca) : برازيل ۾ لڏ پلاڻ واري کيتيءَ کي روڪا چوندا آهن. هن طريقي ۾ ٻيلن هيٺ آيل زمين تان وڻ ڪپي يا جلائي زمين صاف ڪئي ويندي آهي. ان کليل حصي تي ڪي سال پيٽ گذران لاءِ کيتي ڪئي ويندي آهي.



پائوُ برازيل



ڪيجري

U4WPZF

# ٦. آدمشماري

ڪنهن بہ ديش لاءِ آدمشماري هڪ اهميت وارو ساڌن هوندو آهي. ملڪ جي آرٿڪ ۽ سماجڪ وڪاس لاءِ آدمشماري ۽ اُنجو خاصيت اهي اهميت وارا جُزا هوندا آهن اچو تہ ڀارت ۽ برازيل جي آدمشماري جو اڀياس ڪريون.

**ڀارت:**




**شڪل ٦.١ (الف) : ڀارت آدمشماري جي ورهاست**

**شڪل ٦.١ (الف) ۽ (ب) ڪي جاچيو ۽ هيٺين سوالن جا جواب ڳولهيو ۽ لکو.**

- سڀ کان وڌيڪ آدمشماريءَ جي گهاٽائيءَ وارو ڀاڱو ڪهڙو آهي؟
- سڀ کان گهٽ آدمشماريءَ جي گهاٽائيءَ وارو ڀاڱو ڪهڙو آهي؟
- مٿئين نقشي کي خيال ۾ رکندي ڀارت جي راڄين ۽ مرڪزي راڄين جي ورهاست هيٺين تختي ۾ ڪريو.

| نمبر | آدمشماريءَ جي گهاٽائي (هڪ.چ.ڪ.م) | راڄيہ ۽ مرڪزي ايراضي |
|---|---|---|
| ١. | ١٠٠ کان گهٽ | |
| ٢. | ١٠١ کان ٢٥٠ | |
| ٣. | ٢٥١ کان ٥٠٠ | |
| ٤. | ٥٠١ کان وڌيڪ | |

- قدرتي رچنا ۽ آبهوا جو ڀارت جي آدمشماريءَ جي ورهاست سان لاڳاپو جوڙيو ۽ اُن تي نوٽ لکو.

## جاگرافيڪل سمجهاڻي

ڀارت جي آدمشماري ٢٠١١ جي آدمشماري جي ڳڻپ اَنوسار ١٢١ ڪروڙ هئي. آدمشماري جي لحاظ کان ڀارت دنيا جو ٻيون وڏو ديش آهي. ڀارت دنيا جي ڪُل ايراضيءَ جو ٢.٤١% زمين والاري ٿو.




**شڪل ٦.١ (ب) : ڀارت آدمشماري جي گهاٽائي**

ڀارت ۾ دنيا جي ڪل آدمشماريءَ جو ١٧.٥% آدمشماري ڀارت ۾ آهي. آدمشماري جي ڳڻپ ٢٠١١ انوسار آدمشماريءَ جي سراسري گهاٽائي ٣٨٢ ماڻهو هڪ چورس ڪ.م ۾ هئي.

ڀارت جي آدمشماريءَ جي ورهاست هڪجهڙي ڪونہ آهي. قدرتي رچنا، آبهوا ۽ زندگي گذارڻ جون سهوليتون وغيره جزن جو اَثر آدمشماري جي ورهاست تي ٿئي ٿو. اُپجائو زمين ميداني ڀاڱو، پاڻيءَ جي مؤجودگي واري ڀاڱي ۾ انساني بستيون اَڏيل ڏسجن ٿيون. ڪيتي ۽ اُديوگ ڌنڌن سبب ڪن ڀاڱن ۾ آدمشماريءَ جو مرڪزي ڪرڻ وڏي پئماني تي ڏسجي ٿو مثال، اُتر وارن مئداني ڀاڱن، دهلي، چينئي، ڪولڪاتا، ممبئي، پٽي، بئنگلورُ وغيره. اِنجي اُبتڙ جابلو پهاڙي ڀاڱن، خشڪ بياباني ڀاڱن ۽ گهاٽن ٻيلن واري ڀاڱي ۾، سهوليتن جي ڪمي واري ڀاڱي ۾ اِنساني بستي گهٽ ڏسجي ٿي.

## برازيل:

شڪل ٦.٢ (الف) ۽ (ب) ڏسي جواب ڏيو.

### نقشي سان دوستي




**شڪل ٦.٢ (الف) برازيل آدمشماري جي ورهاست**

آهي. ان ۾ به ڏکڻ اوڀر ڪناري وارو حصو نهڪندڙ (موافق) آبهوا بستين لاءِ نهڪندڙ آهي.

- ڪهڙي پاڱي ۾ آدمشماريءَ جو مرڪزي ڪرڻ وڏي پئماني تي ڏسجي ٿو.
- ڪهڙي پاڱي ۾ آدمشماريءَ جي ورهاست تمام گهٽ آهي؟
- برازيل ديش جي ڪيل آپياس جي آڌار تي آدمشماريءَ جي نابرابري واري ورهاست لاءِ ڪهڙا جُزا جوابدار آهن، ان تي نوٽ لکو.
- مٿئين نقشي ۾ ورهاست ڪهڙي طرح جي ڏيکاري ويئي آهي.

### جاگرافيڪل سمجهاڻي

برازيل، ڏکڻ امريڪا کنڊ جو سڀ کان وڏيڪ آدمشماريءَ وارو ديش آهي. ٢٠١٠ جي آدمشماريءَ جي ڳڻپ انوسار ١٩ ڪروڙ آدمشماري هئي ۽ برازيل آدمشماريءَ جي لحاظ کان دنيا جو پنجون ديش آهي. ايراضيءَ جي لحاظ کان برازيل دنيا جو پنجين نمبر تي آهي. ڌرتيءَ جي زمين جو ٥.٦% حصو برازيل والاري ٿو. پر دنيا جي آدمشماري جو فقط ٢.٧٨% آدمشماري هن ديش ۾ آهي. تنهنڪري هن ديش جي آدمشماريءَ جي سراسري گهاٽائي ٢٣ ماڻهو هرهڪ چورس ڪ.م ۾ آهي.

گهٽي آدمشماري اوڀر ڪناري واري پٽي جي ٣٠٠ ڪ.م حصي ۾ ڏسجي ٿي. اهو گهاٽي آدمشماري وارو پاڱو برازيل جي ڪناري واري ايراضي ويجهو سڄو پاڱو




**شڪل ٦.٢ (ب) برازيل: آدمشماريءَ جي گهاٽائي**

برازيل ۾ آدمشماريءَ جي ورهاست نابرابري واري آهي. پلي زمين، معدني پدارٿن جي مؤجودگي سبب ڪيتي ۽ اُديوگ جي هن پاڱي ۾ واڌ ٿي آهي. نتيجي طور هن پاڱي ۾ آدمشماريءَ جي گهاٽائي وڌيڪ آهي. انجي اُبتڙ، اميزان ماٿريءَ جي اَڻ نهڪندڙ آبهوا، وڌيڪ برسات، اندرين پاڱن ۽ گهاٽي جهنگل سبب انساني بستي گهٽ آهي. اِتي آدمشماريءَ جي ورهاست چدي آهي.

برازيل جي وچ ۽ اولهه وارو پاڱو گهٽ آدمشماري وارو آهي. برازيل جي متاهين پٽ واري پاڱي ۾ آدمشماريءَ جي گهاٽائي وچولي ڏسجي ٿي.

### ذرا دماغ هلايو:




- 'الف' ۽ 'ب' ۾ هرهڪ چورس ڪ.م ۾ آدمشماريءَ جي گهاٽائي گهٽي اُها ٻڌايو.

## آدمشماريءَ جي رچنا:

### جنسياتي ريشو:







شڪل ٦.٣
















### جاگرافيڪل سمجهاڻي

ٻنهي ديشن بابت آدمشماريءَ جون خاصيتون ڇٽيءَ طرح ڌيان ۾ اَچن ٿيون.

- برازيل جي جنسياتي ريشي کي ڌيان ۾ رکندي اهو ڏسجي ٿو تہ ٢٠٠١ ۾ عورتن جو عدد مردن کان وڌيڪ آهي.
- گذريل انيڪ ڏهاڪن کان ١٠٠٠ کان بہ وڌيڪ آهي.
- ڀارت ۾ مردن جو عدد عورتن کان وڌيڪ آهي.
- گذريل ڪيترن ڏهاڪن کان جنسياتي ريشو انداز ۾ گهٽ - وڌ ٿيل ڏسڻ ۾ اَچي ٿي. ١٩٩١ کان پوءِ جنسياتي ريشي ۾ واڌ آئي آهي.

### هميشھ ڌيان ۾ رکو.




’ڇوڪري بچايو، ڇوڪري پڙهايو.‘ انجي اسان جي ديش ۾ تمام گهڻي ضرورت آهي.

### هي توهان ڪري سگهندا؟

- ڪنهن پاڳي ۾ جنساتي ريشو گهٽ هئڻ جو ڪارڻ ڪهڙو؟
- ڀارت ۾ مردن جو عدد عورتن کان وڌيڪ آهي. ساڳي حالت ڀارت جي راڄين ۾ آهي، ڇو اهو کوج ڪريو.

## عمر ۽ جنس - ڪالم گراف







آدمشماري جي سراسري سيڪڙو

**شڪل ٦.٤**

### جاگرافيڪل سمجهاڻي

- آدمشماريءَ جي عمر جي رچنا جو ويچار ڪرڻ جي برازيل جي آدمشماري ٻڌاپي ڏانهن وڌي ٿي، پارت ۾ حالتون علحديون آهن. پارت ۾ جوانن جو گروهه وڌيڪ آهي. تنهنڪري پارت کي ڪم ڪندڙ مانو بل وڌيڪ آهي.

### ڪري ڏسو

- مٿين ٻنهي گرافن جو اُپيوگ ڪري الڳ الڳ عمر جي گروهن ۾ عورتن ۽ مردن جي عدد ۾ فرق آهي ڇا اهو ڳولهيو.
- ڪهڙي عمر جي گروهه ۾ فرق مکيه طور ڏسجي ٿو.







































## آدمشماريءَ جي واڌ جو نرخ:







شڪل ٦.٥

### جاگرافيڪل سمجهاڻي

- آدمشماري جي واڌ جو انداز برازيل ۾ گهٽي پاڻي گهٽيو آهي. ڀارت ۾ اَڃ به ساڳي حالت آهي. ٢٠٠١ - ٢٠١١ جي ڏهاڪي ۾ ڀارت جي آدمشماري ١٨.٢ ڪروڙ وڌي.
- ڀارت ۾ آدمشماري جي واڌ جو نرخ ١٩٧١ تائين وڌيڪ هو. تنهن کان پوءِ اِستر ٿيو آهي. زمان حال ۾ آدمشماريءَ جي واڌ جو نرخ گهٽ ٿيو آهي؛ پر آدمشماري وڌي رهي آهي.
- برازيل جي گراف کي جاچڻ سان اهو ڌيان ۾ اَچي ٿو ته واڌ جو نرخ گهٽ ٿي رهيو آهي. اِيندڙ ٻن ڏهاڪن ۾ برازيل جي آدمشماري وڌڻ جو اِمڪان گهٽ آهي.

## جيون جو عرصو:







شڪل ٦.٦



















### جاگرافيڪل سمجهاڻي

- سراسري جيون جي عرصي ۾ آيل واڌ اِها سماج جي ترقي جي اُهڃاڻ آهي. صحت سان لاڳاپو رکندڙ سهولتين ۾ واڌ، طب ڪيتر ۾ ٿيل ترقي، قوت بخش پرپور کاڌو حاصل ٿيڻ لڳو تہ سراسري جيون ۾ واڌ ٿيڻ لڳي ٿي. وڪاس ڪندڙ ديشن ۾ جيون اَڃ بہ گهٽ آهي؛ پر آرٽڪ وڪاس سان اُن ۾ ڏيري ڏيري واڌ ٿي رهي آهي.



### ذرا دماغ هلايو:

- جيون ۾ واڌ ۽ آدمشماري جي واڌ ۾ لاڳاپو هوندو آهي ڇا؟ ڪيئن؟

## علميت جو عدد:







شڪل ٦.٧

### جوڙي جا رنگ

شڪل ٦.٣ کان ٦.٧ ۾ آدمشماريءَ جزن جدا جدا خاصيتن جا گراف ڏنل آهن. انهن گرافن جو اڀياس ڪريو. هيٺين سوالن تي چرچا ڪريو ۽ جواب لکو.

- کهڙي ديش جو جنسياتي ريشو وڌيڪ آهي؟
- علميت وڌيڪ هوندڙ ديش ڪهڙو آهي؟
- کهڙي ديش جي آدمشماريءَ جي واڌ وڌيڪ تي رهي آهي؟
- کهڙي ديش جو سراسري جيون وڌيڪ آهي؟
- کهڙي ديش ۾ ٻُڍن جو انداز وڌيڪ آهي.

### ذرا ويچار ڪريو

متئين سمجهاڻي ڏيان ۾ رکندي پارت جي آدمشماريءَ بابت توهان کي ڪهڙو ويچار ڪرڻ کپي، اَسانجي مانو ٻل جو اُپيوگ ڪيئن ڪري سگهبو. عورتن جو عدد وڌي ۽ جنم درُ تي ضابطو رکڻ لاءِ ڇا ڪري سگهبو. ان بابت هرهڪ تي ٻن کان ٽي جملا لکو.

### ڪري ڏسو

ان کان پهريون ڳالهه ٻول طريقي شڪل ٦.٧ جي گراف لاءِ گفتگو تيار ڪريو ۽ لکو.

### ذرا دماغ هلايو:

- آدمشماريءَ جي رچنا تي مدار رکندڙ گروهن جو عدد وڌيو تہ اُنجو اثر آرٿڪ سرشتي تي ڪهڙو ٿيندو؟

### هي توهان ڪري سگهندا؟

- ٻنهي ملڪن جي آدمشماريءَ جي گهاٽائي ڏيکاريندڙ نقشي جي سوچي ڏسو. اُن ۾ ڪهڙو فرق ڏسجي ٿو اهو ڏسو. ڪهڙو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو؟

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

پارت ۾ آدمشماري جي ڳڻپ هر ڏهين سال آدمشماري ڳڻپ ڪارياليہ ذريعي ٿئي ٿي. برازيل ۾ IGBE يعني

Brazilian Institute of Geogaraphy and Statistics

ان سنستا پاران هر ڏهين سال آدمشماريءَ جي ڳڻپ ڪئي ويندي آهي. انهن ٻنهي ديشن ۾ پهرين آدمشماري جي ڳڻپ جاچ - جوچ ١٨٧٢ سال ۾ ٿي.

پارت جي آدمشماري ڳڻپ هر ڏهين سال ٿيندي آهي. (١٩٦١ - ١٩٧١....)

برازيل جي آدمشماري ڳڻپ هر ڏينهن سال ٿيندي آهي. (١٩٦٠-١٩٧٠....)

**سوال ١: هيٺيان بيان غلط يا صحيح ٻڌايو:**

**غلط بيان درست ڪريو.**

(الف) ڀارت کان وڌيڪ برازيل ۾ علميت آهي.

(ب) برازيل جا ماڻهو اُتر اوڀر کان وڌيڪ ڏکڻ اوڀر واري ڀاڱي ۾ رهڻ پسند ڪن ٿا.

(پ) ڀارت جي ماڻهن جو زندگي (جيون) گهٽجي رهي آهي.

(ٻ) ڀارت جي اُتر اولهہ واري حد وٽ گهاٽي آدمشماري آهي.

(ث) برازيل جي اولهہ واري ڀاڱي ۾ تمام ويجهو بستيون آهن.

**سوال ٢: ڏنل سوچنا انوسار سوالن جا جواب ڏيو:**

(الف) ڀارت جا راڄيہ آدمشماري اَنوسار گهٽجندڙ سلسلي ۾ لکو.

هماچل پرديش، اُتر پرديش، اَروڻاچل پرديش، مڌيہ پرديش، آنڌر پرديش.

(ب) برازيل جا راڄيہ آدمشماري انوسار وڌندڙ سلسلي ۾ لکو.

اَميزانس، ريئو - دي جانيرو، اَلا گواس، سائو پالو، پئرانا.

(پ) ڀارت ۽ برازيل ۾ گهاٽي ۽ ڇڊي آدمشماري لاءِ جوابدار (جُزن جو ورگيڪرڻ ڪريو.)

(سمنڊ) ساگرجي ويجهڙائي، رستن جي گهٽتائي، پورڻي آبهوا اُديوگ ڌنڌن جي کمي، نوان شهر ۽ نگر، کوسي کمر بند جا گهميل ٻيلا، معدني پدارٿ، اَڌ خشڪ آبهوا کيتي ۽ لاءِ اُپيوگي زمين.

**سوال ٣: هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

(الف) ڀارت ۽ برازيل ديشن جي آدمشماري جي ورهاست جي هڪجهڙائي ۽ فرق سمجهايو.

(ب) آدمشماري جي ورهاست ۽ آبهوا جو لاڳاپو مثال ڏيئي سمجهايو.

**سوال ۴: جاگرافيءَ موجب سبب ڏيو:**

(١) آدمشماري هڪ اهميت وارو ساڌن (دؤلت) آهي.

(٢) برازيل جي آدمشماريءَ جي گهاٽائي گهٽ آهي.

(٣) ڀارت جي آدمشماريءَ جي گهاٽائي وڌيڪ آهي.

(۴) اميزان نديءَ جي ماٿريءَ ۾ ماڻهن جون بستيون ڇڊيون آهن.

(۵) گنگا جي ماٿريءَ ۾ ماڻهن جون بستيون گهاٽيون آهن.

**سوال ۵: (الف) چورس ڪ.م ۾ ڪيتر ڏيکاريندڙ الف ۽ ب چوڪنڊن ۾ آدمشماريءَ جي گهاٽائيءَ جي ڀيٽ ڪري ڪلاس بندي ڪيو.**

**(ب) شڪل (الف) ۾ هڪ نشاني = ١٠٠ اِهو ماپو هئڻ تي عورت - مرد جو ريشو ٻڌايو.**



(الف)



(ب)

**سوال ٦: شڪل ٦.١ (ب) ۾ آدمشماري جي گهاٽائي جي باري ۾ پنهنجو رايو ٻڌايو.**

**عملي ڪم :**

پنهنجي ضلعي جي آدمشماري جو عدد حاصل ڪريو ۽ اُها آدمشماري ضلعي جي نقشي ۾ ٽٻڪن واري طريقي ڏيکاريو.

U56L23

# ٧. اِنساني بستي

## پارٽ جي بستين جي ٻاهرين بيهڪ :



شڪل ٧.١ (الف)



شڪل ٧.١ (ب)

شڪل ٧.١ (الف) ۽ (ب) ۾ ڏيکاريل پارٽ جي بستين کي ڏسي (جاچي) پوءِ جواب ڏيو.

- بستين جو قسم سڃاڻو
- مرڪزي ڪرڙ تيل بستي ڪهڙي آهي؟ اُنجو ڪهڙو ڪارڻ (سبب) هوندو؟
- ڦهليل بستي جو حصو ڪهڙو آهي؟ اُنجو سبب ڪهڙو آهي؟
- اهي بستيون پارٽ جي ڪهڙي ڀاڱي جون هونديون، انجو جواب لکو.

### جاگرافيڪل سمجهاڻي

پارٽ جي آبهوا جي نرالائپ، پاڻي جي مؤجودگي، اُپجائو زمين ۽ اُنجو لاهه ڪري بستين جي ٻاهرين بيهڪ ۾ نرالائپ ڏسجي ٿي.
پر انجي اُبتڙ وڏن سان چانيل راجستان جو اولهه ۽ ڏکڻ وارو ڀاڱو، هماليه جو لاهه ۾ تتل هئڻ ساڳي طرح اُچائي واري ڀاڱي ۾ انساني بستيون گهٽ ۽ ڦهليل آهن.

### ذرا ويچار ڪريو

شڪل ٧.١ (الف) ۽ (ب) اُپگرهه ذريعي ورتل شڪلين ۾ بستيون شهري آهن يا ڳوٺ جون بڌايو.

### ٿورو ياد ڪريون.

هينين تختي ۾ ڪجهه سک سهوليتون ڏنل آهن. اهي سهوليتون فقط ڳوٺ يا فقط شهري ڀاڱي ۾ مؤجود هونديون آهن، يا ٻنهي پاسي هونديون آهن؟ تختي ۾ ✓ نشاني ڏيئي ورگيڪرڻ پورو ڪريو. توهانجي پسگردائي ۾ ڏسجندڙ سهوليتن تي پنج جملا لکو.

| سک سهوليتون | ڳوٺاڻي | شهري |
|---|---|---|
| پيٽرول پمپ | | |
| سئنيما گهر | | |
| هفتيوار بازار | | |
| پراٿمڪ صحت ڪيندر | | |
| پوليس چوڪي | | |
| آرٽ گئلري | | |
| گرام پئنچائت | | |
| کيتي اُتپن بازار سمتي | | |
| پرائمري اسڪول | | |
| هاءِ اسڪول | | |
| ڪاليج | | |
| دُڪان | | |
| وڏيون اسپتال | | |
| ميٽرو اسٽيشن | | |
| بس اسٽيشن | | |
| يونيورسٽي | | |

## برازيل ۾ بستين جي پاهرين بيهڪ:



شڪل (۷.۲) (الف) : اميزان نديءَ جو اونهو پاڻو

### ڪري ڏسو

شڪل ۷.۲ (الف) ۽ (ب) ۾ برازيل جون بستيون ڏيکاريل آهن. انهن مان هڪ اميزان نديءَ جي خالي پاڻي جي تہ بي ڪناري واري پاڻي جي آهي. انهن بتين جي پاهرين بيهڪ ڏيان سان جاچيو. پاهرين بيهڪ کي نالو ڏيو. انهن جي ڳتيل يا ڇڊي هئڻ تان آئيندھ ۽ وستار بابت بيان ڪريو.

### جاگرافيڪل سمجهاڻي

برازيل ۾ شروعاتي بستيون يورپ جي بينڪوادين نرماڻ ڪيون. اهي بستيون خاص ڪري برازيل جي ڪناري واري پاڻي ۾ ٿيون. هاڻي اِنهن بستين جو وڪاس ٿيو آهي ۽ هي ڳتيل آهن. انهن بستين جي وڪاس جا مکيہ سبب هيٺين ريت آهن.

تڏهن بہ ڪناري واري پاڻي جي پورپني ۽ گهميل آبهوا، پرپور پاڻيءَ جي رسد، کيتيءَ لاءِ سُٺي زمين جهڙي ساڌن سمپتي وغيره سبب ان پاڻي ۾ ڳتيل بستيون ڏسجن ٿيون. مثال - سائو پاولو.



شڪل ۷.۳ : سائو پاولو شهر



شڪل (۷.۲) (ب): سائو پاولو شهر (عڪس)

سائو پاولو جو پاڻو پيلي زمين وارو آهن. ڪافي جي پئدائش لاءِ هي پاڻو پيلو آهي. هن پاڻي ۾ معدني پدارٿ پرپور آهن. هن پاڻي ۾ بجلي جي رسد بنا رڪاوٽ ٿئي ٿي. اِتي آمدرفت جي سهوليت جو بہ وڪاس ٿيو آهي. مٿين سڀني سببن ڪري سائو پاولو ۾ انساني بستيءَ جو مرڪزي ڪرڻ ڏسجي ٿو. شڪل ۷.۳ ڏسو.

برازيل جي اُتر اوپر واري پاڻي جي مٿاهين پٽ وارو پاڻو، گهڻ برسات هئڻ ڪري ان پاڻي ۾ کيتي محدود آهي. ان پاڻي ۾ گهوناٽيون بستيون ڦهليل ۽ گهٽ آهن.

ڪناري ڪان برازيل جي اندرين پاڻن ۾ اميزان نديءَ جي ماٿريءَ ۾ ويندي انساني بستيون گهٽنديون وڃن ٿيون. اُنجا مکيہ سبب هيٺيان آهن.

- هي پاڻو گهاٽن خط استوائي بيلن سان ڇانيل آهي.
- آبهوا روڳي آهي ۽ بستين جي لاءِ اَڻ ٺهڪندڙ آهي.
- ساڌن سمپتيءَ جي ڪوچ واپار تي قدرتي روڪ آهي.
- ان پاڻي ۾ آمدرفت جي سهوليت محدود انداز ۾ وڌيون آهن.



شڪل ۷.۴ : اميزان ندي - بيلا

## پارٽ - شهريڪرڻ :

ڪُل آدمشماري جا ڪيترا سيڪڙو ماڻهو شهر ۾ رهن ٿا، اُن جي آڌار تي شهريڪرڻ جي ليول ٽي ڪڍي وڃي.

**پڙايو ڏسان!**

پارٽ-ناگري ڪرڻ




شڪل ٧.٥ پارٽ-ناگري ڪرڻ (شهري ڪرڻ) رُخ (٢٠١١ کان ١٩٦١)

شڪل ٧.٥ ڪي ڄاچيو ۽ هيٺين سوالن جا جواب ڏيو.

- ١٩٦٠ سال ۾ ناگري (شهري) ڪرڻ ڪيترا سيڪڙا ٿيو هو.
- ڪهڙي ڏهاڪي ۾ ناگري (شهري) ڪرڻ سڀ کان وڌيڪ هو؟
- ڪهڙي ڏهاڪي ۾ ناگري ڪرڻ جي واڌ تمام گهٽ هئي؟
- ليڪ گراف جو رُخ ڏسندي پارٽ جي (شهري) ناگري ڪرڻ بابت توهان ڪهڙو نتيجو ڪيندا؟

### ڄاگرافيڪل سمجهاڻي

گراف مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته پارٽ جي ناگري (شهري) ڪرڻ جي رفتار گهٽ آهي. پارٽ جي شهري ڪرڻ جو رخ ٢٠١١ سام ۾ ٣١.٢% هو. جيڪو وڪاس ڪيل ديشن جي پيٽ ۾ گهڻو گهٽ هو. ان کان پوءِ به ديش جي شهري آدمشماري وڌي ٿي. شهرن لاءِ وڌندڙ وستار ۽ اُسريل نوان شهر انهن شهرن بابت يوجنا اهي ڳالهيون اهميت واريون آهن.

پارٽ ۾ شهري ڪرڻ کي ڏسندي اهو نظر اَچي ٿو ته اُتر جي پيٽ ۾ ڏکڻ ۾ شهري ڪرڻ وڌيڪ ڏسجي ٿو. گوئا سڀ کان وڌيڪ شهري ڪرڻ وارو راڄيہ آهي. ان جي راڄيہ جي ٦٢% آدمشماري ٥٠% رهي ٿي. دهلي، مرڪزي ايراضيءَ جي ٨٠% کان مٿي آدمشماري شهرتي ويئي آهي. تامل ناڊو، مهاراشٽر، گجرات ۽ ڪيرالا راڄين ۾ شهري ڪرڻ وڌيڪ ٿيل آهي. هماچل پرديش، جمو - ڪشمير، اُتراکنڊ، بهار ۽ راجستان راڄين ۾ شهري ڪرڻ گهٽ ٿيل ڏسجي ٿو.

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

پارتيہ اُپکنڊ کي تمام پُراڻي وقت جو اِتهاس آهي. ان ديش جي آدمشماري انيڪ پيڙهين کان ندي ڪناري، مٿاهين پٽ تي ۽ پهاڙن تي رهن ٿا. اندر پرست (دهلي)، مِثلا، وارڻسي، هڙاپا، موهن جو دڙو، اُڄين، پرتشنان (پٺڻ) اهي اُن وقت جون شهري بستيون هيون. ان مان ڄاڻ پوي ٿي ته پارٽ کي وڏي شهري پرمپرا آهي.

### برازيل شهري ڪرڻ:

**ڪري ڏسو**

صفحي ٤٩ تي تختي ۾ برازيل جي شهري آدمشماري جو سيڪڙو ڏنل آهي. اِن تختي جي آڌار

### هي توهان ڪري سگهندا؟

تختي جي ڄاڻ انوسار شهري آدمشماري جو گراف تيار ڪريو ۽ نوٽ لکو. (فارمولا : آدمشماري جي ڳڻپ ٢٠١١)

| نمبر | شهري آدمشماري سيڪڙو | راڄيہ - مرڪزي ايراضي |
|---|---|---|
| ١ | ٠-٢٠ | هماچل پرديش، بهار، آسام، اوڙيسا |
| ٢ | ٢١-٤٠ | ميگهاليہ، اُتر پرديش، اَروٺاچل پرديش، سڪم ڇتيس ڳڙهہ، جهار کنڊ، راجستان، ترپورا، جمو ۽ ڪشمير، ناگالئنڊ، مڻيپور، اُترا کنڊ، اولهہ بنگال، آنڌر پرديش، هريانا، انڊمان نڪوبار پيٽ، پنجاب، ڪرناٽڪ، مڌيہ پرديش |
| .٣ | ٤١-٦٠ | گجرات، مهاراشٽر، دادرا نگر حويلي ڪيرل تامل ناڊو، مزورم |
| .٤ | ٦١-٨٠ | گوئا، پڊوچيري، دمن- ديو، لڪش دويپ |
| .٥ | ٨١-١٠٠ | چنديگڙهہ، راشٽريہ راڄڌاني ڪيتر دهلي (NCT) |

## نقشي سان دوستي




شڪل ٧.٦

### ذرا دماغ هلايو:

- برازيل ۾ شهريڪرڻ تي اثر ڪندڙ ڪهڙا جُزا آهن؟

برازيل اُتاهين زمين ۽ اميزان ماٿريءَ ۾ آدمشماري گهٽ هئڻ سبب انهن ڀاڱن ۾ شهريڪرڻ گهٽ آهي. انهن ڀاڱن ۾ مئناس بندر نگرو ۽ اميزان ندين جي ميلاپ وٽ آهي. اتي شهريڪرڻ وڌيڪ آهي.

### جاگرافيڪل سمجهاڻي

نقشي مان ڄاڻ پوي ٿي تہ ديش ۾ شهريڪرڻ اندرين ڀاڱن کان ڪناري وارن ڀاڱن ۾ وڌيڪ ٿيو آهي. اُتر جي راڄين کان سائو پاولو، گوئئاس، رئيودي جانيريو انهن راڄين ۾ آدمشماري وڌيڪ آهي.

### جوڙي جا رنگ

برازيل ۽ ڀارت ديشن جي آدمشماريءَ جي بناوت، شهري ۽ ڳوٺاڻي انساني بستي ۽ شهريڪرڻ بابت ٽڪر لکو.

### سوال ۱:مناسب جواب سامهون ✓ نشاني لڳايو.
### غلط بيان درست ڪريو.

(الف) بستين جو مرڪزي ڪرڻ هينين مڪيه ڳالهه سان جڙيل آهي.
- (۱) سامونڊي ويجهڙائي ☐
- (۲) مئداني ڀاڱا ☐
- (۳) پاڻيءَ جي مؤجودگي ☐
- (۴) آبهوا ☐

(ب) برازيل جي ڏکڻ اوير ڀاڱي ۾ مڪيه طئر ڪهڙي قسم جي بستي ڏسجي ٿي؟
- (۱) مرڪزي ☐
- (۲) ليڪي ☐
- (۳) پکڙيل ☐
- (۴) تاري شڪل واري ☐

(پ) ڀارت ۾ پکڙيل بستين جو قسم ڪٿي ڏسجي ٿو؟
- (۱) ندين ڪناري ☐
- (۲) آمدرفت رستن جي پاسي ۾ ☐
- (۳) ٽاڪروُ ڀاڱا ☐
- (۴) اديوڳن جي ڪيتر ۾ ☐

(پ) نرمدا نديءَ جي ماٿريءَ ۾ مرڪزي بستي ڏسجي ٿي.
- (۱) ٻيلائي - جهنگلن جو ڏيک ☐
- (۲) کيتيءَ لائق زمين ☐
- (۳) اوچي هينئين زمين ☐
- (۴) اُديوڳ ☐

(پ) برازيل ۾ ڪهڙي راڄيہ ۾ شهريڪرڻ گهٽ آهي.
- (۱) پارا ☐
- (۲) اماپا ☐
- (۳) اِسپرٽو سانٽو ☐
- (۴) پرانا ☐

### سوال ۲: جاگرافيڪل سبب لکو.

(الف) پاڻيءَ جي موجودگي ماڻهن جي بستيءَ لاءِ هٽي ڏيندڙ مکيہ جزو آهي.

(ب) برازيل ۾ گهٽي آدمشماري اوڀر ڪناري وٽ ڏسجي ٿي.

(پ) ڀارت ۾ شهريڪرڻ وڌي رهيو آهي.

(پ) اُتر اُڀر برازيل ۾ بستيون چڊيون آهن.

(پ) چنڊيگڙهه ۽ دهلي کان سواءِ ٻين اُتر ڀارت جي راڄين ۾ شهريڪر گهٽ ٿيو آهي.

### سوال ۳: ٿوري ۾ جواب لکو.

(الف) ڀارت ۽ برازيل ديشن جي شهريڪرڻ ۾ ڪهڙي هڪجهڙائي آهي؟

(ب) گنگا ۽ اميزان ندين جي ميدانن جي انساني بستين ۾ فرق سمجهايو.

(پ) انساني بستين جي واڌ خاص هنڌن تي ئي ڇو ٿي ڏسجي؟

#### مشغولي

انٽرنيٽ ۽ ٻين حوالن جي ڪتابن وسيلي جا برازيل ۾ 'اولهه' ڏانهن هلو' ۽ ڀارت ۾ 'ڳوٺن ڏانهن هلو' انهن نيتين جي جاچ هٿ ڪريو. انهن جي مقصدن ۽ نتيجن بابت ڪلاس ۾ ڳولهه ٻولهه ڪريو.

UGAYFZ

# ٨. مالي سرشتو ۽ واپار

## ھي توھان ڪري سگھندا؟

ھيٺئين گراف کي جاچي سوالن جا جواب لکو.

ڪُل قومي اُپت (GNP) سنہ ١٩٦٠ کان ٢٠١٦
(ڏھ لکہ يو. ايس. ڊالر ۾)




شڪل ٨.١

- ٢٠١٦ سال ۾ ڪھڙي ديش جي قومي اُپت وڌ ۾ وڌ ھئي ۽ ڪيتري؟
- برازيل ۽ ڀارت مان، ١٩٨٠ ۾ ڪنھن جي قومي اُپت وڌيڪ ھئي؟
- برازيل ۽ ڀارت مان، ٢٠١٦ ۾ ڪنھن جي قومي اپت وڌيڪ ھئي؟
- ٢٠١٦ جي ڀارت ۽ برازيل جي ڪل قومي اپت ۾ فرق ٻڌايو.
- ٢٠١٦ جي ۾ واڌارو ڪيل ديش ۽ واڌارو ڪندڙ ديشن جي ڪل قومي اپت ۾ فرق ٻڌايو.

## ڪري ڏسو

ھيٺ ڏنل ديشن جي الڳ الڳ ڪيترن جي مالڪيءَ جو خاڪو ڏنل آھي. برازيل وانگر ڀارت نسبت ڄاڻ پرپيو ۽ خاڪو ڪاپيءَ ۾ لکو.

| ڀارت | وياپار ڪيتر | برازيل |
|---|---|---|
| - - - | بئنڪون | خانگي ۽ عام ٻئي. |
| - - - | ريلوي | خانگي ۽ عام ٻئي |
| - - - | ھوائي آمدرفت | خانگي ۽ عام ٻئي |
| - - - - | بجلي پئدائش | گھڻو ڪري عام |
| - - - - | لوھہ ۽ رڪ اُديوگ | گھڻو ڪري عام |
| - - - - - | صحت | خانگي ۽ عام ٻئي |
| - - - - | تعليم | گھڻوڪري عام، ڪجھہ خانگي |
| - - - - | رابطو | خانگي ۽ عام ٻئي |

- توھانجي پوري ڪيل خاڪي ذريعي ٻڌايو تہ ٻنھي ديشن ۾ مالي سرشتو ڪھڙي قسم جو آھي.

## جاگرافيڪل سمجھاڻي

ڪنھن بہ ديشن جو مالي سرشتو اُن جي واپار، قسم، واڌارو انھن تي مدار رکي ٿو. مالي سرشتي ۾ ٽن قسمن جا واپار / ڌنڌا اسان سکيا آھيون.

## ٿورو ياد ڪريون.

ھيٺئين خاڪي ۾ ڪي ڌنڌا ڏنل آھن. انھن جو ورگيڪرڻ ڪري مناسب چوڪندي ۾ ✓ ڪريو.

| ڪم | بنيادي | ٻئين درجي وارا | ٽئين درجي وارا |
|---|---|---|---|
| ٽي.وي پروگرام | | | |
| ماڪيءَ جي مکہ پالڻ | | | |
| ناريل مان رسي ٺاھڻ | | | |
| ڀڙ ٺاھڻ | | | |
| ڏاتوڪم | | | |
| اَڏاوت | | | |
| معدني ڌاتو ڪوٽڻ | | | |
| واھڻ ٺاھڻ | | | |
| چانور پئدائش | | | |
| پڙھائڻ | | | |
| بس ھلائڻ | | | |
| رھڻ ۽ کائڻ جي سھوليت ڏيڻ | | | |

## ڀارت ۽ برازيل جا مالي ڌنڌا:

شڪل ٨.٢ ۾ ورھايل گولن ۾ ٻنھي ديشن ڪل گھروُ پئدائش ۾ ڌنڌن جو يوگدان ۽ انھن ڌنڌن ۾ لڳل ديش جي آدمشماريءَ جو سيڪڙو ڏنل آھي، انھن کي جاچي پڇيل سوالن جا جواب لکو.




کل گھروُ پيدائش ۾ ڌنڌن جو يوگدان (٢٠١٦)




ڌنڌن ۾ لڳل آدمشماري جو سيڪڙو (٢٠١٦)

■ ٽئين درجي وارا ■ ٻئين درجي وارا ■ پرائمري

شڪل ٨.٢

- ڪهڙي ديش ۾ بنيادي ڌنڌن ۾ لڳل آدمشماريءَ جو سيڪڙو وڌيڪ آهي؟
- ڪهڙي ديش جي ڪل گھروُپيدائش ۾ ٽئين درجي وارن ڌنڌن جو يوگدان وڌيڪ آهي؟
- ڪهڙي ديشن جي ڪل گھروُ پيدائش ۾ ٻئين درجي وارن ڌنڌن جو حصو وڌيڪ آهي؟
- ڀارت وانگر برازيل جو مالي سرشتو ڪيتيءَ تي مدار رکندڙ آهي، ائين ڇئي سگهبو ڇا؟ سبب ٻڌايو.

## جاگرافيڪل سمجهاڻي

شڪل ٨.١ ۾ اسان ڏٺو ته ڀارت جي قومي اُپت برازيل ڪان وڌيڪ آهي. برازيل دنيا ۾ ڪاڦيوُن ڪوڻڻ، ڪيتيءَ شين جي پيدائش ۾ اڳرو آهيءَ ان ديش ۾ شيوائن جو ڪيتر به خوب وڌيو آهي. ڀارت ۾ شيوائن جو ڪيتر وڌي رهيو آهي ته به ڪيتي ئي مکيه ڌنڌو آهي.

ڀارت وانگر برازيل جو مالي سرشتو به گڏيل روُپ وارو آهي. ٻنهي ديشن جو مالي سرشتو واڌ ڪائيندڙ آهي. انهن جي في ماڻهوُ اُپت آمريڪا جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ آهي. جيتوڻيڪ ڀارت جي قومي اُپت برازيل ڪان وڌيڪ آهي ته به ڀارت جي في ماڻهوُ اُپت برازيل جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهي. ان جا سبب ڳولهيو. ان لاءِ اڳتي ڏنل خاڪو واپرايو.

خاڪي جي چاڙ جي آڌار تي ڪمپيوٽر جي مدد سان جهجهائي گهٽڪندو ناهيو.

١٩٦٠ کان ٢٠١٦ في ماڻهوُ اُپت (يو.ايس. ڊالر ۾)

| ديش | ١٩٦٠ | ١٩٨٠ | ٢٠٠٠ | ٢٠١٦ |
|---|---|---|---|---|
| برازيل | ٢٤٠ | ٢٠١٠ | ٣٠٦٠ | ٨٨٤٠ |
| ڀارت | ٩٠ | ٢٨٠ | ٤٥٠ | ١٦٨٠ |
| آمريڪاجامتحدراڄيه | ٣٢٥٠ | ١٤٢٣٠ | ٣٧٤٧٠ | ٥٦٢٨٠ |

آمريڪا جا متحد راڄيه واڌارو ڪيل ديش آهي. ان ديش ۾ آدمشماري ڀارت جي ڀيٽ ۾ گهٽ ته به پڙهيل آهي. ان ديش وٽ انيڪ پيٽنٽ، جديد ٽڪنيڪ ۽ مشيني ٻل جي طاقت آهي. ان ڪري اهو ديش قومي في ماڻهوُ اپت ۾ برازيل ۽ ڀارت کان گهڻو اڳتي آهي. ڀارت ۽ برازيل واڌارو ڪندڙ ديش آهن. جديد ٽڪنيڪ، تعليم، اُديوگ نسبت اهي ديش ترقي ڪندڙ آهن. انهن جي قومي في ماڻهوُ اُپت گهٽ آهي.

ڀارت ۾ آدمشماري وڌيڪ هئڻ سبب في ماڻهوُ اُپت گهٽ ڏسڻ اچي ٿي.

**ذرا ويچار ڪريو**

ڪهڙي قسم جا ڌنڌا مالي سرشتي جو تيزيءَ سان واڌارو ڪري سگهن ٿا؟

**نقشي سان دوستي**

شڪل ٨.٣ جاچيو. ان ۾ برازيل جي مکيه فصلن جا پاڳا ڏيکاريل آهن. ان تي ڳالهه ٻول ڪريو هينين مُدن بابت داخلا ڪريو.

- برازيل جي ڪهڙي پاڱي ۾ ڪافيءَ جي پيدائش مکيه طوَر ٿيندي آهي؟
- برازيل ۾ ڪهڙا اناج پوکيا ويندا آهن؟
- فصلن جي ورهاست خيال ۾ رکي آبهوا جو اندازو لڳايو.
- ربر جي پيدائش جو مرڪزي ٻڌايو.
- خاڪو پورو ڪريو:

| فصل جو قسم | فصل | پيدائشي ڪيتر |
|---|---|---|
| اناج | | |
| واپاري/ نقدي فصل | | |
| ڦل ۽ ڀاڄيون | | |

## جاگرافيڪل سمجهاڻي

**ڪيتي:** برازيل اُتاهين زمين ۽ ڪناري وارن پاڻن ۾ ڪيتيءَ جو ڪم ٿيندو آهي. مواقف آبهوا ۽ زميني قسم سبب الڳ الڳ قسمن جا فصل پوکيا ويندا آهن. چانور ۽ مکائي مکيہ اناج وارا فصل آهن. مکائيءَ جو فصل مکيہ طور وچين پاڻي ۾ پوکيو ويندو آهي. ڪافي، ڪاڪائو، ربڙ ۽ ڪمند انهن نقدي فصلن جي پيدائش بہ گهڻي پئماني تي ٿيندي آهي. برازيل ڪافي ۽ سويابين جي پيدائش ۽ روانگيءَ ۾ اَگرو ملڪ آهي. ڪافيءَ جي پيدائش مکيہ طور مناس زِرائس سائو پاولو راجين ۾ ٿيندي آهي. انهن فصلن ڪانسواءِ، ڪيلا، انانس، نارنگي ۽ ٻيا ليمن جي گروهہ جا فصل بہ پوکيا ويندا آهن.

گاهہ واري ايراضين ۾ گانيوُن، ٻڪريون ۽ رڍوُن پاليون ويندوُن آهن. ان ڪري اُتي ماس جي پيدائش ۽ کير جا ڌنڌا بہ ٿيندا آهن.

**ڪاٽيون ڪوٽڙ:** شڪل ٨.٣ وسيلي هينين سوالن جا جواب لکو.

- برازيل ۾ ڪاٽيون ڪوٽڙ ڌنڌي جي پيدائش ۽ پيدائشي ڪيترن جو خاڪو ناهيو.
- برازيل جي کهڙي پاڻي ۾ ڪاٽيون ڪوٽڙ جي ڌنڌي واڌ نہ ڪاڏو آهي؟ ان جا سبب سوچيو.
- اُديوڱن جو وڪاس کهڙن پاڻن ۾ ٿيو هوندو ٻڌايو.

### نقشي سان دوستي




شڪل ٨.٣

## جاگرافيڪل سمجھاڻي

برازيل جو اوير پاڱو ڪچي لوھ، مئنگنيز، نڪل، ٽامو، باڪسائيٽ وغيره معدني، ڌاتن سان پرپوُر آھي. اٽانٽاپ، گھاٽا جھنگل، معدني پدارٿن بابت اڻ ڄاڻائي وغيره ڳالھين سبب ديش جي اندرئين پاڱي ۾ ڪاٺيون ڪوٽڻ جو ڪم پورو واڌ نہ ڪائي سگھيو آھي. معدني پدارٿن جي مؤجوداتا ۽ ديش ۾ وڌندڙ ڪُھر سبب اُتاھين زمين ۾ ڪاٺيوُن ڪوٽڻ جي ڪم ۾ واڌارو ٿيو آھي.

**مڇي مارڻ:** شڪل ۸.۳ وسيلي ھينين سوالن جا جواب ڏيو.

- برازيل جي ڏکڻ اولھ ڪناري وٽ مڇي مارڻ جو مرڪز بڻيو آھي. ان جا بہ سبب لکو.
- برازيل ۾ وڏيون نديوُن آھن، تہ بہ اندرين پاڱن ۾ مڇي مارڻ جي ڌنڌي جو واڌارو نہ ٿيو آھي. ان بابت سوچي سبب ٻڌايو.

### ٿورو ياد ڪريون.

برازيل جي ڪناري ويجھو گرم ۽ ٿڌن سامونڊي وھڪرن جا نالا لکو.

### ڇا توھانکي ڄاڻ آھي؟

انترارشٽريہ سطح تي واپار ڪرڻ وقت آمريڪا جي ناڻي (ڊالر) ۾ حساب ٿيندو آھي. اھو ڊالر جي نشاني آھي. برازيل جو نالو برازيلين ريال (BRL) آھي. ان جي نشاني R آھي. ڀارتي روپيا (INR) اھو ڀارت جو نالو آھي. ان جي نشاني آھي.

ھڪ آمريڪن = ڊالر ۳.۱۲۹۷ R

ھڪ آمريڪن ڊالر = ٦٣.١٥٣ R

(نوٽ - ناڻي جو ملھ متجندو رھندو آھي.)

## جاگرافيڪل سمجھاڻي

برازيل ديش کي ۷۴۰۰ ڪ.م ڊگھو سامونڊي ڪنارو آھي. ٿڌن ۽ گرم وھڪرن جو ميلاپ، ۽ ڪُشادي سامونڊي ڏکڻ سبب ائٽلانٽڪ ڪناري وٽ مڇي مارڻ لاءِ مفيد ڪيتر آھي. مڇي مارڻ جو ڌنڌو روايتي نموني ھلندو آيو آھي. شخصي طوَر ننڍن گروھن طرفان روايتي طريقي ۽ وسيلي ذريعي اھو ڌنڌو ٿيندو آھي.

### ھي توھان ڪري سگھندا؟

ھينين چترن ۾ ڪيتيءَ جو قسم سُڃاڻو. اھي قسم ڀارت ۽ برازيل مان ڪھڙن ديشن ۾ ٿيندا آھن؟






مکيه طور سُوورب، ڪوڙنبي، لانبسٽر، ساردن وغيره جل واسين کي قاسايو ويندو آهي. برازيل جي قدرتي بناوت، گهاٽن ٻيلن ۾ پاڻيءَ جي وهڪري جي رفتار سبب تازي پاڻيءَ ۾ مڇي مارڻ جي ڪم جو واڌارو نہ ٿيو آهي.

## پارت ۾ کيتي:

**ڪري ڏسو**

- پارت ۾ ڪڻڪ، جوئر، چانور، ڪپھ، ڪمند، چانھ، سُوف اهي فصل پارت جي خاڪي نقشي ۾ نشانين وسيلي ڏيکاريو.

**جاگرافيڪل سمجهاڻي**

برازيل جي ڀيٽ ۾ پارت ڀ گهروُپيداٽش ۾ کيتيءَ جو يوگدان وڌيڪ آهي، ان کانسواءِ کيتيءَ جي ڌنڌي ۾ آدمشماريءَ جو وڏو حصو لڳل آهي. پارت جي اٽڪل ٦٠٩ زمين کيتيءَ هيٺ آهي. پارت ۾ کيتي پراچين وقت کان ٿيندڙ ڌنڌو آهي. انجا مکيہ سبب آهن کُساڌا ميدان، پلي زمين، نهڪندڙ آبهوا، آبهوا ۾ علحدگي.

پارت ۾ کيتي مکيہ طور گذران لاءِ آهي. هتي چانور، ڪڻڪ، جوئر، پاجهري، ۽ مکائي اهي مکيہ اناج وارا فصل آهن. ان کانسواءِ چانھ، ڪمند، ڪافي، ڪپھ، رٻڙ، لُسٽي وغيره نقدي فصل بہ پوکيا ويندا آهن. پارت ۾ الڳہ الڳہ ميوا مصالحا ۽ پاڇيون پوکيون وينديون آهن.

**مڇي مارڻ :** پارت جي مالي سرشتي ۾ مڇي مارڻ ڌنڌي جي گهڻي اهميت آهي. پارت کاري پاڻيءَ ۽ تازي پاڻيءَ جي مڇي مارڻ ۾ اڳرو ملڪ آهي. کاڌي جو هڪ جزو، روزگار، قوت بخش جُزو، پرڏيهي نالو حاصل ڪرڻ وغيره لاءِ ان ڌنڌي جي اهميت آهي.

ڪيرل، اولهہ بنگال، اوڙيسا، انڌر پرديش، تامل ناڊوُ گوئا، مهاراشٽر جي ڪناري وارن پاڻن ۾ رهندڙ انيڪ ماڻهن جي کاڌ ۾ مڇي هڪ اهم جزو آهي. پارت ۾ اٽڪل ٧٥٠٠ ڪ.م. ڪو ڏگهو ساموندي ڪنارو آهي. ان ڪناري تي مڇي مارڻ جو ڪم ٿيندو آهي. ان ڌنڌي جي ڪل پئداٽش ۾ ساموندي مڇي مارڻ جو ٤٠% حصو آهي. وَشي، بانگڙا، بومبل سُرمئي، پاپليٽ، جهينگو وغيره جل واسي عربي سمنڊ ۾ ملن ٿا. بنگال جي اپ سمنڊ ۾ شِونڊي، کپي چڪئي (ڪلوُپڊس) راوس وغيره جل واسي ملن ٿا.

تازي پاڻيءَ ۾ مڇي مارڻ جو ڪم ندين، واهن، جل پنڊارن تلاون وغيره ۾ ٿيندو آهي. ڪٽلا تازي پاڻيءَ جي هڪ مکيہ مڇي آهي. تازي پاڻيءَ جي مڇي مارڻ جو حصو اٽڪل ٦٠% آهي.

**ڏسو کوج ڪريون!**

پارت ۾ مڇي مارڻ بابت جاچ انٽرنيٽ ۽ ٻئي ساڌن وسيلي نوٽ لکو.

**کاڻيوُن کوڙڻ :** پارت ۾ ڇو ٽا ناگپور جو مٿاهون پٽ معدني پدارٿن جو ڀنڊار آهي. هتي کاڻيون کوڙڻ جو ڪم وڏي پئماني تي ٿئي ٿو.

اوپر مهاراشٽر ۽ ڇتيسگڙھ جي ڪوربا ۾ ڪوئلي جي ڪوٽائي ٿيندي آهي. آسام ۾ ڊگبوئي، مهاراشٽر ويجهو عربي سمنڊ ۾ ممبئي هاءِ گجرات ۾ ڪلول، ڪوياليءَ ۾ معدني تيل جا کوهہ آهن. بنگال جي اُپ سمنڊ ۾ گوداوري نديءَ ڇوڙ وٽ معدني تيل جا ڀنڊار مليا آهن. راجستان جي سنگهرور، آنڌرپرديش جي ڪڙاپا ۾ پٿرن جون کاڻيون آهن.

## برازيل جا اُديوگ :

لوہ ۽ رُڪ، واهڻ ناهڻ، معدني تيل تي ترتيب، کيميائي شيون، سيمنٽ ناهڻ، وغيره مکيہ اُديوگ آهن. تکنيڪ تي آڌارت اُديوگ وڏي رهيا آهن پر روايتي اُديوگن کي بہ اهميت آهي. ڪنڊ، ڪپڙو، ريشم ۽ سوٽي، اُديوگ ۽ کاڌي جي شين تي ترتيب انهن اُديوگن جو برازيل ۾ چڱو واڌارو ٿيو آهي. ڏکڻ ۽ ڏکڻ اولهہ پاڱا ۾ وڏن اُديوگن جا مرڪز ٻڌيا آهن. اُتر اُوپر ۽ اولهہ وارا پاڱن جو واڌارو گهٽ ٿيو آهي. انهن پاڱن ۾ سيڙپ لاءِ سرڪار اُتساهت ڪري رهي آهي.

**ٿورو ياد ڪريون.**

شڪل ٨.٢ ۾ ڏنل ورهايل گولن وسيلي ٻڌايو تہ پارت ۽ برازيل جي ڪل گهروُپيداٽش ۾ ٻئين درجي وارن ڌنڌن جو ڪيترو يوگدان آهي؟

شڪل ۸.۴ : نشانيون

## ڀارت جا اُديوگ:

شڪل ۸.۴ ۾ نشانين جي جاچ ڪريو.

- انهن نشاني وارين ڪمپنيُن ڪهڙن اُديوگن ۾ آهن اهو ٻڌايو.

ٻڌايو تہ:

- انهن اُديوگن لاءِ ڪهڙو ڪچو مال واپرايو ويندو آهي ۽ ان موجب اُديوگن جو ورگيڪرڻ ڪريو.
- اهو ڪچو مال ڀارت جي ڪهڙن ڀاڱن ۾ ملي ٿو ان تي چرچا ڪريو ۽ ڪاپيءَ ۾ نوٽ ڪريو.

ڀارت ۾ الڳ الڳ جڳهين تي اُديوگ برپا ٿيل آهي. ڪچي مال جي مؤجودگي، شڪتيءَ جا وسيلا، مالي وسيلا، وغيره جُزن سبب اُديوگن جي نابرابر ورچ تي آهي.

جهارکنڊ، اوڙيسا، ڇتيسگڙهہ، مڌيہ پرديش، راجستان جو ڪجھ ڀاڱو، ڪرناٽڪ ۽ تامل ناڊوُ راڄين ۾ ڌاتن جا ڀنڊار مليا آهن. ان ڪري اُپ ٻيٽ جي اُتر اوڀر ڀاڱي ۾ ڌاتوُ ناهڻ جا ڪارخانا اسٿاپت ٿيل آهن. گهڻو لوهہ ۽ رُڪ جي ڪارخانن جون ان ڀاڱي ۾ مرڪز آهي. ان جو مکيہ سبب آهي وڏي پئماني تي مؤجود ڪوئلي ۽ معدني لوهہ جا ڀنڊار. ان ڪانسواءِ دامودر مهاندي ماٿري جي آبي بجلي، هيرا ڪنڊ ماٿري ۽ انيڪ گرمي بجلي مرڪزن وٽان ملندڙ سستي: بجلي بہ ان ڀاڱي ۾ ڌاتو اُديوگن ڪارخانن لاءِ نهڪندڙ ماحول آهي.

راجستان ۾ ٽامو، شيهو ۽ جست، ڪرناٽڪ ۾ لوهہ - رُڪ، مئنگنيز ۽ اليوُمينم، ۽ تامل ناڊوُ ۾ اليوُمينم جا ڪارخانا اسٿاپت ٿيا آهن.

ڪيتيءَ تي آڌارت ڪپهہ، سُٽي ۽ ڪنڊ جا ڪارخانا ڪچي مال جي مؤجودگيءَ وارن راڄين ۾ گهڻا اسٿاپت ٿيا آهن. مثال مهاراشٽر، اُتر پرديش جا ڪنڊ جا ڪارخانا، اولهہ بنگال جا سُٽيءَ جا ڪارخانا. الڳ الڳ راڄين جي ٻيلن وارن ڀاڱن ويجهو ڪاغذ، پلاءِ وُڊ ماچيس، لاک، ڪاٺ جي شين جي پئدائش وغيره ٻيلن تي مدار رکندڙ ڪارخانا اسٿاپت ٿيا آهن. ڪونڪڻ ۽ ڪيرل جي ڪناري وارن ڀاڱن ۾ نوڙين، ميون تي ترتيب، مڇين تي ترتيب، وغيره ڌنڌا اسٿاپت ٿيا آهن.

ڪويالي، ڏگبوئي، نونمتي ۽، بوتگائيگول، اهي تيل صاف ڪرڻ جا مرڪز تيل جي پئدائش وارن ڀاڱن ۾ آهن. مَترا ۽ بروُني تيل صاف ڪرڻ جا مرڪز تيل جي مؤجودگيءَ ۽ ڪناري ڪان پري اندرين ڀاڱن ۾ آهن. سيمنٽ جا ڪارخانا پڻ سيمنٽ لاءِ ضروري چن جي ٽڪرن جي مؤجوگي وارن ڀاڱن ۾ آهن.

گجرات، راجستان ۽ تمل ناڊوُ راڄين جي ڪناري وارن ڀاڱن ۾ وڏي پئماني تي لوُڻ جي پئدائش ٿئي ٿي، ٽڪنيڪي، بجليءَ وارا، واهڻ وارا، ڀاڱ ۽ اُپيوگتا شين، جن اُديوگن جو ڪچي مال تي مدار گهٽ رهي ٿو اهڙا اُديوگ ديس جي الڳ الڳ ڀاڱن ۾ پکڙيل آهن ۽ اهي اُديوگ - ڪارخانا گهڻو ڪري وڏن شهرن ۾ برپا ٿيل آهن.

## تورو ياد ڪريون.

**واپار:** ڏنل خاڪي جو اڀياس ڪري جواب لکو.

- واپار جو ميزان معنيٰ ڇا؟
- واپار جي ميزان جا قسم ٻڌايو.
- هرهڪ سال ۾ ڪهڙي ديش جي آمدني روانگيءَ کان وڌيڪ آهي؟
- برازيل جو واپار - ميزان ڪهڙي قسم جو آهي؟
- ڀارت جو واپار - ميزان ڪهڙي قسم جو آهي؟

## ذرا دماغ هلايو:

راجستان ۾ سامونڊي ڪنارو نہ هوندي بہ اُتي لوڻ جي پئدائش ڪٿي ٿيندي هوندي؟

## جاگرافيڪل سمجهاڻي

برازيل مان مکيہ طور ڪچو لوهُ، ڪافي، ڪوڪو، ڪپهہ، ڪنڊ، تماڪُ، نارنگيون، ڪيلا وغيره جي روانگي ٿيندي آهي. برازيل مشينن، ڪيميائي پئدائشون، پاڻ، ڪڻڪ، واهڻ، معدني تيل، گريس، جي روانگي ڪري ٿو.

جرمني، آمريڪا جا متحد راجيہ، ڪئناڊا، اٽلي، ارجينٽنا، سعوُدي عريبيا ۽ ڀارت برازيل جا مکيہ واپاري پاڳيدار آهن.




شڪل ۸.۵ ڪُل ديش اندر واپار ۾ حصو

### روانگي، آمدني ۽ واپار جو ميزان (يوُ.ايس. ڊالر ۾)

| | ڀارت | | برازيل | |
|---|---|---|---|---|
| سال | روانگي | آمدني | روانگي | آمدني |
| ۲۰۰۹-۱۰ | ۱۷۸۷۵۱.۴ | ۲۸۸۳۷۲.۹ | ۱۵۲۹۹۴.۷ | ۱۲۷۴۷۴.۳ |
| ۲۰۱۰-۱۱ | ۲۵۱۱۳٦ | ۳٦۹۷۷۰ | ۱۹۷۳۵٦.۴ | ۱۸۰۴۵۸.۸ |
| ۲۰۱۱-۱۲ | ۳۰۴٦۲۳.۵۳ | ۴۸۹۱۸۱.۳ | ۲۵٦۰۳۸.۷ | ۲۲٦۲۴۳.۴ |
| ۲۰۱۲-۱۳ | ۲۱۴۰۹۹.۸ | ۳٦۱۲۷۱.۹ | ۲۴۲۵۷۹.۸ | ۲۲۳۱۴۹.۱ |

بزاريل جي ڪل ديش اندر پئدائش ۾ واپار جو حصو ۲۵% آهي.

شڪل ۸.۵ جاچيو. برازيل ۽ ڀارت جي واپار جي ڀيٽ ڪريو.

## جاگرافيڪل سمجهاڻي

ڀارت مکيہ طور چانهہ، ڪافي، مصالحا، چمڙو، چمڙي جون شيون، ڪچو لوهُ، ڪپهہ، ريشمي ڪپڙو، انب وغيره جي روانگي ڪندو آهي ۽ پيٽروليم، مشينيوُن، موتي، قيمتي پٿر، سون، چاندي، ڪاغذ، دوائو وغيره جي آمدني ڪندو آهي. يونائيٽيڊ ڪنگڊم، آمريڪا، جرمني، جپان، چين، رشيا، ڀارت جا مکيہ واپاري پاڳيدار آهن.

## جوڙي جا رنگ

**ڀارت - برازيل دوستي:**

هيٺين سوالن جا جواب ڏيو.

- هيٺئين ننڍي روُپ جو مطلب ڇا آهي؟
- BRICS اهو گروهہ ڪڏهن اسٿاپن ٿيو؟
- ان گروهہ جا مقصد ٻڌايو.
- ڪهڙي ڪنڊن جا ديشن ان گروهہ جا ميمبر نہ آهن؟
- ان گروهہ جا ديشن ڪهڙن ڪنڊن ۾ آهن؟



برکسن ذريعي ڀارت جي برازيل سان فوڄي پائيداري شروع ٿي، ڀارت ۽ برازيل ۾ ٻه - ڌري(ٻه - پارٽي) قرار ٿيا آهن.

شڪل ٨.٦ جي گراف جو ابياس ڪريو. ۽ جواب لکو.

- کهڙي سال ڀارت جو برازيل مان آمدني ملهه، برازيل ڏانهن روانگي ملهه کان وڌيڪ هو؟
- کهڙي سال ڀارت جو برازيل سان واپار ميزان مفيد (شفي) هو.
- ٢٠١٣ سال جي واپار - ميزان بابت ويچار ٻڌايو.
- کهڙي سال کان ڀارت جو روانگي ملهه، برازيل مان آمدني ملهه کان وڌيڪ آهي؟
- برازيل ۽ ڀارت جي واپارن ناتن بابت نوٽ لکو.



شڪل ٨.٦ ڀارت کي برازيل وٽان ٿيل آمدني ۽ روانگي

## جاگرافيڪل سمجهاڻي

ڀارت جي ڪمپنين برازيل ۾ وڏي پئماني تي سيڙپ ڪري انيڪ هنري - اُديوگ مرڪز برپا ڪيا آهن. ڀارت جي ڪمپنين برازيل ۾ ڄاڻ - ٽڪنيڪ، دوائون ٺاهڻ، شڪتي، کيتي واپار، ڪاٺيوُن ڪوئلڙ، انجنيئرنگ، ۽ واهڻ کيتر ۾ سيڙپ ڪئي آهي.

انجلي پيٽ ۾ برازيل جي ڀارت ۾ سيڙپ تمام گهٽ آهي. برازيل جي ڪمپنين ڀارت ۾ واهڻ. ڄاڻ - ٽڪنيڪ، ڪاٺيون ڪوئلڙ، شڪتي، جوتا، عضوي جلائو پدارت وغيره کيتر ۾ سيڙپ ڪئي آهي.

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

گذريل ١٥٠ سالن کان برازيل ڪافي پئدائش جي کيتر ۾ اڳرو آهي. انگريز هن ٻاڳي کي 'ڪافي ٻاٿ' چوندا آهن. اها موُل اٿو پياجي بناتات آهي. اڙڙهين صديء ۾ فرينچ حڪمرانن برازيل جي 'پارا' راڄير ۾ ڪافيء جي پوک ڪئي. ڪافيء جي باغن کي فزنداس (Fazendos) چوندا اهن.

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

ڪنهن به ديش جي مالي سرشتي ۾ ڍلوُن هڪ اهم حصو هونديون آهن. ديش ۾ هرهنڌ الڳ الڳ شين ۽ شيوائن تي هڪ ئي ڍل هُجي، ان مقصد سان وکرو ۽ وڌنڙ ملهه ڍل عيوضي شين ۽ شيوائون ڍل سرشتو (GST) ٢٠١٧ کان لاڳو ڪيو ويو آهي. برازيل اهو سرشتو ١٩٨٤ کان ئي لاڳو ڪيو آهي.

ڀارت وانگر برازيل ۾ ٻه شين ۽ شيوائون ڍل سرشتو(GST) گهڻ سطحي آهي.

## ابياس

سوال: (١) خالي جڳهين ۾ مناسب لفظ لکو:

(الف) ڀارت جي في ماڻهوُ اُپت برازيل کان گهٽ آهي چو ته

(i) گهٽ قومي اُپت (ii) گهٽي آدمشماري

(iii) وڏا ڪٽنب (iv) اَناج جي کوٽ.

(ب) برازيل جي مالي سرشتو مکيه طوُر اُتان جي ---- - ڌنڌن تي مدار رکي ٿو.

(i) بنيادي (ii) ٽئين درجي وارن

(iii) ٻئين درجي وارن (iv) چوٿين درجي وارن

**سوال ٢: هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

(الف) برازيل جي اولهہ ڀاڱي ۾ ڪاٺيوُن ڪوٺڻ جي ڏنڌ جي واڌ.

(ب) ڀارت ۽ برازيل ديش جي مڇي مارڻ ڌنڌي ۾ هڪجهڙائي ۽ تفاوت ٻڌايو.

(i) ڀنتي ڀيل (ii) واڌارو ڪيل

(iii) واڌآرو ڪندڙ (iv) خوب واڌارو ڪيل

**سوال ٣: سبب ڏيو:**

(الف) برازيل ۾ في ماڻهوُ زمين ڀارت جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ آهي.

(ب) ڀارت ۽ برازيل ٻنهي ديشن ۾ گڏيل مالي سرشتو آهي.

**سوال ۴: هيٺ ڏنل گراف جي جاچ ڪري اُن جي ٿوري ۾ چاڻ ڏيو.**






## سئر سفر:

### ڪري ڏسو

هاڻي تائين توهان برازيل بابت چڱي ڄاڻ حاصل ڪئي آهي. ان ڄاڻ جي آڌار تي توهان برازيل جي جن هنڌن کي جو ڏؤر ڪرڻ چاهيندا، انجي ياداشت ٺاهيو.

برازيل جي ڪهڙن جزن يا خوبين سبب اهي سئر سفر ٺهيا آهن؟ انهن هنڌن جو ورگيڪرڻ سئر جي ڪهڙي قسم ۾ ڪيو؟ ان بابت دوستن سان ڳالهه ٻولهه ڪريو ۽ ورگيڪرڻ ڪريو.

شڪل ٩.١ جي آڌار تي سوالن جا جواب لکو:




**شڪل ٩.١: انترراشٽريہ سئلانين جو تعداد**

- ١٩٩٥ ۾ ڪهڙي ديش ۾ وڌيڪ سئلاني آيا؟
- ٢٠٠٠ ۾ ڪهڙي ديش ۾ سئلاني وڌيڪ هئا؟
- ڪهڙي سال کان ڀارت ۾ پرڏيهي سئلانين جو تعداد وڌيو؟
- ٢٠١٥ ۾ ٻنهي ديشن ۾ پرڏيهي سئلانين جو عدد ڪيترو هو؟ انهن ۾ تفاوت ڪيترو هو؟
- ٢٠١٠ کان پوءِ ڀارت ۾ پرڏيهي سئلاني وڌڻ جو ڪهڙو سبب هوندو؟

### جاگرافيڪل سمجهاڻي

## برازيل:

سفيد واريءَ جا ڪنارا، موهيندڙ ۽ صاف ساموندي ڪنارا، سُهٽا ٻيٽ، باغ، اميزان ماٽريءَ جا گهاٽا ٻيلا، علحدا جانور، پکي، ان سبب انترراشٽريہ سئلاني برازيل کي پسند ڪندا آهن. نئين راڄڌاني 'برازيليا' ۽ سئلانين کي ڪشش ڪري ٿي. ريئو دي جنيريو ۽ سائو پاولو شهر بہ سئلانين کي ڪشش ڪندا آهن. ديشن جي چڱن ڀاڱن ۾ سئر سفر اهم مالي ڏنڌو آهي. برازيل ۾ پسگردائيءَ سان ٺهڪندڙ سئر سفر جو واڌارو رهيو آهي.

### ٻڌايو ڏسان!

شڪل ٩.٢ وسيلي سوالن جا جواب لکو




**شڪل ٩.٢: سئر سفر ۽ مالي سرشتو (٢٠١٦)**

- مٿئين گراف جو قسم ٻڌايو.
- ان گراف ۾ ڪهڙيون ڳالهيون ڏيکاريل آهن؟
- ڪهڙن ديشن جي ڪل قومي پئداٿش ۾ سئر سفر جو يوگدان وڌيڪ آهي؟
- ڪل قومي پئداٿش نسبت سئر سفر ڏنڌي ۾ لڳل آدمشماري ڪهڙي ديش ۾ وڌيڪ آهي؟

### جاگرافيڪل سمجهاڻي

مٿين شڪل ٩.١ ۾ ڏيکاريل نموني ٢٠١٥ ۾ ڀارت ۾ آيل انترراشٽريہ سؤلانين جو تعداد برازيل جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ هو. تہ بہ سئر سفر ڪيتر جو ڪل قومي اُپت ۾ حصو برازيل جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهي. اهو مکيہ طؤر ديش جي آدمشماريءَ ڪل قومي اُپت جي عدد تي مدار رکي ٿو. ان موجب ڀارت جي قومي اُپت ۾ (شڪل ٩.٢) ۽ آدمشماري برازيل جي ڀيٽ ۾ تمام وڌيڪ آهي.

ان ڪري ڀارت جي ڪل راشٽريہ پئدائش ۾ سئر سفر جو حصو برازيل کان گهٽ ڏسجي ٿو. ۽ ان ڪيتر ۾ آدمشماريءَ جو انداز وڌيڪ ڏسجي ٿو.

**ذرا ويچار ڪريو**

برازيل جي ڪهڙن جُزن يا خاصيتن سبب سئر گاهيءَ جا هنڌ ٿيا آهن.

## ڀارت:

شڪل ۹.۱ جي گراف مان ڄاڻ پوي ٿي تہ ڀارت ۾ انترراشٽريہ سئلانين جو تعداد سانده وڌي رهيو آهي. اها واڌ ۲۰۱۰ کان وڌيڪ ٿي آهي. انترراشٽريہ سئلانين جي تعداد ۾ اها واڌ سانده آهي. پرڏيهي سئلاني ڀارت ۾ اتهاسڪ، پسگردائيءَ واري، ساهسي، سپيتڪ، ڊاڪٽري، ڏنڌوڙي سئر لاءِ ايندا آهن. ڀارت جي اتهاسڪ ورثي کي خيال ۾ رکندي انيڪ ڀاڱن ۾ سئر سفر جا گهڻا ئي موقعا آهن. ان لاءِ انيڪ استان نهي رهيا آهن.

### ڀارت ۽ برازيل جا ڪجهہ سئر سفر جا هنڌ



شڪل ۹.۳ : گيٽوي آف انڊيا



شڪل ۹.۴ : ريئو دي جنيرو جو وارياسو ڪنارو



شڪل ۹.۵ : برازيل : ساموندي سئر گاهي



شڪل ۹.٦ : اجنتا غفائون



شڪل ۹.۷ مئناس جو فوٽ بال اسٽئڊيم



شڪل ۹.۸ گوهاٽي - آسام

## نقشي سان دوستي




شڪل ٩.٩

**برازيل جي آمدرفت :** شڪل ٩.٩ ۾ برازيل جي آمدرفت واري نقشي جو اڀياس ڪري هيٺين سوالن جا جواب لکو.

- ڪهڙن قسمن جا آمدرفت جا رستا ڏسجن ٿا؟
- ڪهڙي قسم جي رستن جي گهاٽائي وڌيڪ آهي؟
- ڪهڙي خشڪي شاهي رستو آهي؟ اهو ڪهڙن هنڌن کي جوڙي ٿو؟
- ريلوي رستا مکيہ طوُر ڏکڻ - اوڀر ڀاڱن ۾ ڏسجن ٿا. انجو ڪهڙو سبب هوندو؟
- برازيل جي ڪهڙي ڀاڱي ۾ آمدرفت جا رستا گهٽ آهن؟ انجا ڪهڙا سبب هوندا؟

## جاگرافيڪل سمجهاڻي

برازيل ۾ عام طرح خشڪي آمدرفت هرهنڌ ڏسجي ٿي. ديش جي ڪل رستن ۾ خشڪي رستن جو حصو اڌ کان وڌيڪ آهي، پر انهن رستن جي گهاٽائي اوڀر پاسي وڌيڪ آهي. اولهه طرف اميزان نديءَ جي ماٿريءَ ۾ ٻيلائيءَ ڀاڱن ۾ ڏٻڙ واري زمين سبب اتي خشڪي رستن جو واڌارو گهٽ ٿيو آهي.

اميزان نديءَ وسيلي واپاري مٿي تي آبي آمدرفت ٿيندي آهي. نديءَ جي چوڙ واري ڀاڱي کان پيروُ ديش جي اِڪوي ٽاس تائين اها آمدرفت ٿيندي آهي. دنيا ۾ اندرين آبي آمدرفت جو اهو سڀ کان ڊگهو مفاصلو (اٽڪل ٣٧٠٠ ڪ.م) آهي. پئرانا اها ڏکڻ طرف وهندڙ نديءَ بہ آبي آمدرفت لاءِ ڪارائتي آهي.

ڪناري وارن ڀاڱن ۾ بہ آمدرفت ٿئي ٿي.

برازيل ۾ ريلوي رستن جو واڌارو نہ ٿيو آهي. ريلوي آمدرفت سستي آهي پر اُنجو استعمال گهٽ شهرن تائين هڪدم آهي. هوائي آمدرفت بہ محدود آهي.

### ذرا ويچار ڪريو

ڪنهن ايراضيءَ ۾ آمدرفت جي شيوائن جي واڌاري نسبت، برازيل ۾ آمدرفت - شيوائن جي واڌاري تي ڪهڙن جزن جو اثر ٿيو آهي؟ قدرتي بناوت ۽ آبي سرشتي جي خيال کان برازيل ۾ ڪهڙن رستن جو اُپيوگ وڌيڪ ڪيو ويندو آهي؟

**ڀارت - آمدرفت:** شڪل ٩.١٠ ۽ ٩.١١ جي آڌار تي هيٺين سوالن جا جواب لکو.

- آمدرفت جي رستن جا ڪهڙا قسم نقشي ۾ ڏسجن ٿا؟
- ڪهڙي ڀاڱن ۾ رستن جي گهاٽائي وڌيڪ آهي؟
- ڪهڙي ڀاڱي ۾ ريلوي رستا گهاٽا آهن؟
- پنج اهو بندرن ۽ هوائي اڏن جا نالا لکو.
- ڀارت جي ڪهڙي ڀاڱي ۾ آمدرفت رستن جو جار ڇدو آهي؟ انجو ڪهڙو سبب هوندو؟

## نقشي سان دوستي




شڪل ٩.١٠

## نقشي سان دوستي

شڪل ٩.١١




ڪُشادي ايراضيءَ واري ديشن ۾ پري جا مفاصلا پار ڪرڻ لاءِ ريلوي رستا اهم هوندا آهن.

آبي رستا آمدرفت جو سستو وسيلو آهن. ديش جي ڪل آمدرفت رستن ۾ آبي رستن جو حصو فقط ١٠% آهي. انهن ۾ نديون، واهه، ناريون ۽ ٻيا ٻنڊار شامل آهن.

انٽرراشٽريه واپار ۾ ٩٥% واپار سامونڊي رستي ٿيندو آهي، انٽرراشٽريه واپار ڪانسواءِ ديش جي مکيه زمين ۽ ٻيٽن درميان؛ آبي آمدرفت جو اُپيوگ ٿئي ٿو.

برازيل جي ڀيٽ ۾ ڀارت ۾ انٽرراشٽريه هوائي آمدرفت جو واڌارو وڌيڪ ٿيو آهي. ان ڪانسواءِ ديش اندر به هوائي آمدرفت وڌي رهي آهي.

### هميشه ڌيان ۾ رکو.

آمدرفت شيوائن جو واڌارو ديش جي ترقيءَ جو اُهڃاڻ آهي.

### هي توهان ڪري سگهندا؟

- اروڻ ڊِگبوئيءَ مان صبح ٧ بجي ماءُ کي فون ڪيو. هنجي ماءُ جيلسر ۾ مڪاني وقت موجب اهو فون ڪيتري بجي ڪنيو هوندو؟

### جاگرافيڪل سمجهاڻي

ڀارت ۾ برازيل جي ڀيٽ ۾ ريلوي ۽ خشڪي رستن جا جار گهاٽا آهن. خشڪي رستن ذريعي هر سال اٽڪل ٨٥-- ماڻهن جي آمدرفت ۽ ٧٠% مال جي آمدرفت ٿئي ٿي. ريلوي رستن جي واڌاري سبب ماڻهن ۽ مال جي آمدرفت سؤلي بڻي آهي. ڀارتي مالي سرشتي جي واڌاري ۾ ريلوي رستن جو اهم يوگدان آهي. ڀارت ۾ ريلوي رستا آمدرفت جو مکيه وسيلو رهيو آهي. ڀارت جي وچين ڀاڱي، راجستان، اُتر - اوير راڄين ۾ ريلوي رستن جو.

جار چڊو آهي. اُتر ڀارتي ميداني ڀاڱن ۾ ريلوي رستن جو گهاٽو جار آهي.

### برازيل جي وسيلي نياپو:

### ڪري ڏسو

توهانکي ڄاڻ آهي ته برازيل جو ڏگهائي ڦاڪن موجب وستار وڌيڪ آهي. شڪل ٩.١١ ۾ برازيل جا ٻيهڪ

اوير ۾ بيحد اولهه وارا هنڌ ڏنل آهن. انهن ٻن هنڌن جي وقت ۾ تفاوت منٽن ۾ لهو.




**شڪل ٩.١٢ برازيل پئمانو وقت**

بيحد اولهه ۾ ناسينتي دو ريئا موئا هنڌ آڪري راجيه ۾ آهي انجي بيهڪ -- ″٣٢′٣٣ °٧٠ ڏکڻ ويڪرائي ڦاڪ ۽ ′٥٩ °٧٠ اولهه ڏگهائي ڦاڪ تي آهي بيحد اوير طرف بِندو - پونٽو دو سيڪساس اهو پرئباراجيه ۾ آهي انجي بيهڪ ″٠٩′٢٨ °٧٠ ڏکڻ ويڪرائي ڦاڪ، ′٤٨ °٣٤ اولهه ڏگهائي ڦاڪ تي آهي.

شڪل ٩.١٢ جي نقشي جو اڀياس ڪري هيٺين سوالن جا جواب لکو.

- نقشي ۾ ڪيترا پاٽا ڪيل آهن؟
- اهي پاٽا ڇا جا آهن؟
- دنيا جو پئماني وارو (سرڪاري) وقت جي معنيٰ ڇا آهي؟
- برازيل جي ڪهڙي پاڱي جو وقت ٻين پاڱن کان اڳتي آهي؟
- اهو وقت ٻين پاڱن کان ڪيترا منٽ اڳتي آهي؟
- ڳاڙهي رنگ جي گهاٽي ليڪ ڇا ٿي ڏيکاري؟

**جاگرافيڪل سمجهاڻي**

هن ديش ڏگهائي ڦاڪن موجب وستار مان توهان ڏسندا ته بيحد اوير ۽ بيحد اولهه حدن جي وقتن ۾ فرق ١٦٨ منٽ (٢ ڪلاڪ ٤٨ منٽ) آهي. ان ڪري برازيل ۾ ڪل چار سرڪاري وقت مهيا ويندا آهن. ديش ۾ الڳ الڳ ’وقتي پاٽا‘ آهن. اهي سرڪاري وقت گرينچ وقت (GMT) کان نمبروار ٢، ٣، ٤ ۽ ٥ ڪلاڪ پنتي آهن. نقشي ۾ ڳاڙهي رنگ جي گهاٽي ٿي. اهو گرينچ وقت کان ٣ ڪلاڪ پنيان آهي.

## برازيل ۾ رابطي شيوائن جو واڌارو :

برازيل ۾ رابطو شيوائون بيحد واڌارو ڪيل ۽ ڪارگر آهن. انهن ۾ ٽيليفون، موبائيل، ٽي.وي.، ريڊيو، ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ وغيره شامل آهن. برازيل ۾ 45% کان وڌيڪ آدمشماري انٽرنيٽ جو استعمال ڪري ٿي. برازيل جي ڏکڻ وچين پاڱي ۾ ٽيليفون جون بنيادي شيوائون خوب واڌارو ڪيل آهن، اُتر ۽ اُتر اولهه پاڱي ۾ آدمشماري گهٽ هئڻ سبب شيوائن جو محدود واڌارو ٿيو آهي.

زميني بناوت، وَ ڪُشادي ايراضي، ماڻهن جي بستي نه هئڻ، گهاٽا ٻيلا وغيره رنڊڪن تي مات ڪري ٽيليفون شيوائن جو واڌارو ڪرڻ برازيل اڳيان هڪ للڪار آهي. ويجهڙائيءَ جي سالن ۾ برازيل ۾ ٽيليفون، ڄاڻ تڪنيڪ ۽ انٽرنيٽ جو استعمال وڌي رهيو آهي. ٽيليفون شيوائن ۾ موبائيل جو واڌارو رهيو آهي. پولار تڪنيڪ جي کيتر ۾ برازيل ڏيهي تڪنيڪ وسيلي اپگرهه اُڇلائڻ جي تياريءَ ۾ آهي.

### پارٽ ۾ رابطو شيوائون :

شڪل ٩.٧ جي آڌار تي سوالن جا جواب لکو.

- پارٽ جي مکيه زمين جي بيحد اوير ۽ بيحد اولهه ڇيرن جي ڏگهائي ڦاڪن ۾ تفاوت لهو. اهو برازيل جي ڀيٽ ۾ ڪيترو وڌيڪ يا گهٽ آهي؟
- پارٽ جي سرڪاري وقت جي ڏگهائي ڦاڪ ڪهڙي آهي؟
- پارٽ جي سرڪاري وقت ۽ گرينچ ڏگهائي ڦاڪ جي وقت ۾ ڏگرين ۽ وقت موجب ڪيترو تفاوت آهي؟
- پارٽ ۾ ڪيترا مڪاني وقت آهن؟

## نقشي سان دوستي




شڪل ٩.١٣: بيهڪ ۽ ڪيز

### جاگرافيڪل سمجهاڻي

ڀارت جو ڊگهائي ڦاڪن موجب وستار وڏيڪ آهي. ڀارت جي بيهڪ اوڀر ۽ بيهڪ اولهه چيڙن جي وقت ۾ ١٢٠ منٽن جو فرق آهي، ڀارت ۾ هڪ ئي سرڪاري وقت آهي. ڀارتي سرڪاري وقت آهي. ڀارتي سرڪاري وقت (IST) لاءِ ٣٠′ ٨٢° اوڀر ڊگهائي ڦاڪ مقرر ڪيل آهي. اها ڊگهائي ڦاڪ الله باد شهر مان گذري ٿي، ڀارتي سرڪاري وقت گرينچ وقت کان ٥ ڪلاڪ ٣٠′ اڳتي آهي.

ڀارت جي اليڪٽرانڪ وسيلن جي ترقيءَ سبب ٽيليفون اديوگ بيهڪ رفتار سان وڌندڙ ڪيتر ٻڻجي ويو آهي. جاڻ ۽ ٽيڪنيڪ، رابطي جي ٻگہ ۾ ڪمپيوٽر، موبائيم وائيڊ ايريا نيٽورڪ وغيره ڊجيٽل ساڌنن جي وڌندڙ اثر سبب ڪيتر جو تڪڙو وستار ٿيو آهي. ڀارت وڏ ۾ وڏ سمارٽ فون ۽ انٽرنيٽ واپرائيندڙن جو ديش بڻيو آهي. ڏيهي ٽيڪنيڪ وسيلي ڦاهيل اپگره ۽ اُڇلائڻ سبب ڀارت جو ان ڪيتر ۾ آئينده روشن آهي.

### ذرا ويچار ڪريو

- دهليءَ ۾ منجهند جا ١٢ وڳا آهن برازيل ۾ مڪاني وقت ڪيترو ٿيو هوندو؟

### ذرا دماغ هلايو:

سؤرڀ ۽ اَوني ٻئي هڪ انٽرراشٽريہ ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندا آهن. ان ڪمپنيءَ جا ہہ وڀاڳہ دفتر برازيل جي ريئوڊي جنيريو ۽ مئناس ۾ آهن. هنن وٽ انهن دفترن مان هڪ - هڪ سان رابطي ۾ رهڻ جي جوابداري آهي. هنن پنهنجا وقت انهن دفترن جي ١٠ کان ٥ وقت سان ٺهڪايا آهن. ٻڌايو تہ انهن دفترن جا وقت ڀارتي سرڪاري وقت موجب ڇا هوندا؟

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

اِسرو (ڀارتي پولار سنشوڌن سنستا، اسرو سنستا ڀارت ۾ پولار سنشوڌن نسبت ڪاريہ ڪرم هلائيندي آهي.

اڄ تائين اِسرو اپگره اُڇلائڻ ۾ گهڻائي رڪارڊ قائم ڪيا آهن.

برازيل ۾ 'برازيلين پولار ايجنسي' جي رهبريءَ ۾ ديش جو پولار ڪاريہ ڪرم هلندو آهي. جديد ۽ واڌارو ڪيل ٽيڪنيڪ کي ملائي برازيل ۾ پولار سنشوڌن ڪاريہ ڪرم طيءِ ٿي رهيو آهي.

شروعات ۾ برازيل ديش اوڪاش سنشوڌن لاءِ متحد جماعت ديشن تي ڀاريندر هو، پر هاڻي چين، ڀارت ۽ يُڪرين جي مدد وٺي رهيو آهي.

**هي توهان ڪري سگهندا؟**

- ديش ۾ ڪهڙو سرڪاري وقت هئڻ گهرجي اِهو ڪنهنجي آڌار موجب ٺهڪئيندا.

## اڀياس

### سوال ١: صحيح يا غلط سبب ڏيئي ٻڌايو.

(الف)ڀارت ۾ قدرتي ۽ علحدگيءَ سبب سئر سفر جو آئينده روشن آهي.

(ب) سئر سفر نظر نہ ايندڙ ڌنڌو آهي.

(ب)آمدرفت رستن جو واڌارو ديش جي واڌاري جو اهڃاڻ آهي.

(پ)ڀارت ۾ سئر سفر ڌنڌي جو واڌارو نئين سر شروع ٿيو آهي.

(پ)ڀارت ۾ سئر سفر ڌنڌي جو واڌارو نئين سر شروع ٿيو آهي.

### سوال ٢: ٿوري ۾ جواب لکو.

(الف) برازيل ۾ ڪهڙا جُزا سٺائين ڪي ڪشش ڪن ٿا؟

(ب)برازيل جي اندرين ڀاڱن ۾ ريلوي رستا نهڻ ۾ ڪهڙيون مشڪلاتون آهن؟

### سوال ٣:هيٺين شڪل ۾ برازيليا کان ٣١ ڊسمبر تي صبح ١١ بجي هوائي جهاز نڪتو. اُهو ° ڍڳهائي ڦاڪ لنگهي نئين دهليءَ رستي والاِدووو ستاڪ ڏانهن وڃڻو آهي. جنهن وقت هوائي جهاز نڪتو تڏهن دهليءَ ۽ والاِ دِووستاڪ جي مڪاني وقت، ڏينهن ۽ تاريخ ٻڌايو. جي مڪاني وقت، ڏينهن ۽ تاريخ ٻڌايو.




### سوال-٤: مناسب جوڙا ملايو.

| 'الف' گروه | 'ب' گروه |
|---|---|
| (الف) ٽرانس اميزان رستو | (i) سئر سفر جو هنڌ |
| (ب) خشڪي رستا | (ii) ڀارت ۾ ريلو اسٽيشن |
| (ب) ويڱوڍي چنبريو | (iii) سونو چوڪنڊو شاهي رستو |
| (پ) منهاڙ | (iv) خشڪي آمدرفت |

### سوال-٥: جاگرافيڪل سبب لکو.

(الف) برازيل ۾ پسگردائيءَ سان ٺهڪندڙ سئر سفر جو واڌارو ٿي رهيو آهي.

(ب) برازيل ۾ آبي آمدرفت جو واڌارو نہ ٿيو آهي.

(ب) اُتر ڀارت جي مئداني لاءِ آمدرفت جي رستن جو واڌارو ڪارگر آهي.

(پ) ديش جي واڌاري لاءِ آمدرفت جي رستن جو واڌارو ڪارگر آهي.

(پ) انتر راشٽريہ واپار لاءِ ساموندي رتن تي مدار رکڻو پوي ٿو.

### سوال-٦: تفاوت سمجهايو.

(الف) اميزان ۾ گنگا نديءَ ۾ آبي آمدرفت.

(ب) برازيل ۾ رابطو ۽ ڀارت ۾ رابطو.

(ب) ڀارتي سرڪاري وقت ۽ برازيل جو سرڪاري وقت.

### سوال-٧: نوٽ لکو.

(الف) جديد رابطو

(ب) ڀارت ۾ هوائي آمدرفت.

(ب) قدرتي بناوت ۽ اندرين آبي آمدرفت.

(پ) سرڪاري وقت جي ضرورت.

**مشغولي:**

ڪنهن بندر/ هوائي اڏي / رابطي جي مرڪز جو دؤرو ڪري جاچ هٿ ڪريو.

UGTQJA

